(احتياط ۽ عملي اپاءَ بابت مڪمل معلومات)

# ڪورونا عالمي وبا







مرلي ڌر

پيڪاڪ

پيڪاڪ پبلشرس سنڌ

# ڪورونا عالمي وبا

[احتياط ۽ عملي اپاءَ بابت مڪمل معلومات]

مرلي ڌر

پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

كتاب نمبر 203

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪو به حصو ڪاپي يا شايع نه ٿو ڪري سگهجي.

# ڪورونا عالمي وبا

ليکڪ: مرلي ڌر

ڇاپو پهريون: 2021ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهه

ٽائيٽل: ڪپتان ابڙو

قيمت: 200 رُپيا

ڇپيندڙ: ايڇ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ: **پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ**

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

**پيڪاڪ ڪتاب گهر**

**ڪراچي:** 404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 0341-2570527، peacockbookhouse@gmail.com

**حيدرآباد:** دڪان نمبر 07 ويجهو ڪلو پڪوڙائي، عبرت پريس واري گهٽي، حيدر چوڪ رابطي لاءِ: ديدار شاد گويانگ فون: 0304-3018400

**لاڙڪاڻو:** پرگڙي پلازه جي سامهون، جرنل پوسٽ آفيس روڊ لاڙڪاڻو.

رابطي لاءِ: ڪامران شيخ فون: 0315-3578801

**خيرپور:** تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گل چونڪ، خيرپور ميرس.

رابطي لاءِ: عمران عباس، فون: 0308-3475569

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

چائنا جي
ڊاڪٽر وين ليانگ جنھن پھريون دفعو
ڪورونا (Covid-19) وائرس جي نشاندھي
ڪئي ۽ ڪورونا وگھي پنھنجي جان ڏني
۽
دُنيا جي سموري طبي عملي:
ڊاڪٽرن، نرسن ۽ مددگار عملي جي
نانءِ جن ڪورونا مريضن جو علاج ڪندي
پنھنجي جانين جو نذرانو ڏنو.

مرلي ڌر

# فهرست


- اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو — 7
- اسان هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا آهيون — مهتاب اڪبر راشدي — 12
- مسيحائي پيغمبري جو پاڇو آهي — گل محمد عمراڻي — 17
- ويا جي ڏينهَن ۾ انسانيت سان عشق — انور ابڙو — 22
- پيش لفظ — ڊاڪٽر سنيل دوداڻي — 27
- پنهنجي پاران — مرلي ڌر — 30

01 سچو اڳواڻ (ڪهاڻي) 32

02 ڪورونا وائرس جي عالمي جنگ (نظم) 34

03 هن وائرس کي هارائڻو آهي! 36

04 بيماريون بہ هاڻ گلوبل ٿينديون پيون وڃن! 40

05 وبائن جي تاريخ 42

06 سال 2020ع وبا جي وَر چڙهي ويو! 50

07 ڪورونا کان علاوه مريض لاوارث بڻجڻ لڳا! 57

08 طبي عملو: اڄ جا اسان جا هيروز 62

09 ڪورونا وائرس خلاف دوائن جي تياريءَ تي ڪم هلندڙ 68

10 ماسڪ پايو، پاڻ کي بہ بچايو تہ ٻين کي بہ! 75

11 اڄڪلهہ ڪورونا جو زور ٽُٽل آهي 83

12 دنيا ۾ ڪورونا وري موتَ ڪائڻ لڳو! 88

13 وري ڪورونا وائرس جا نوان قسم پر احتياط ساڳيو آهي! 93

14 هاڻي ڊاڪٽر بہ چون ٿا، ”هي منهنجو ٽاٽو ناهي!“ 98

15 ڇا ڪورونا ويڪسين بہ اول امير ملڪ کڻندا 103

16 غريب ملڪن جا 10 مان 9 ماڻهو ويڪسين کان محروم 108

| | | |
|---|---|---|
| 17 | ويڪسين جي تاريخ | 111 |
| 18 | ويڪسين بابت چارٽ | 113 |
| 19 | ويڪسين لڳايو پاڻ بچايو | 118 |
| 20 | ڪورونا جي مريض ڪوڙ ڇو ڳالهايو؟ (ڪهاڻي) | 121 |
| 21 | هو ذري گهٽ روئي ويٺو (ڪهاڻي) | 122 |
| 22 | ڪورونا هارائي ويو (ڪهاڻي) | 123 |
| 23 | موت جي چنبي مان بچي نڪتس! (ڪهاڻي) | 124 |
| 24 | ڪورونا جي ٽين لهر - هاٽي پارڙا بہ محفوظ نہ رهيا | 127 |
| 25 | ڪورونا ويڪسين اربين ماڻهن کي لڳي وئي | 131 |

# عالمي وبا جو پيو رخ

ڪتاب "ڪورونا عالمي وبا" جي ليکڪ سائين ڊاڪٽر مرليڌر لاءِ آءٌ ڇا لکان! ساڌو، سنت يا صوفي، سڀئي صفتون سائين کي سونهن ٿيون. انهن ٽنهي لفظن جو هڪ مطلب اهو به آهي ته جيڪو انسانن سان پيار ڪري، انهن جي سيوا ڪري، پر موٽ ۾ ڪجهه به نه گهري! ڪتاب جي فني پهلوئن تي مانواري سائين ڊاڪٽر سنيل دوداڻي بهترين لکيو آهي، جو پاڻ انهن بيمارين جو ماهر (Specialist) آهي. ان کان علاوه محترم گل عمراڻي پڻ موضوع بابت کوڙ سارا ڪتاب پڙهي پرجهي پوءِ شاندار مضمون لکيو آهي. ميڊم مهتاب راشدي وري سماجي اَلمين تي لکيو آهي، ته اسان جي تاريخ ۾ ائين ڪڏهن نه ٿيو ته پنهنجن پيارن کي ڪُلهو به نه ڏيون، مُٺِ مِٽي جي به نه وجهون، منهن به نه ڏسون، دفنائڻ وقت به 50 فوٽ پري هجون! اها ڪهڙي مصيبت آهي. حد اها آهي ته سندن ٽڏي تي وڃي چار قل به نه پڙهون... اسان جي سماج ۾ انهن رسمن کي وڏي اهميت حاصل آهي. ٽڏي تي لڙي نه وڃڻ. معنيٰ پاٻپي ختم!

اها ڪهڙي وبا آهي، جو نه ڏسي سگهجي ٿي نه پڪڙي سگهجي ٿي نه وري وٽ ڏئي ٿي. بس سيني کي موڪو ۽ بيحال ڪري ڇڏيو اٿائين. مانواري ميڊم پنهنجن ويچارن ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جي خيالن کي نهايت ئي نزاڪت سان ۽ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

ان سان گڏ سهاجهي طبيعت رکندڙ لائق ليکڪ سائين انور ابڙي جو ليک به لک لهي. انور سائين پڻ ڪورونا جي ماحول کي نهايت ويجهي کان ويهي ڏٺو آهي. ان وبا جي ڪروڙي رَوين کي اڪيون اڪين سان ملائي مقابلو ڪيو آهي. پنهنجن سان گڏ پروان جي سورن کي به سهيڙيو آهي. سائين انور جيڪو به لکيو آهي اهو دل جي حضور سان

لکيو آهي.

مسلمانن جو ويساهہ آهي تہ هڪ هزار سالن کانپوءِ هڪ 'مُجدد' پيدا ٿيندو آهي، جيڪو دين ۾، حالتن مطابق فهم فراست سان آسانيون پيدا ڪندو آهي. 1564ع ۾ هندستان ۾ پير احمد سرهندي پيدا ٿيو ۽ 1624ع ۾ وفات ڪيائين، جنهن حنفي مسلڪ ۾ ڪيئي سڌارا آندا، جيئن تہ هو ٻارهين صدي هجري ۾ پيدا ٿيو، ان ڪري کيس 'مجدد الف ثاني' (مُجدد= تَجديد ڪندڙ سڌارا آڻيندڙ+ الف= هزار+ ثاني= ٻہ) جي نالي سان مشهور ٿيو. عام تصور آهي تہ هڪ صدي ۾ ڪو مثالي فيلسوف، سائنسدان، سماج سڌارڪ پيدا ٿيندو آهي. جيئن ويجهي ماضيءَ ۾ رشي ڏيارام گدومل شاهاڻي، عبدالستار ايڌي وغيره منهنجي مت مطابق 1970ع ۾ SIUT جهڙو ادارو قائم ڪندڙ محترم اديب رضوي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر اعليٰ ايوارڊ جا حقدار آهن. مون کي اداري جي ڪارڪردگي جي ذاتي ڄاڻ آهي، جو منهنجي گهر واري 12 سال ڊائلاسز تي اتي رهي. اتي ٻيا بہ ڪيترا بيمثال ڊاڪٽر ۽ طبي مددگار (Paramedics) سهڪاري ۽ خوش اخلاق آهن. هو تمام سٺو ڪم ڪن ٿا. پر سائين اديب رضوي ۽ مرليڌر جي ڳالهہ نرالي آهي. 18-20 ڪلاڪ ساندهہ ڪم ڪرڻ کانپوءِ بہ مون سائين مرليڌر جي منهن تي گهنج نہ ڏٺو!

ڪم سان ايڏي سچائي مون تمام ٿورن ماڻهن ۾ ڏٺي! سائين سراج ميمڻ صاحب چوندو هو تہ جيڪڏهن سنڌ ۾ رسول بخش پليجي جهڙا ڏهہ سچا سياستدان پيدا ٿي پون تہ سياسي طور سنڌ کي ڪو لهر نہ لوڏو! مان جيڪر ائين چوان تہ سنڌ ۾ ڊاڪٽر اديب رضوي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جهڙا ڏهہ جوڙا ڊاڪٽرن جا پيدا ٿي پون تہ سنڌ بيمارين مان گهڻي حد تائين ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿي. ان موقعي تي اسان کي گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسس جي سرواڻ سائين ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي کي بہ ياد ڪرڻ گهرجي، جنهن ساڳي جذبي ۽ محنت سان گمبٽ جهڙي ننڍي شهر ۾ ملڪي سطح جو ادارو قائم ڪري، هڪ طرف انسانذات جي خدمت جاري رکي تہ ٻئي

پاسي اهڙو عزم رکندڙ ڊاڪٽرن، انجنيئرن، زرعي سائنسدانن لاءِ راهون نروار ڪيون ته هو به اهڙا ادارا جوڙي، پنهنجي ڌرتي جي ماڻهن جي خدمت ڪري سگهن ٿا.

## عالمي وبا جو ٻيو رخ

هن ڌرتيءَ تي ازل کان وٺي، اهي آفتون، زلزلا، ٻوڏون، وبائون وغيره اينديون رهنديون آهن، جنهن ۾ لکين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيندا آهن، ڪيئي وسندڙ شهر ويران ٿي ويندا آهن، وري نوان واهڻ وسندا آهن، ائين زماني جو چرخو پيو چلي!

ماضيءَ ۾ نهارڻ سان پتو پئي ٿو ته انگلينڊ ۾ 1606ع ڌاري وڏي وبا آئي هئي، پليگ جي ان وبا ۾ انگلينڊ ۾ لاڪ ڊائون ڪرڻو پيو هو، اهو دور جڳ مشهور شاعر ۽ ڊراما نويس وليم شيڪسپيئر (1616-1564ع) جو هو. لاڪ ڊائون کي ڪارائتو بنائڻ لاءِ هن گهر ۾ ويهي مطالعو ڪيو، ڪيئي سَو ڪتاب پڙهي پورا ڪيا. جنهن جي نتيجي ۾ هن دنيا کي لازوال ادب آڇيو. سندس مشهور ڊراما: ’ڪنگ ليئر‘، ميڪ بيٿ‘، ’روميو جوليٽ‘ وغيره ان دور ۾ لکيا ويا. 17هين صدي عيسوي ۾، يورپ ۾ پليگ جي وبا پکڙي، جنهن دنيا جي عظيم سائنسدان ۽ رياضي دان آئزڪ نيوٽن (1727-1643) کي به نه ڇڏيو پر هن همٿ نه هاري، ڪندائتو ويهي وقت کي سجايو ڪرڻ لاءِ هن دنيا جي لاهن چاڙهن تي سنجيدگي سان نئين سر ويچاريو. هن جڏهن ڪيمبرج يونيورسٽيءَ ۾ فزڪس ۾ داخلا ورتي ته اها لاڪ ڊائون سبب بند ڪئي وئي. 1665ع کان 1667ع تائين نيوٽن کي گهر ويهي پڙهڻو پيو. هن دنيا کي نئين رخ سان ڏنو ’ڪشش ثقل‘ (Earth's Gravity) جي ٿيوري ڏني، ان کان علاوه نيوٽن جا قانون (Newton Laws) جوڙيا. هن پنهنجي ڪتا ۾ لکيو آهي ته ذڪر ڪيل ٻه سال هن لاءِ غنيمت ثابت ٿيا، جو هن سائنس جي دنيا ۾ ڳٽپ جوڳو ڪم سرانجام ڏنو.

ساڳي صدي ۾ روم جي هڪ پوپ پڻ پليگ واري وبا تي تحقيق

ڪرڻ لاءِ روم شهر ۾ ڊاڪٽرن، سائنسدانن ۽ مختلف علمن جي ماهرن کي ڪوٺايو. پليگ جي سببن، اثرن ۽ بچاءُ بابت غور و فڪر لاءِ ڪيئي ڏينهن سيمينار هلندا رهيا. نتيجا مرتب ٿيا، جن مان ڪيترن ئي تي، اڳتي هلي عمل به ٿيو. دنيا ڪن اڻجاتل بيمارين کان بچي وئي.

دنيا جي دستور مطابق سنڌ ۾ به ڪيئي وبائون آيون ويون. ماتا ۽ ڪالرا جي ته مونکي به سانيڀر آهي. لڳي ٿو ته شاهه لطيف جي دور ۾ به ڪا اهڙي آفت آئي هئي، جنهن جو ذڪر پاڻ هن بيت ۾ ڪيو اٿائين:

سَگهن سُڏ نه سور جي، تا رُٽڪَن رَنجوري،
پيا آهن پٿ تي، مَٿن ماموري،
لڳين لئون لطيف چئي، سدا جي سُوري،
پرت جَن پوري، تن رويو وهامي راتڙي.
(سُر يمن ڪلياڻ)

معنيٰ: سَگهن= صحتمندن- سُڏ= چاڻ، خبر- رُٽڪَن= دانهون ڪن، ڪنجهن- ڪرڪن- رنجوري=ڏکويل، رنجيده، سورن جا سٽيل- ماموري= مهاماري، وڏي آفت، طاعون (جامع لغات لطيف- ياڳو پهريون مرتب: ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، اشاعت: شاهه لطيف چيئر، سال 2018ع، ص.130)

'ڪورونا' وبا تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي، هر ٻولي ۾ هر رخ تي لکيو ويو آهي. سنڌي ۾ به شاهڪار نظم، نثر، ڪهاڻيون، گيت، غزل لکيا ويا آهن. ڊاڪٽر سنيل دوداڻي جيئن ته انهن مُهلڪ بيمارين تي ڪم ته ڪري ٿو پر سنڌ ۾ ان موضوع تي رچندڙ ادب جي ڪيس خبر گهٽ آهي، ان ڪري ڊاڪٽر مرليڌر جي هن ڪتاب کي پهريون ڪتاب قرار ڏئي ٿو. جڏهن ته ڪي پندرهن کن ڪتاب ته منهنجي نظر مان گذريا آهن. جڏهن ته اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندڙ ادب جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي! ان وبا سان پنهنجي ٽيم ٺاهي طبي توڙي سماجي ڪمن ۾ اڳرو رهندڙ ڊاڪٽر سرور خاصخيلي پڻ "عالمي وبائن جي تاريخ ۽ ڪورونا جا ڪلور" بابت ڪتاب لکيو آهي، جيڪو 2020ع

۾ شايع ٿيو. اسان جي سڄڻ ۽ سلڇڻي اديب انور ابڙي جو تہ ڪتاب "ويا ڪان چورايل پل" (ڪهاڻيون) تازو (مارچ 2021ع) ڇپيو آهي، جيڪو پڻ هن وڏن اڪابرن جي اهل سارينديءَ "ويا ڪان چورايل گهڙين" ۾ لکيو آهي.

البت ڊاڪٽر مرليڌر جي لکڻي ۾، پنهنجائپ، پيار ۽ ارپنا جو جذبو وڏيڪ آهي، جيڪو پڙهندڙن کي موهي ٿو. جنهن ۾ سچائي آهي، سبق آهي، پاڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جون تدبيرون آهن. اداري پاران اسان مانواري سائين ڊاڪٽر مرليڌر جا ٿورائتا آهيون جو سندس ڀرين ۽ آخري چونڊ 'پيڪاڪ' هوندو آهي. پيڪاڪ سان سندس ذهني لڳاءُ آهي، ڇاڪاڻ تہ مور ٻاجهارو پکي سمجهيو وڃي ٿو.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
چيئرمين
پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي

# اسان هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا آهيون

اسان کي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪنهن اهڙي صورتحال کي به منهن ڏيڻو پوندو، جنهن ۾ اسان اُن مهل پنهنجن پيارن جي ويجهو نه وڃون، جڏهن هنن کي اسان جي ساٿ جي سيني کان وڌيڪ ضرورت هجي؟ ڇا ائين ڪڏهين سوچي سگهجي پيو ته توهان جي ڪا پياري هستي توهان کان هميشه لاءِ وڇڙي وڃي ۽ توهان ان جا ڪلهي ڪانڌي به نه ٿيو...؟ هيٺ قبر ۾ لهي هن کي پوري به نه سگهو، سندس مڙهه تي مٺ پري مٽي به نه وجهي سگهو بلڪ ڪن اوپرن ماڻهن هٿان (جن جي چهري تي حفاظتي نقاب سبب انهن کي سڃاڻڻ کان به قاصر هجو)، ڪين الله آڏو پيش ٿيڻ لاءِ، قبر حوالي ٿيندي، پنجاهه فٽ پري بيهي ڏسندا هجو. ڳالهه تصور کان ٻاهر ضرور لڳي ٿي پر هاڻي نه.

اهي سڀ انساني الميا، اسان مان ڪيترن ماڻهن تي گذري به چڪا. ڪن جا احوال يا ته ميڊيا وسيلي مليا. يا وري ڪو ڄاڻ سڃاڻ واري مٽان ڪا اهڙي مصيبت گذري ته. سوشل ميڊيا تي اطلاع لاءِ هن طرفان موڪليل اطلاع سان گڏ اِهو به پيغام ملندو رهيو ته "ڪورونا سبب تعزيت وٺڻ جا انتظام ناهن. ان ڪري زحمت نه ڪندا. وڃڻ واري لاءِ بس مغفرت جي دُعا ڪندا.

"ڪورونا" ئي اها وَبا آهي، جنهن سڄي دنيا کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي، ائين ڄڻ ڪا فلم ڏسندا هجون. ڄڻ اسان جي اکين آڏو، تيزيءَ سان منظر بدلبا هجن. يقينن ۽ بي يقينيءَ جي وچ جي ڪا منزل هجي. نه.... نه.... ائين ٿي نه ٿو سگهي.... پڪ اها ڪا سازش آهي (مسلمان ته ٻهرين سوچيندو يهودين جي سازش)، آمريڪين ان کي سندن خلاف چين جي سازش قرار ڏنو. ته اسان پاڪستانين ان کي مذاق سمجهو. اسان ته وري اُهي شير آهيون جيڪي، سونامي جي اچڻ

جو ٻڌي، سمنڊ ڪناري بيهي انتظار ڪندا آهن ته ڏسون، سونامي ڪيئن ٿو اچي؟ ياد ٿو اچي ته 1965ع واري جنگ ۾ جڏهين هندوستان جا جهاز فضائي حملي ڪرڻ لاءِ پاڪستاني حدن ۾ داخل ٿيندا هئا ۽ خطري جا گُگهو (سائرن) وڄندا هئا ته لاهوري وري پنهنجن گهر جي ڇتين تي چڙهي بيهندا هئا؛ اِهو ڏسڻ لاءِ ته هوائي جهاز مان بم ڪيئن ٿو ڪري؟

ڊاڪٽر مرليڌر جو هي ڪتاب اهڙي ملڪ ۽ اهڙن ماڻهن جي رَوين کي ڏسندي "عالمي وَبا" جي عنوان سان سندس پوئين هڪ سال دؤران وقتاً فوقتاً وبا جي بدلجندڙ صورتحال ۽ بيماري جي سببن ۽ متوقع علاج ۽ احتياطي تدبيرن تي لکيل ڪالم يا مقالن کي سهيڙي، ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو مرڪزي نقطو به ڊاڪٽر صاحب جي نثري نظم ۾ هن ريت بيان ڪيو آهي:

هي وائرس جي جنگ آهي
هن جون ڪي سرحدون ڪونهن
دشمن نظر به ڪونه ٿو اچي
هي جنگ جي ميدان ۾ به ڪونهي
هي هر جڳهه تي موجود آهي
ڪرسيءَ تي، ٽيبل تي، ڪٽ ۽ پلنگ تي
توهان جي گهر ۾ موبائيل تي.

ان مان ئي توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ڊاڪٽر مرليڌر ڪهڙي نه سولي نموني هن خطرناڪ ترين وبا جنهن سرحدن کان ٻاهر نڪري سڄي دنيا کي پنهنجي پنجوڙ ۾ ڦاسائي، نڙگهٽ کي دٻائي ڇڏيو آهي. هو هن مهلڪ بيماريءَ کي ايٽم بم کان به وڌيڪ خطرناڪ ٿو چوي. بقول هن جي:

"هي جنگ ائٽمي جنگ کان به خطرناڪ جنگ آهي ايٽم بم جو بٽڻ دٻائڻو پوندو آهي وائرس جي جنگ ڪنهن بٽڻ جي محتاج ڪونهي. ائٽمي جنگ کان به خطرناڪ ڪورونا وائرس جي جنگ."

ڊاڪٽر مرليڌر جا هڪ سالن واري ڪورونا وبا جي دؤر جا اهي

اِها وَبا خطرناڪ ڪيتري آهي ۽ ڇو آهي ان لاءِ هو سڄي دنيا جي صورتحال ۽ انگ اکر ميڙي ڇونڊي ماڻهن سان ونڊيندو رهيو آهي. بيماري ۾ ٿي سيڪڙو مريضن جو يقيني موت جو شڪار ٿيڻ ۽ پندرهن سيڪڙو مريض اسپتال داخل ٿيڻ بہ خطري جي نشاني ٿي آهي.

ان سان گڏوگڏ، هڪ ڊاڪٽر ۽ محقق طور سڄي دنيا تي بہ سندس نظر رهي ٿي. هو اِهو بہ ٻڌائيندو رهيو آهي تہ اهڙي وبائن کي دنيا اڳ ۾ بہ منهن ڏنو آهي. ۽ ان جي لاءِ نت نيون ويڪسين ٺهنديون رهيون آهن ۽ هن وبا جي خاتمي لاءِ بہ 166 مختلف قسمن جي ويڪسين تي ڪم هلي پيو. ڊاڪٽر مرليڌر گڏوگڏ پنهنجي مُلڪ ۾ واپارين جي نفع ڪمائڻ واري حرڪتن کي بہ افسوس ڪندي وائکو ڪيو آهي ۽ هڪ جملي ۾ سڀ واضح ڪري ڇڏيائين تہ "ماڻهن موت مان بہ ڪمايو". دُڪاندارن جو جان بچائڻ واين دوائن جو لڪائڻ، ماسڪ جي قيمت وڌائي ڇڏڻ ۽ سينيٽائزر جو گم ٿي وڃڻ کي هن هڪ سماجي بي حسي طور پيش ڪيو آهي.

سڄي دنيا ۾ بہ اسان جهڙو ئي حال رهيو. حڪومتن تي بي اعتمادي، سازش جو شڪ، ڪڏهين بل گيٽس تي تہ ڪڏهين چين تي، پر هو بحيثيت هڪ غير جانبدار ۽ ذهين ڊاڪٽر جي ان ڳالھ ۾ بہ يقين ڏياري ٿو تہ "سائنس هر وقت تبديل ٿيندي رهي ٿي. نوان اُهڃاڻ، نئين کوجنا ۽ نوان تجربا ۽ پوءِ نوان نتيجا، اچڻا ئي اچڻا آهن."

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي هم پيشہ ڊاڪٽرز ۽ سندن مددگار نرسز کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي جي Covid-19 جي زماني ۾ ذاتي نگاہ داري ۽ پنهنجي ذميواري(طبيعت جي خرابيءَ باوجود) ادا ڪرڻ تي، کيس "سچو اڳواڻ" قرار ٿو ڏي.

پنهنجي قلم سان هن وبا جي نتيجي ۾ جنم وٺندڙ انساني المين تي بہ نگاہ وڌي آهي. جتي ٽيڪنالاجي دنيا کي ڪم ڪار جاري رکڻ ۾ مدد ڪئي. تہ ان ساڳي ٽيڪنالاجيءَ جڙ تہ ماڻهن کي هڪ ٻئي جي قربت کان بہ محروم ڪري ڇڏيو آهي. پڙهائي بہ Online تہ واپار بہ "آن

لائين" بازار وڃڻ جي ضرورت ئي نہ رهي. انسان ڄڻ تہ هڪ ٻئي کان ڪٽجي ويو. هڪ ٻئي سان نہ ملڻ ۾ ئي ڀلائي سمجهي ٿي وڃي. ڊاڪٽر مرليڌر جي ئي لفظن ۾ تہ:

"هاڻي تہ هر ڪو ٻچي ٿو
پنهنجن پراون کان
پنهنجو پاڻ کان پنهنجن هٿن کان
پنهنجو هي هٿ ڪٽي، ڪنهن وقت
موت جو پروانو تہ نہ کڻي ايندو؟
ڪورونا تہ نہ وچڙائي ويندو؟"

ڊاڪٽر مرليڌر کي گهڻيون مبارڪون جو وَبا جي هن سال ۾، هڪ ڪارائتو ۽ معلوماتي مواد لکي ۽ سهيڙي ورتو اٿس. ۽ پيڪاڪ پبلشرس کي هن مختصر ئي سهي پر انتهائي اهم ڪتاب شايع ڪرڻ تي پڻ مبارڪباد.

**مهتاب اڪبر راشدي**
06 اپريل 2021ع

# مسيحائي پيغمبري جو پاڇو آهي

ڊاڪٽريءَ کي ادبي ٻولي ۾ 'مَسيحائي' چئبو آهي ۽ اهو پيغمبري جو پاڇو آهي. ننڍڙي هوندي ريڊرَس ڊائجسٽَ (Readers digest) ۾ جرمن ڊاڪٽر البرٽ شوازر جي آتم ڪهاڻي پڙهي دل ۾ پَڪو پهه پچايم ته پڪ مَسيحائي جو مقدس پيشو اختيار ڪبو پر اتفاق سان مون سان گڏ 1965ع کان 1967ع تائين گورنمينٽ ڪاليج قليلي ۾ پڙهندڙ هم ڪلاسي سڪندر علي شيخ ڊاڪٽر ٿي آخر ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال ٿي رٽائر ٿيو ۽ مان اِهو خواب اجان به اکين ۾ سانديو پيو اَچان. چانڊڪا ڪاليج جو اورچ ڊاڪٽر گريجيوئيٽ مرلي ڌر هاڻي به مون لاءِ هڪ اڻ ڏٺل نانءُ آهي پر سندس محنت ۽ پابوهه سان تحرير ڪيل ڪتاب جنهن جو تعارف هِن مهان دوست جي سوڪڙي آهي ۽ مون لاءِ اُتم وَٿ آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر جي وَقتائتي ريسرچ جو ثمر "عالمي وبا" Covid-19 تي لکيل سنڌي ٻولي ۾ هِيءُ ڪتاب پنهنجو پاڻ ئي هڪ اهم "پريچه" (Introduction) آهي. ڊاڪٽر مُرلي ڌَر جو ڪتاب جنهن عُنوان سان آهي. اُهو اتفاق سان وَري به بدلائڻو پوندو ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه دنيا ۾ هن مَهاماري (Pandemic) جي ٽئين لهر هلي پئي ٿي. اُن ڪانسواءِ اجان ته اسان کي ڇاڇا ڏسڻو آهي، اها به خَبر خاوند کي! ڊاڪٽر مُرلي ڪورونا ۽ سماج جي حوالي سان مفيد معلومات ڏني آهي ۽ بيشڪ ڊاڪٽرن، نَرسن ۽ ٻئي طِبي عملي، عَمَلي قربانيون ڏئي اِنسانيت جو ڳاٽ اوچو ڪيو آهي. هن بيماري جي خوفُناڪي بابت ڊاڪٽر مرلي جي جانڪاري ٺُز، دُرست ۽ قيمتي آهي. اِهو به سَچ آهي ته اڄ جا "هيروز" اُهي ماڻهو آهن، جيڪي وَيڪسين جي تجربي ۾ شامل ٿيا ۽ اُهي ڊَاڪٽر به اِنسانيت جا "سُورما" آهن، جن مريضن جو علاج ڪندي پاڻ هِن اُڳري

وَبا کي گلي لڳايو ۽ گهڻا تہ موت جو شڪار ٿي گمنام سپاهين جيان گم ٿي ويا. ساڳي طرح اَهڙيون قُربانيون نرسن ۽ پيئرا ميڊڪس بہ سڄي دنيا ۾ ڏنيون ۽ اُهي بہ تاريخ جي پَنَن تي اِتِهاسڪ رُوپ وٺي چڪيون آهن ۽ انهن ڪارنامن جي اپٽار ڊاڪٽر مُرلي بيشڪ سَرل اَنداز ۾ نان ٽيڪنيڪل بُولي ۾ Jargon ۽ ميڊيڪل Lingo کان وانجهيل نثر ۾ ڪري ٿو. "اسان وٽان اجان ٿي بي جي بيماري ختم ناهي ٿي." وارو باب پَڙهي اَچرج ڪونہ ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ پاڻ وٽ صحت وارو ڪم نوڪرشاهي جي ڪَري ڪمزور ۽ ڪرپشن ۾ وڪوڙيل آهي ۽ خُود اِدارا پاڻ ڄڻ تہ سلهہَ جا شڪار آهن. معتبر برطانوي ميڊيڪل جَرنل Lancet جا حوالا نهايت قابل اعتبار ۽ اکين کي کوليندڙ آهن. عالمي وبا جي علاج بابت معلومات افزا بحث تہ ڇا ڪورونا ويڪسين بہ اول امير مُلڪ کڻندا ۽ پوءِ غَريب مُلڪن کي ڏيندا؟ واقعي هڪ حقيقت آهي ۽ ائين ئي ٿيندو نظر اَچي رهيو آهي. پاڻ اجان ويڪسين جي خريداري جا "آرڊر" ڏئي رهيا آهيون ۽ باقي چين جي 'تحفي ۾ مليل ويڪسين ٿورن ماڻهن تائين پُهتل آهي ۽ وڏيڪ افراتفري پاڻ ڏسون پيا. ڊاڪٽر مُرلي ڌر جي هن راءِ سان مان سَهمت آهيان تہ هِن وبا صحت جي سِرشتي جي سڄي دنيا ۾ پَٽ وائکي ڪَري ڇڏي آهي. هِن جيتامڙي ڪوود-19 ڊينگو ئي ڊيري ڪَري ڇڏيو آهي ويڪسين تي اَمير ۽ غريب ٻنهي جو هڪجهڙو حق آهي. اِها سيني کي ملڻ گهرجي. ايئن نہ ٿئي تہ "ناني رڌڻ واري ۽ ڏوهٽا کائڻ وارا" واري ڪار ٿئي.

ڊاڪٽر مُرلي ڌر جو هِڪ باب اَڄُ واري اُگري صورتحال جي صحيح ترجماني ڪري ٿو جنهن ۾ هو بحيثيت هڪ سُڄاڻ سَماجياتي ماهر ۽ ڊاڪٽر اوچتو رڙ ڪري چَئي ٿو تہ دنيا ۾ ڪورونا وري موت کائڻ لڳو! ڪورونا ٻين بيمارين وانگر اسان جي زندگي ۾ شامل ٿي ويو آهي ۽ جيستائين ويڪسين نٿي ٺَهي، تيستائين مسئلو رَهَندو. پر هاڻي تہ ويڪسين بہ ٺهي وئي آهي جيڪو بيان ڊاڪٽر صاحب جو وَري ٿوري رَدَبدل سان پڙهجڻ ۾ ايندو. پر بقول ڊاڪٽر

مرلي جي ڳالهہ اِها آهي تہ اِها بيماري موجود آهي. جيڪو ڊاڪٽر جو صحيح تجزيو آهي. ماڻهو اڪثر ڪَري ڪورونا کي بيماري سمجهڻ لاءِ تيار ناهن سواءِ انهن جي جن سان واردات نہ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر مرلي ڏر عام فَهم مثال ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ جيئن ماتا ۾ مريض کي لڪائبو هيو، تيئن هِن ڪورونا ۾ مريضن کي لڪائڻو آهي، مقصد تہ اِهو مرض ٻئي کي نہ وَچڙي. عوامي Perception جي ڳالهہ ڪندي ڊاڪٽر صاحب ڏک سان چَئي ٿو تہ ايترا هزار مريض مري ويا، لکين متاثر ٿيا، اجا بہ ماڻهو ڪورونا کي نہ مڃن تہ ان جو حَل ڪهڙو آهي؟ ڊاڪٽر جا ٻيا مضمون بہ تمام ڪارائتا آهن، جيئن هن باريڪ بيني سان تحرير ڪيو آهي تہ سال 2020ع وبا جي وَر چڙهي ويو. هِتي وفاقي سرڪار شروع ۾ ڪورونا کي مڃيو ئي نہ، هاڻي بہ ساڳي غير سنجيده صورتحال نظر اَچي رَهي آهي. ڊاڪٽر مُرلي مايوس نہ آهي ۽ سيني کي اُتساهہ ڏيندي، آٿت ڏيندي لِکي ٿو تہ سائنس سڀ لاءِ آهي، ٽيڪنالاجي سڀ تائين پُهچندي، ڪٿي جلدي تہ ڪٿي ٿوري دير. اُسرندڙ دُنيا کي هوشياري ڪَرڻي پوندي. پاڻ کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کي ويجهو ڪرڻو پوندو. جيستائين وَيڪسين پهچي، تيستائين پاڻ کي بچائجي، ڪورونا جي وار کان پاڻ کي محفوظ رکجي. ڊاڪٽر صاحب ذاتي تجربا بيان ڪندي طبي عملي کي صحيح خِراج تحسين پيش ڪيو آهي ۽ انهن کي اسان جا "هيروز" چئي ٿو. انهن ڪهاڻين کي جيڪي سچيون آهن، هو 'سورن جون ڪهاڻيون' ڪوٺي ٿو ۽ بيان ڪري ٿو تہ جيڪي اسپتال ۾ آهن؛ مَريض جي ويجهو آهن ۽ اُنهن جو علاج ٿا ڪن، اُهي وڏي ڪَرب ۾ مبتلا آهن. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي چريو ٿي وڃڻ، نفسياتي مريض ٿي وڃڻ نَهي ٿو. ڪي ڊپريشن جا مريض ٿي وڃن ٿا. سڄي دُنيا جي ڊاڪٽرن کي گڏجڻو پوندو ۽ چوڻو پوندو تہ "دنيا جا ڊاڪٽرو! هڪ ٿي وڃو" جڏهن دُنيا جا ڊاڪٽر هڪ ٿيندا تہ اُن مرض کي شڪست ايندي. ڊاڪٽر مرلي ڏر هڪ عجيب ۽ دل کي ڇُهندڙ ڳالهہ چئي ٿو تہ جيڪا گهڻا ڊاڪٽر عام طرح سان ڪَندا آهن پر جيڪڏهين ڪندا تہ بہ لڪي

ڇپي پاڻ ۾ چار چَونڪ ڳالهين ۾ سُرباتن ۾ ڪَندا تہ يتين ڪي بہ ڪن آهن: هَي سماج سَيوڪ ساڌو منش مسيحا چئي ٿو ۽ بَرملا چئي ٿو بَغير ڪنهن رک رکا جي تہ ڊاڪٽرن جي ڪرنڌڙ ساک ۽ متاثر ٿيندڙ 'امان ابي' وارو ڪردار ڪورونا وري بحال ڪَري ڇڏيو آهي. هر وبا تباهي آڻيندي آهي، تہ اها ڪجهہ نوان ڏَگ، نئين سوچ ۽ نوان خيال بہ ڏئي ويندي آهي. هي وبا دنيا کي صحت جون سهوليتون بهتر بنائڻ وارو ڏَگ ڏيکاريندي، صحت لاءِ هاڪار ۽ نفرت لاءِ ناڪار ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدردي جو جذبو جاڳائيندي، هي ڪتاب معلومات اَفزا، سائنسي بحث مباحثي کي عوامي ٻولي ۾ اهڙي طرح پيش ڪري ٿو جو اهڙي 'مهاماري' کي سمجهڻ، پڙهڻ، پرکڻ ۽ ان سان مقابلي ڪرڻ جو حوصلو ملي ٿو. ڊاڪٽر مُرلي ڌر جي هي ڪاوش ڪارائتي، سَڦل ۽ سماجڪ سُوچنا آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر جي هِن ڪاوش جو جائزو وٺڻ وقت منهنجي سامهون رپورٽ آهي، جيڪا انگريزي زبان ۾ اهائي ڳالهہ چِٽائي سان ورجائي ٿي تہ هِن مهاماري جا Welfare State (فلاحي رياست) ۾ ڪهڙن جو ڪم جا خدشا (Perception) آهن ۽ عوامي صحت ۽ زندگي لاءِ ڪهڙا خطرا لاحق آهن: رپورٽ واضح ڪري ٿي تہ:

"The Novel Coronavirus Pandemic causes heightened risk perceptions, in particular related to health, mortality and economic security. In 'normal' times, these are risks covered by social welfare states via social insurance and protection policies. Impact of the welfare state on risk perceptions using data comparing 70 countries in the need of the hour. The research is essential goal post of society."

اهڙي قسم جي تحقيقي مَواد کي بہ شامل ڪرڻ گهرجي تہ هڪ سماج سُڌارڪ ۽ فلاحي رياست ۾ اَصل رياست (State) ۾ جيڪي بہ حڪومتون آهن: وفاقي ۽ صوبائي ان جي مائي باپ (State) ليکي ويندي آهي. ان بابت پاڻ وٽ خاص تحقيقي ڪَم ڊاڪٽر مرلي ڪري رهيو آهي، جيڪو جَس جوڳو آهي. ماسڪ پائڻ جي اهميت

سچي دنيا ۾ سڀ کان اولين آهي ۽ آمريڪا ۾ گهڻو نقصان بہ Trump جي نالائقي سبب ٿيو آهي. جنهن ماسڪ پائڻ کان انڪار ڪري لکين ماڻهن کي موت ڏي ڌڪي ڇڏيو. ان "وشيہ" تي ڊاڪٽر صاحب جو ليک ڪارائتو آهي جنهن ۾ هو چئي ٿو تہ ماسڪ پايو پاڻ کي بہ بچايو تہ ٻين کي بہ! پاڻ وٽ ڪورونا جي نئين ٽئين لهر ۾ ماڻهن جو ماسڪ پائڻ لاءِ انڪار يا غفلت وڏو سبب آهي، وڌندڙ ڪيسن جو. جنهن ۾ وڏا شهر ۽ ننڍا واهڻ ۽ وستيون بہ اچي وڃن ٿيون ۽ انگريزي ۾ چوندا آهن تہ Prevention is better than cure پر پاڻ واري خلق کي اڃان ان منزل تي پهچڻ لاءِ ڊاڪٽر مرلي کي اڃان وڏيڪ ڪم ڪرڻو آهي ۽ جيڪو هُو دل و جان سان ڪندو. اسان جي عادتن بابت ڊاڪٽر مُرلي سچ لکيو آهي تہ اسان مُنهن ڏئي ڳالهائيندا آهيون. اهو ختم ڪرڻ گهرجي. پاڪر پائي مِلڻُ، هَٿ ملائڻ جي منع آهي. پري کان پليڪار ڪجي. اِهي سماجي اوڻايون ۽ نقصاڪار عادتون هاڻي مَتائجن تہ سڀ جو ڀَلو ٿيندو. ويڪسين بابت بہ ڪم واري معلومات آهي، جيڪا طبي ۽ سائنسي ريسرچ کي نروار ڪري ٿي. اسان وٽ اَهڙي طرح جا منطقي ليک ٿورا آهن، ڇو تہ ماڻهن کي فقط Fiction ۽ شاعري جو شوق آهي ۽ Internet تي YouTube ۾ بہ موسيقي ڏسون ٿا. سائنسي Documentaries ڏسڻ جو رواج گهٽ آهي. ڊاڪٽر کي گُذارش آهي هو پاڻ هڪ Video Blog سنڌي ۾ YouTube تي رکي ۽ هيتري ساري "سُوچنا" ۽ جاڳرتا کي عوامي سطح تي آڻي. ڊاڪٽر جي آزاد شاعري بہ دل کي وڻي ٿي ۽ لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر جي اندر ڪو وڏو ڪَوي ويٺو تند تنواري. سندس Free verse "ڪورونا وائرس جي عالمي جنگ" اهڙي جنگ جي Warning ڏئي ٿو جيڪا ائٽمي جنگ کان بہ خطرناڪ ڪورونا وائرس جي جنگ آهي. هي ڪتاب پنهنجي طرز جو هڪ انوکو ۽ ڪارائتو ڪم آهي ۽ سيني کي پڙهڻ گهرجي.

گُل محمد عمراڻي

# وبا جي ڏينهَنِ ۾ انسانيت سان عشق

مرلي ڏر رڳو سفيد ائپرن پائي پنهنجي اسپتال يا آپريشن ٿئيٽر ۾ ڊيوٽي نٿو ڏئي، پر هيءُ اسپتال ۾ داخل مريضن جو علاج ڪري، اُتان فارغ ٿي، وري سماج جي هڪ وڏي اسپتال ۾ داخل ذهني مونجهارن توڙي هر قسم جي جهالت ۽ انڌاڌنڌيءَ ۾ ورتل مريضن جو علاج ڪرڻ لاءِ قلم کڻي ٿو. اوجاڳن ڪي پنهنجو دوست ٻڌائيندڙ: پنهنجي شعبي جو هيءُ ماهر شخص: چاهي ته پنهنجي لکڻ پڙهڻ وارن انهن چند قيمتي ڪلاڪن ۾ ٻين ڊاڪٽرن جيان ڪا ڪلنڪ کولي، ڪنهن وڏي خانگي اسپتال ۾ ويهي لکين رپيا ڪمائي سگهي ٿو، پر هي پنهنجي سماجي ۽ انسانيت سان پيار واري شعور کي ڪاڏي ڪري؟ پنهنجيءَ نرم دل کي ڪاڏي ڪري؟ ۽ پنهنجي اُجري روح کي ڪاڏي ڪري، جيڪي سندس جيئڻ ۽ ڏک سک کي ماڻهن جي هڪ وڏي ميڙ سان جوڙي وينا آهن.

ان طرح هيءُ ٻن محاذن تي ٻن روپن ۾ وڙهي ٿو: هڪ اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ۽ ٻيو پنهنجي لکڻين وسيلي صحتمند معاشري جي اڏاوت لاءِ شعور ڦهلائيندڙ ليکڪ جي حيثيت ۾.

مون ڊاڪٽر مرلي ڏر کي هميشه انسانيت پرست ۽ انسانيت سان عشق ڪندڙ جي روپ ۾ ئي ڏٺو آهي، خاص طور صحت جي معاملن ۾ هن جو جيڪو ردعمل هوندو آهي، اهو ڏاڍو چرڪائيندڙ توڙي سوچرائيندڙ هوندو آهي. سنڌ ۾ ڪهڙي به قسم جي ننڍي وڏي بيماري هجي، هي ان کان بچاءَ بابت ماڻهن کي شعور ڏيڻ لاءِ پنهنجي ننڊ آرام ڦِٽائي ڇڏيندو. اها ئي اُڻ تڻ هوندس ته هو ماڻهن تائين صحيح ڄاڻ، جلد کان جلد پهچائي.

انساني زندگيءَ کي جيئڻ هيءُ انسان ملهائتو سمجهي ٿو، ائين

شايد ئي ڪير سمجهندو هوندو! مون گذريل ڏهن ٻارهن سالن کان ڪيس ڪافي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو ۽ سندس هر عمل کي سمجهيو ۽ پرکيو آهي. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولاجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن (ايس آءِ يو ٽي) ۾ هي ڊيوٽيءَ تي هجي، ڪانئس، پنهنجي ڪنهن عزيز يا دوست جي صحت جي ڪنهن معاملي تي مدد يا صلاح وٺڻي هجي يا سندس لکڻيون هجن، انهن سيني کي ڏسي مان ڪيس اڄ جي دور ۾ پنهنجي ديس جو مسيحا ئي سمجهندو آهيان، جيڪو معجزن ۾ پل ويساهه نه رکندو هجي، ڪو پهتل پيرُ به نه هجي، پر هن جي هٿ ۽ قلم جي شفا، سندس اهو پيار آهي، جيڪو ڪيس، ڪنهن به فرق کانسواءِ انسانن سان آهي.

اسان اڳ ۾ *ڪاوش دنيا* ميگزين ۾ ٻين عام بيمارين، خاص طور گڙدن جي بيمارين، هيپاٽائٽس، پيٽ واري گدلي پاڻيءَ جي نقصانن، پوليو، عورتن جي صحت جي مسئلن ۽ ڪاري پٽر وغيره سان گڏ سنڌ جي اسپتالن ۾ علاج جي اڻپورين سهولتن، ڊاڪٽرن جي روين ۽ تيمادارن لاءِ اسپتالن ۾ ويهڻ لاءِ ڪا مناسب جاءِ نه هئڻ بابت سندس ليک شايع ڪيا هئا. ان سان گڏ مريضن جون مختصر ، دردناڪ ڪهاڻيون به شايع ڪيون هيون، جن ۾ هيءَ درد جي درياهه کي ڪٺي ڪاغذن تي رکندو هئو ۽ جيڪو درياهُ اسان جيءَ دل کي ٻوڙي وجهندو هيو. پر جڏهن ڪووڊ-19 آيو ته ڊاڪٽر مرلي ڌر ان وبا خلاف بنا دير جي جنگ شروع ڪري ڏني. هي، ڪوروناوائرس ۾ ورتجي اسپتال ۾ ايندڙ مريضن جو علاج، پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهي، فرنٽ لائين سپاهيءَ طور ڪرڻ لڳو - ۽ سج لٿي جو ٿڪجي ٽُٽي گهر پهچي، وري ساڳئي وبا جي مختلف پهلوئن تي ليک لکڻ لڳو، جيڪي اسان *ڪاوش دنيا* ميگزين ۾ ترجيحي بنيادن تي شايع ڪيا. گڏوگڏ اسان به جڏهن ڪيس اهڙي ئي ڪنهن مؤضوع تي لکي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو ته، انڪار نه ڪيائين. ٻئي ڏينهن تي اهو مضمون ملي ويندو هئو. سندس اهي سڀ ننڍيا وڏا ليک هن ڪتاب جو حصو آهن.

جيئن ته ان عالمي وبا جو وڏو علاج ماڻهن کي ان بابت شعور ڏيڻ

هو. احتياط ئي ان جو علاج هو. ايس او پيز تي عمل ڪرڻ سان ئي پاڻ کي ان کان بچائي پئي سگهياسين، تڏهن ئي ڊاڪٽر مرلي ڏر وبائن جي تاريخ کان وٺي چين جي شهر ووهان مان ڊسمبر 2019ع ۾ دنيا ۾ پکڙجڻ شروع ڪيل ان وائرس کي پنهنجي تحريرن جو موضوع بڻايو ۽ عام ماڻهن جي اڻوجهائي توڙي سُستي ۽ هر مسئلي کي سولو وٺڻ واري ذهني لاڙي کي ڪٽي انهن کي هر هفتي ليک ۾ ٻڌائيندو رهيو. ته ڪين ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هن پنهنجي هر لکڻيءَ ۾ ڪوشش ڪئي ته، هُو اهو ٻڌائي ته، 'هيءَ وبا هڪ حقيقت آهي، ان تي اعتبار ڪريو، وهمن ۾ نه وڃڙو ۽ ان کان پاڻ کي بچايو.' هن 2020ع وارو سمورو سال توڙي 2021ع جا هي ٽي مهينا (مارچ تائين) ڪورونا بابت دنيا ۾ ٿيل تحقيق ۽ ويڪسينيشن سميت هر لاڳاپيل ڄاڻ، رضاڪارانه طريقي سان پنهنجي ماڻهن تائين پئي پهچائي آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڏر ته پنهنجي برادري (ڊاڪٽرن) جي ڪردار تي به تنقيدي انداز ۾ لکيو. جيڪي ڪورونا جو شڪار مريضن جو علاج ڪرڻ کان لنوائي رهيا هئا، ته سرڪار جي عملن کي به بحث هيٺ آندو. جنهن مان هن جو بنيادي مقصد رڳو ۽ رڳو عام ماڻهن جون جانيون بچائڻ هو. هن پاڻ کي وساري ايترو ڪم ڪيو جو نيٺ پاڻ به ڪورونا وائرس جو شڪار ٿي پيو. پر هن همٿ نه هاري ۽ مقرر ڏينهن آئسوليشن ۾ رهي وري ويڙهه واري محاذ تي، پهرين قطار ۾ اچي بيٺو، جتي اڄا بيٺو آهي، ڇاڪاڻ جو هيءُ ڪورونا وائرس اڄا موجود آهي، ان جي ٽين لهر هلي رهي آهي، ۽ ڊاڪٽر مرلي ڌر هر وقت اسان کي ان کان بچاءَ لاءِ خبردار ڪندو رهي ٿو. هيءُ ڪتاب به سندس اهڙي ئي اضافي ڪوشش آهي ته اسان هن عالمي وبا کي سمجهون ۽ ان کان پاڻ کي بچايون. ناسمجهي نه ڪريون. انسانيت جو درد هئي هر درد کان اتم آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر ته سوشل ميڊيا تي به جڏهن ڪا ڳالهه صحيح نٿو سمجهي ته ان تي فوري طور react ٿو ڪري. منهنجي ڪهاڻي "احمد حسين رڪشا وارو" فيس بڪ تي پڙهيائين (جيڪا ڪورونا

ويا جي موضوع تي لکيل منهنجي ڪهاڻين واري ڪتاب:'ويا ڪان چورايل پل' ۾ بہ شامل آهي)، جنهن ۾، لاڪ ڊائون جي ڏينهن ۾ احمد حسين رڪشا وارو بيمار ٿي پيل پنهنجي گهرواريءَ کي دوا وٺي ڏيئي، وري روزگار لاءِ رڪشا ڪاهي شهر جي ويران رستن تي نڪري وڃي ٿو تہ ڊاڪٽر مرلي ڌر ان کي صحيح نہ سمجهندي چيو، 'چا بہ ٿي پوي احمد حسين کي رڪشا ٻاهر نہ ڪڍڻ گهرجي ۽ گهر ۾ ئي رهڻ گهرجي.' ان طرح ويا جي هِنن مهينن دوران هن هر ڳالهہ تي نظر پئي رکي آهي.

هي تہ دانهون ڪري، اسان عام ماڻهن کي چوي ٿو تہ، ماسڪ پايو، لاپرواهي نہ ڪيو- ۽ پنهنجي سرڪار کي منٿ ٿو ڪري تہ، سرمائيدار ۽ آسودن ملڪن جيان اوهان بہ پنهنجي ملڪ جي غريب ماڻهن کي برابريءَ جي بنياد تي، مفت ۾ ويڪسين جي سهولت ڏيو.

اسان کي خبر آهي تہ سماج جا پنهنجا مجموعي رويا هوندا آهن، جيڪي انساني ارتقاء جي سفر دوران ٺهيا آهن، جڏهن تہ باشعور ماڻهن جا بہ پنهنجا رويا هوندا آهن، جيڪي سندن خانداني تربيت، ذاتي تجربن، مطالعي ۽ مشاهدي جي بنياد تي ٺهندا آهن. ڊاڪٽر مرلي ڌر، پنهنجي شعور کي ايترو پختو ان ڪري بہ ڪري سگهيو آهي، جو کيس سندس گهرَ جو ماحول انسان-پرور مليو، ۽ جڏهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ ويو تہ، اُتي بہ سندس تعلق ۾ اهي ئي ماڻهو آيا، جن وٽ انسانيت سان پيار جو ئي پيغام هو. سو اهڙي شخص جو هيءُ ڪتاب ويائن جي مختصر تاريخ بہ آهي تہ، ڪووڊ-19 جو مختصر دستاويز بہ آهي، جنهن ۾ اصلاحي پهلوءَ سان گڏ صحت جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن ڏانهن مثبت روش اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏني ويئي آهي. هيءُ ڪتاب اسان کي انفرادي طور بہ ايجوڪيٽ ڪري ٿو تہ اجتماعي طور، توڙي سرڪاري سطح تي بہ صحت جي معاملن کي سمجهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو.

ڊاڪٽر مرلي ڌر پنهنجي پيشي واري موضوع کان ٻاهر نٿو وڃي. سندس هر اکر ۾ انسانيت جي چڱيلائي آهي، تنهن ڪري سندس

هيءَ عظيم انساني خدمت هميشہ ياد رکي ويندي. سندس هن علمي ۽ تاريخي ڪم کي، اڄ ۽ سڀاڻي، ڪير بہ، ڪنهن بہ طرح نظرانداز نہ ڪري سگهندو. اڄوڪو دور ڀل تہ پنهنجي اندر ۾ بيرحم بي حسي کڻي آيل هجي، هر قسم جا، هر سطح تي فرق کڻي آيو هجي، ۽ سنجيده مسئلن ڏانهن غيرسنجيده روين کي وڌائيندو هجي، پر اهڙي دور ۾جڏهن ڊاڪٽر مرلي ڌر جهڙو ماڻهو پنهنجي صاف ۽ شفاف دامن، درد رکندڙ دل ۽ روشن ذهن سان اڳتي اچي ٿو تہ هو اسان کي زندگيءَ سان پيار ڪرڻ سيکاري وڃي ٿو، انسانيت سان عشق ڪرڻ سيکاري وڃي ٿو.

هيءَ ڪتاب بہ انسانيت سان عشق جو ئي داستان تہ آهي.

**انـور ابـڙو**
25 مارچ 2021ع
ڪراچي

# پيش لفظ

تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان تہ ڊاڪٽر مرلي ڌر پنهنجو ڪتاب جيڪو سنڌي زبان ۾ ڪورونا مرض بابت پهريون طبي ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب تمام سولي زبان ۾ هن مشڪل بيماري 'ڪورونا' جي باري ۾ لکيو آهي، جنهن سڄي دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو آهي، هن بيماري جي ڪري انسان جي سماجي زندگي متاثر ٿي وئي آهي.

مضمون "ماسڪ پايو، پاڻ کي بہ بچايو تہ ٻين کي بہ" ۾ ڊاڪٽر صاحب امريڪا جي CDC اداري جي تجويز تہ سيني کي ماسڪ پائڻ تي زور ڀريو آهي. ليڪ ان ۾ ماسڪ جي مختلف قسمن جي باري ۾ بہ ٻڌايو آهي. ڊاڪٽر صاحب دنيا جي عالمي اداري W.H.O جي هدايت متعلق لکندي چيو آهي تہ ماسڪ ڪپڙي جو بہ پائي سگهجي ٿو پر ان کي ڌوئڻ گهرجي ۽ CDC جي تجويز موجب ماسڪ ٻن سالن کان وڌيڪ عمر وارن کي استعمال ڪرڻ گهرجي. اگر سڀ ماسڪ استعمال ڪندا، تڏهن ڪم ٿيندو، ڪورونا جي پڪڙ کان بچبو.

مضمون "عالمي وبا ڪورونا وائرس جا نوان قسم! پر احتياط ساڳيو آهي" ۾ ڊاڪٽر مرلي ڌر وائرس جي نئين قسم B.1.I 7 جيڪا برطانيا کان شروع ٿي ۽ B.1315 ذڪڻ افريڪا مان شروع ٿي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پکڙجي چڪيون آهن. ليڪ ان مضمون ۾ هن قسم جي بيماريءَ کان ڪيئن بچجي بابت بہ ٻڌايو آهي. سائين NCOC جي حوالي سان ٻڌايو تہ B.1.I 7 پاڪستان ۾ بہ پهچي چڪو آهي ۽ هن وقت جي تحقيق موجب اهو قسم ماڻهن کي وڌيڪ بيمار ڪري ٿو ۽ هن قسم جي وائرس ۾ موت جي شرح بہ وڌيڪ آهي.

"ويڪسين جي تاريخ" مضمون ۾ ليڪ ويڪسين جي تاريخ

جي باري ۾ ٻڌائيندي لکيو آهي تہ ويڪسين 1796ع ۾ ويڪسينيا وائرس جي لڳائي وئي ۽ 1979ع ۾ وڏي ماتا جو دنيا ۾ خاتمو ڪيو ويو ۽ پوليو وائرس تقريباً دنيا مان ختم ٿي ويو آهي، هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب ويڪسين پاسپورٽ جهڙو نئون خيال بہ پيش ڪيو آهي.

”هن وائرس کي هارائڻو آهي“ مضمون ۾ ڊاڪٽر مرلي هن وائرس جي عالمي ايمرجنسي بڻجي وڃڻ جي ڪري، اسان کي جيڪي اپاءُ ڪرڻ کپن، انهن جي باري ۾ ٻڌايو آهي. هن ۾ عملي جي ٽريننگ جي اهميت، آءِ سي يو ۽ وينٽيليٽر جو بندوبست ڪرڻ ۽ ٽيم ورڪ تي زور ڏنو آهي. اڳتي ڊاڪٽر صاحب هن وائرس جي ڪري انساني زندگين ۾ جيڪو سماجي مسئلو پيدا ٿي ويو آهي، جنهن ڪري اسان کي گهرن ۾ بند رهڻو پئجي ويو. جنهن نفسياتي مسئلن جنم ورتو آهي.

ڪورونا وائرس خلاف ويڪسين جي تياري تي ڪم هلندڙ بابت ٻڌائيندي ڊاڪٽر لکيو آهي تہ Remdesivir ريمڊيسور جي ريسرچ ماڻهن کي ڪجهہ جلدي ٺيڪ ڪري ٿي ۽ ڊاڪٽر صاحب ويڪسين جي تياري جي عمل جي باري ۾ بہ تفصيل سان لکيو آهي. ’ڪورونا ڇو ڪجهہ ماڻهن ۾ شديد ٿئي ٿو‘ جي باري ۾ ٻڌائيندي ڊاڪٽر صاحب چيو جيئن عمر وڌندي، موت جو خطرو وڌيڪ هوندو. بين سببن ۾ خون ۾ شگر (مٺاڻ) جن ۾ ڪورونا 3.7 دفعا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. دل ۽ بلڊپريشر جا مريض بہ شديد انفڪيشن ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. ڊاڪٽر سائٽوڪائين اسٽارم Cytokine storm جيڪو هڪ طوفان وانگر جسم جي عضون خاص ڪري ڦڦڙن ۽ دل جي پٺن کي متاثر ڪري ٿو ان جو بہ ذڪر ڪيو آهي. سگريٽ پئيندڙ ۾ موت جي شرع 12.3 سيڪڙو هئي ۽ 9.7 سيڪڙو جيڪي سگريٽ نہ پيئندا هئا. موٽاپو بہ هڪ سبب آهي، جنهن جي ڪري ڪورونا شديد ٿي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر عام مريض جو علاج ڪرڻ کان بہ ڊڄن ٿا.“ جي موضوع تي لکندي ليکڪ او. پي. ڊي ۽ آپريشن ٿيٽر بند هجڻ جي ڪري

مريضن جي مسئلن جي باري ۾ لکي ٿو تہ ڊاڪٽر پاڻ بچاءَ وارا اپاءَ وٺي، مريضن جو علاج ڪري سگهن ٿا. اٽلي جي هڪ نرس موجب "مون پنهنجي اکين سان هڪ ئي ڏينهن ۾ ايترن ماڻهن کي مرندي نہ ڏٺو آهي." ۽ ٻئي ڊاڪٽر موجب "اسان هڪ سائڪلون جي ور چڙهي ويا آهيون." ڪورونا جي ڪري ساهہ جي تڪليف واري هر مريض کي ڪورونا جو مريض سمجهي ڊاڪٽر انهن جو علاج ڪرڻ بجاءِ ڪورونا سينٽر ڏانهن موڪلين ٿا.

"سال 2020ع وبا جي ور چڙهي ويو." مضمون ۾ ليکڪ چوي ٿو تہ 2020ع ڏاڍو مايوس ڪندڙ رهيو. ڪورونا جي ڪري دنيا جي معيشت متاثر ٿي، ماڻهو ڏچي ۾ پئجي ويا. اها اهڙي آفت هئي، جنهن لاءِ ماڻهن سوچيو بہ نہ هُيو تہ هيئن گهرن ۾ بند ٿي ويندا سون ۽ ڪيترن ئي پنهنجا پيارا وڃايا. مان ڪورونا ۽ اهڙن ٻين انفيڪشن جو علاج ڪندو رهيو آهيان. گذريل پورو سال ڪورونا جي مريضن ۾ گذريو. ٻين ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي سان گڏجي مريضن جو علاج ڪيم. هي ڪتاب ڪورونا وائرس بابت تفصيلي معلومات پهچائي ٿو. جنهن ۾ اپاءَ، احتياط، تدبيرون، علاج وغيره بابت آسان سنڌي ۾ سمجهاڻي ڏني وئي آهي ان ڪري هر ماڻهوءَ کي پڙهڻ گهرجي.

**ڊاڪٽر سنيل دوداڻي**
ڪورونا ۽ ٻين انفيڪشن وارين
بيمارين جو ماهر

# پنهنجي پاران

2019ع ۾ چائنا مان شروع ٿيندڙ ڪورونا وبا آخر سڄي دُنيا کي پنهنجي چنبي ۾ آڻي ڇڏيو. پاڪستان بہ ان کان بچي نہ سگھيو. سلسلو اڃان جاري آهي. دنيا ۽ پاڪستان ۾ وبا جو ٽيون حملو جاري آهي، جيڪو شديد آهي. اِن دوران مون ويهارو کن مضمون، 15 ڪهاڻيون ۽ 15 نظم (سنڌي ۽ اردو) ۾ ڪورونا بابت لکيا. مضمونن ۾ ڪوشش ڪئي تہ ماڻهن کي بيماري بابت معلومات ڏجي، ان کان بچڻ لاءِ ٻڌائجي ۽ ان جي علاج متعلق بہ آگاهي ڏجي. ويڪسين جيئن تہ تيار ٿي چڪي آهي، ان متعلق بہ ماڻهن کي تفصيل سان ٻڌايو آهي. اِهي سمورا مضمون ڪاوش دُنيا ۾ ڇپيل آهن. اِن لاءِ اداري ۽ خاص ڪري سائين انور ابڙو جي مهرباني جنهن مضمونن کي مئگزين ۾ جڳهہ ڏني ۽ ماڻهن جي وڏي انگ تائين بنيادي ڄاڻ فراهم ڪئي.

محترم قمر آفتاب ابڙو ۽ ظفر آفتاب ابڙو پيڪاڪ پبلشرس ڪتاب جلدي ڇپڻ لاءِ ڪوششون ورتيون ۽ صلاحون ڏنيون. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، سائين گل محمد عمراڻي، محترم انور ابڙو، ڊاڪٽر سنيل دوداڻي، ڊاڪٽر پشپا ولي، محترمہ جهان آرا سومرو ۽ سائين محمد علي پناڻ ڪتاب تي لکي ڏنو سندن ٿورائتو آهيان. ايس آءِ يو تي جتي مان ڪم ڪندو آهيان. اُتي ڪورونا جي مريضن جو علاج بہ ٿيندو آهي. شروع ۾ ڪافي مسئلا ٿيا، سامان مشڪل سان پئي مليو. ايسٽائين جو ڪپڙن سبڻ وارا اداري ۾ آنداسون.

ايس آءِ يو تي ڪورونا آءِ سي يو، ڪورونا وارڊ ٺاهيا ۽ ڪيترن ئي مريضن کي فائدو ٿيو. مون سميت ڪيترائي ڊاڪٽر، نرسون، مددگار عملو ڪورونا کان متاثر ٿيو. ڪجھہ ماڻهن کي هلڪو تہ ڪن

ڪي شديد ڪورونا ٿيو ۽ اسان جي چئن ساٿين مريضن جي پرگهور لهندي پنهنجي جان جو نذرانو بہ ڏنو. ايس آءِ يو ٽي پهرين لهر جي شروع ۾ ئي ڪورونا جا وارڊ ۽ آءِ سي يو ناهيا ان ٽيم ۾ مان بہ پيش پيش هيس راتيون جاڳي ڪورونا جي مريضن جو علاج ڪيوسين اداري جي سربراهہ پاڻ اُن جي سربراهي ڪئي ۽ پنهنجي صحت ۽ جان جي پرواه نہ ڪئي. شروع وارا ڏينهن ڪافي رنجائيندڙ هئا مرض نئون هُيو، دوا جي خبر نہ هئي تہ ڪهڙي اثر ڪندي مختلف صحت واري تنظيمن روز نيون هدايتون پئي ڏنيون. اِن مرض جي علاج لاءِ گهڻا ادارا بہ قائم نہ ٿيا هيا ماڻهو سمجهن بہ گهٽ پيا ۽ سختي بہ هئي. جڏهن ماڻهن کي پنهنجي پيارن جا مڙهہ نہ پيا ملن تہ هُو وڙهن پيا ماڻهن ۾ پيو بہ گهڻو هيو. بس ائين پئي لڳو تہ جڻ ڪا جنگ ڇڙي وئي آهي. اها جنگ هي هئي هڪ وائرس جي انسان خلاف جنگ.

هاڻي ويڪسين بہ اچي وئي آهي، ايس آءِ يو ٽي ويڪسينيشن جي عمل ۾ بہ شامل آهي. ڊائلسيس ۽ ٽرانسپلانٽ جي مريضن جو ڪورونا جو علاج ڪرڻ ۾ بہ SIUT شامل آهي. اسان سڀني جي گڏيل ڪوشش، احتياط ۽ وقت سر ويڪسينيشن سان اميد تہ ڪورونا مان جلد جان ڇٽندي.

**مرلي ڌر**
8 مئي 2021ع
ڪراچي

# سچو اڳواڻ

هُو چوي ٿو "مون کي تہ اِهو ڪرڻو آهي!"

ڪورونا جو وڳو پائي، مُنهن تي ماسڪ هڻي ڪورونا جي مريضن واري وارڊن ۾ گهڙي ٿو، چوي ٿو تہ، "مان پاڻ انهن کي ڏسڻ ڪانسواءِ مطمئن نہ ٿيندس." ساٿي عملو منع ٿو ڪريس، ٻار منع ٿا ڪنس تہ، هُو ائين نہ ڪري، چاڪاڻ تہ ائين ڪندي سندس صحت ۽ حياتيءَ کي خطرو آهي، پر هُو ڪاهوڙي آهي، موت جي پرواهہ نہ ڪندي پنهنجو ڪردار نڀاهڻ ٿو چاهي.

ڪورونا جو خوف سيني کي آهي، خاص ڪري وڏي عمر جي ماڻهن کي. اهو وڏي عمر جي ماڻهن لاءِ موتمار بہ ٿي سگهي ٿو. هُن کي اِها خبر هوندي بہ، اِن ڳالهہ جي پرواهہ ڪرڻ ڪانسواءِ، هن ڪورونا خلاف پنهنجي اداري ۾ هڪ وارڊ ۾ آءِ سي يو کوليو- ۽ اِن ڳالهہ تي مستقل مزاجيءَ سان قائم رهيو تہ، 'ماڻهن جي مدد ڪرڻي آهي.'

سندس ڪجهہ ساٿين جو خيال هيو تہ، "اِن ۾ نہ پوڻ گهرجي. هُن جو چوڻ هُيو تہ، "ماڻهن کي اسان جي ضرورت آهي. ماڻهو مرن پيا، اسان کي انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي."

زلزلي ۽ ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ بہ اُن اِهو ئي ڪيو هيو. جبل جهاڳيا هئائين. زلزلي ۽ ٻوڏ وارن علائقن ۾ پاڻ ويو هُيو ۽ ميڊيڪل ڪئمپون هنيون هئائين- ۽ اوستائين ساٿين سميت اُتي رهيو هو، جيستائين مسئلو حل نہ ٿيو هيو.

هُو ڪورونا واري صورتحال ۾ بہ ائين ڪري رهيو آهي. ڏينهن رات موجود آهي. ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ٻئي طبي عملي جي بہ ڳڻتي اٿس. انهن لاءِ بچاءَ جا سمورا جتن بہ ڪري ٿو ۽ ساٿين کي اِها بہ چوٽ ڏئي ٿو تہ، "جيڪي پاڻ ۾ پوتو نہ پائين، سي بلاشڪ گهر ۾ رهن،"

چاڪاڻ تہ هو سمجهي ٿو تہ، هِن ويڙهہ ۾ زندگيءَ جي بازي هاري بہ سگهجي ٿي، تنهن ڪري ھُو ڪنهن تي بہ زور بار نہ ٿو رکي. هُو چوي ٿو "مون کي تہ اِهو ڪرڻو آهي."

رات جو دير تائين اسپتال ۾ رهي ٿو ۽ مريضن کي ڏسي ٿو. هو هڪ لمحي لاءِ بہ اِهو نہ ٿو سوچي تہ، ائين ڪرڻ سان سندس زندگي بہ وڃي سگهي ٿي. هُن انهيءَ لگن سان ستن بسترن جي اسپتال کي هزارين بسترن واري اداري ۾ تبديل ڪيو آهي.

هُن ڊاڪٽري ڪئي، روشن خيال سٽ جو ساٿاري رهيو. جنهن جو متو هُيو 'مفت صحت ۽ تعليم هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي.' هُن اِن لاءِ جاکوڙيو. صحت ۽ تعليم: ٻئي مفت پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. هن هڪ اهڙو ادارو ٺاهيو. جنهن صحت ۽ تعليم: ٻئي مفت پهچائڻ جو بندوبست ڪيو. 'مفت علاج: عزت ۽ نفس سان هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي،' جي متي تي سندس ٺاهيل ادارو قائم آهي. زلزلو هجي يا ٻوڏ هجي يا ڪورونا، هُو پاڻ سرواٽي بہ ڪري ٿو تہ، ڪارڪن واري ذميداري بہ نڀائي ٿو. هُو واقعي سچو اڳواڻ آهي.

(نظم)

# ڪورونا وائرس جي عالمي جنگ

جنگيون تباهي آڻينديون آهن
بربادي برپا ڪنديون آهن
پهرين عظيم جنگ ٻي عظيم جنگ
ٻيون ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون جنگيون
پٽ، ڀائر، پيءُ ۽ مڙس مرندا آهن
زالون، مائرون، ڀينرون ويران ٿينديون آهن
دشمن هڪ ٻئي جي سامهون هوندا آهن
گولين ۽ بم گولن جا آواز ايندا آهن
دشمن جي وار جي خبر پوندي آهي-
جنگيون هميشه تباهي آڻينديون آهن
ڪڏهن هڪ خطي تائين محدود
ڪڏهن اڌ دُنيا برباد ٿيندي آهي
هي وائرس جي جنگ آهي
هن جون ڪي سرحدون ڪونهن
دشمن نظر به ڪونه ٿو اچي
هي جنگ جي ميدان ۾ به ڪونهي
هي هر جڳهه تي موجود آهي
ڪُرسي تي، ٽيبل تي، کٽ ۽ پلنگ تي
توهان جي گهر ۾ موبائيل تي
جنگيون انسانن کي پري به ڪنديون آهن ته ويجهو به
وائرس جي جنگ انسانن کي هڪ ٻئي کان پري ٿي ڪري
هزارين لکين مريو وڃن ڪروڙين متاثر ٿين
ايبولا، سارس، مرس، اسپينش فلو

اسپينش فلو ڪروڙين ماريا پهرين عالمي جنگ لڳي
ڪورونا جي جنگ جاري آهي عالمي جنگ کان بہ وڏي جنگ
هزارين مري ويا لکين متاثر آهن، سلسلو جاري آهي
هٿيارن جي جنگ ۾ مائرون، ڀينرون، زالون ويران ٿينديون آهن
وائرس جي جنگ ۾ پُٽ، ڀاءُ، پيءُ، مڙس بہ ويران ٿيندا آهن
هي خطرناڪ جنگ آهي، وائرس جي جنگ
وائرس جي انسانن جي خلاف جنگ
هي جنگ ائٽمي جنگ کان بہ خطرناڪ جنگ آهي
ائٽم بم جو ٻٽڻ ڏيهاڙو پوندو آهي
وائرس جي جنگ ڪنهن ٻٽڻ جي محتاج ڪونهي
ائٽمي جنگ کان بہ خطرناڪ ڪورونا وائرس جي جنگ

# هن وائرس کي هارائڻو آهي!

عملي جي ٽريننگ بہ اهم آهي. پهرين تہ آءِ سي يو ۽ وينٽيليٽرس جو بندوبست ڪرڻو پوندو. ٽيم ورڪ تي زور ڏيڻو پوندو. ڪيترا ماڻهو علاج برداشت ڪونہ ڪري سگهندا، انهن جي واهر ڪرڻي پوندي. پنهنجي قوم لاءِ اڳتي اچڻو آهي ۽ ڪجهہ ڪرڻو آهي. طبي عملو هن ويڙهہ جو سرواڻ آهي. اهو تندرست هوندو تہ ڏکهي ويڙهہ وڙهندو.

هاڻ ڪورونا وائرس سڄي دنيا کي وڪوڙي ويو آهي. عالمي ايمرجنسي بڻجي وئي آهي. وائرس تہ ائٽمي هٿيارن کان بہ خطرناڪ ٿيندا ٿا وڃن، جيڪي بغير بنڻ دېائڻ جي ماڻهو ٿا مارين. ان کي منهن ڏيڻ لاءِ سڄي دنيا کي گڏجڻو پوندو، خاص ڪري پئسي وارا ملڪ وڌيڪ ذميدار آهن. هن وائرس ۾ ڪنگهہ، بخار، نمونيا ۽ عضون جو خراب ٿيڻ شامل آهي. 15 سيڪڙو کي اسپتال ۾ داخل ٿو ڪرڻو پوي ۽ 5 سيڪڙو کي آءِ سي يو جو علاج ٿو گهرجي. اِهو وائرس چين جي شهر ووهان مان شروع ٿيو جتي مرض ۾ ورتل ماڻهن مان 4 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو مئا، جڏهن تہ اٽلي ۾ 3 سيڪڙو کان وڌيڪ موت جو شڪار ٿيا آهن. سلسلو هلندڙ آهي. اِهو وائرس ٻارن ۾ بہ ڏٺو ويو آهي، پر خطرناڪ ثابت نہ ٿيو آهي.

هي وائرس 6 فٽ جي فاصلي تائين ڪنگهہ ۽ نڇن سان پکڙجي سگهي ٿو. چين ۾ آبادي 20 سيڪڙو بہ متاثر نہ هئي. چين سڀ ڪجهہ بند ڪري ڇڏيو. ماڻهو گهرن ۾ بند رهيا. ان وائرس انسانن جي سماجي جيو واري حيثيت کي چئليج ڪيو آهي ۽ ٻاءُ کي ٻاءُ کان الڳ ڪيو آهي. خوف جي ڪري انسانن جي هڪٻئي سان مدد واري جذبي کي بہ متاثر ڪيو آهي. چين، اٽلي، ڏکڻ ڪوريا ۽ جاپان ان

ڪان وڌيڪ متاثر ٿيا آهن. هاڻ آمريڪا ۽ ٻيا ملڪ به متاثر ٿيڻ لڳا آهن. جيڪڏهن معاملو وڌيو ته سماجي فاصلو، احتياط، هٿ ڌوئڻ، منهن تي هٿ نه لڳائڻ بچاءَ ڪندا. ويڪسين ۽ دوائون تياريءَ جي مرحلي ۾ آهن، جن کي سال ڪان ڏيڍ سال لڳندو. آمريڪا هڪ دوا ٺاهي پيو ان تي دنيا جو دٻاءُ رهندو (اها دوا حاصل ڪرڻ لاءِ). اهي وائرس فلو، سارس ۽ مرس جهڙين بيمارين لاءِ ذميوار آهن.

وائرس جو پکڙجڻ ساهه جي سرشتي جي پاٽياٽ سان ٿيندو آهي، تنهن ڪري رستي تي ٿڪڻ، نڇڻ، ڪنگهڻ ۽ وائرس ڦٽا ڪرڻ انسان دشمن عمل آهي. اهڙي خطرناڪ وائرس سان منهن ڏيڻ لاءِ ايتري ئي تياري کپي. هن وائرس ڪان اول به انسانن ٻين وبائن سان جنگيون وڙهيون آهن. جهڙوڪ ايبولا ۽ هاڻي COVID-19. مستقبل ۾ انسان پنهنجون سرحدون هڪ ٻئي لاءِ بند ڪرڻ بدران وائرس جون سرحدون محدود ڪن ۽ پنهنجا وسيلا گڏ ڪن ۽ گڏجي وڙهن. ٻي صورت ۾ وائرس اها جنگ انسانن جي خلاف کٽي ويندا. وائرس ڪي هارائڻو آهي. پهريون اهو چيو پئي ويو ته، اهو فقط نڇ ۽ ڪنگهه جي ڦڙن سان ٿو پکڙجي، پر هاڻي اهو شبهو ٿو ظاهر ڪيو وڃي ته اها آب هوا مان پکيڙ به ٿي سگهي ٿي. اهو وائرس جيڪڏهن کٽي لڳي ويو ته هڪ ڏينهن ۽ ان ڪان وڌيڪ جيئرو رهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪنهن به اتي هٿ لڳايو ته اهو وائرس هٿ تي چنبڙي نڪ، وات ۽ اکين رستي جسم ۾ گهڙندو. شروع ۾ ساهه واري مٿئين سرشتي يعني نڪ، ڳلي ۽ نالي کي متاثر ڪندو، پر اهو هيٺ ڦڦڙن ڏانهن به وڃي سگهي ٿو ۽ نمونيا ۽ ساهه جي تڪليف ڪندو، آءِ سي يو جي ضرورت پوندي. ٻڪيون خراب ٿي سگهن ٿيون ۽ ساهه جي مصنوعي مشين جي به ضرورت پئجي سگهي ٿي، تنهن ڪري چيو ٿو وڃي ته وري وري هٿ ڌوئجن، وائرس مار هٿ صاف ڪرڻ وارو محلول استعمال ڪجي.

جنهن کي زڪام آهي، اهو گهر ۾ رهي ۽ ماسڪ پائي. مٿن مائٽن ڪان 6 فٽ جي فاصلي تي رهي. الڳ ڪمري جو بندوبست ڪجي يا وري ڪنهن اسپتال ۾ نويڪلائي واري وارڊ ۾ داخل ٿجي.

جيڪو طبي عملو اهڙن ماڻهن کي ڏسي ٿو، انهن کي بچائڻ لاءِ صاف ماسڪ، گائون ۽ دستانا مهيا ڪري ڏجن. چين ۾ ڪيترائي طبي عملي جا ماڻهو ان کان متاثر ٿيا. ان لاءِ پئسو کپي. سرڪار شايد اهو پورو نہ ڪري سگهي، تہ سرندي وارا اڳتي اچن. سرڪار سان ملي ماڻهن جي مدد ڪن. ڪيترائي بيروزگار ٿيندا. ڪيترائي وائرس جي ڪري گهرن ۾ رهندا. انهن جي گذر سفر جو بہ خيال رکڻو آهي. ڪيترائي "آٽين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا" (شاهہ) جيئن هوندا، انهن جي پرگهور لهڻ بہ سماج ۽ سرڪار جي ذميداري آهي، جيئن زلزلي ۽ ٻوڏ ۾ ڪيو ويو، ائين ئي ڪرڻو پوندو.

پاڪستان خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ هن وائرس جو تعداد وڌي پيو، جنهن کي روڪڻو آهي - ۽ روڪڻ جو واحد طريقو ماڻهن جو ماڻهن سان ميلاپ گهٽائڻو آهي. دنيا ائين ئي ڪري پئي. ڪمپنيون ماڻهن کي گهران ويهي ڪم ڪرڻ لاءِ چوڻ ٿيون ۽ دنيا اهو ڪري پئي. جيترو ٿي سگهي گهرن ۾ رهجي. ماڻهن سان نہ ملجي. ميڙا نہ لڳائجن، فاصلو رکجي.

اسان جي عادت آهي تہ اسين منهن ۾ مُنهن ڏيئي ڳالهائيندا آهيون. اهو ختم ڪجي. ياڪر پائي ملڻ، هٿ ملائڻ جي منع آهي. پري کان پليڪار چئجي. اٽلي ۾ روز ماڻهو ٿا مرن. انهن سڀ ڪجهہ بند ڪري ڇڏيو آهي. ويٽيڪن ۾ ايسٽر جي دعا جو ميڙ بہ نہ ٿيندو. اٽلي وارن وينٽيليٽرس، ماسڪ ۽ اهڙيون ٻيون ضروري شيون ٺاهڻ وڌائي ڇڏيون آهن. اسان وٽ ماسڪ بليڪ ۾ ٿا ملن. 8 رپئي وارو ماسڪ سون ۾ ٿو ملي. اسين ڪهڙا ماڻهو آهيون؟ موت جا سوداگر آهيون. هر شئي، جيڪا موت کان بچائي، سا مهانگي ٿي وئي آهي.

برطانيا جو وزيراعظم چوي ٿو تہ، کنگهہ ۽ بخار مان هڪ بہ هجي تہ گهر ۾ رهو. ڪيڏانهن بہ نہ وڃو. جيڪي ماڻهو وڌيڪ خطري ۾ آهن، اهي وڏي عمر جا ماڻهو، مٺن پيشابن جا متاثر، دمي جا مريض، دل جا مريض ۽ ڳورهاريون مائرون، اهي وڌيڪ خيال ڪن. ان وائرس جو ٽائيم بہ هفتا آهي. جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو ڪنهن اهڙي ملڪ مان

آيو آهي، جتي اهو وائرس متاثر ڪندڙ آهي يا اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ سان مليو آهي، تہ بہ هفتا الڳ رهندو. ڪوريا ان ڪري ڪامياب ويو جو انهن وڏي پئماني تي ٽيسٽ ڪيا ۽ ماڻهن کي گهرن ۾ رکيو ۽ اهو انهن وقت وڃائڻ کان سواءِ ڪيو. وقت تي عمل ڪرڻ اهم آهي. وقت وڃائڻ جي اجازت ڪونهي ۽ اهو برداشت ڪونہ ٿو ڪري سگهجي. بچاءُ سستو آهي. علاج مهانگو آهي. سو موتمار وائرس جي حملي کان بچو. وائرس کي جسم ۾ گهڙڻ نہ ڏيو. ان ۾ ئي بچت آهي.

# بيماريون بہ هاڻ گلوبل
# ٿينديون پيون وڃن!

اهو نئون وائرس آهي، جيڪو چين مان شروع ٿيو آهي. چين ۾ سومر، 27 جنوريءَ تائين 126 ماڻهو مري چُڪا آهن. اُتي ايمرجنسي جهڙي صورتحال آهي. اسين چين جا ويجها آهيون، جنهن ڪري متاثر ٿي سگهون ٿا. هي ڪنهن پراڻي وائرس سان ڪونہ ٿو ملي، تنهنڪري مشڪلات وڌن ٿيون. هن وائرس جو نالو MERS-CoV رکيو ويو آهي. هِن وائرس سان نمونيا بہ ٿيندي آهي، جيڪا موتمار بہ ٿي سگهي ٿي. اڪثر اِهو وائرس خطرناڪ نٿو ٿئي. هڪڙو مڊل ايسٽ ريسپارئٽري سينڊروم وائرس (MERS) بہ هيو، جيڪو سعودي عرب مان شروع ٿيو، جنهن ۾ 858 ماڻهو مري ويا هئا. اُتان اهو ڊينمارڪ پهتو، سويئر اڪيوٽ ريسپائريٽري سينڊروم (SARS) بہ آفت هئي، جيڪا بہ هڪ وائرس ڪري ٿي هئي.

دنيا هڪبئي جي ويجهو اچي چڪي آهي. بيماريون بہ هاڻ گلوبل ٿينديون پيون وڃن. ماڻهن جي اچ وڃ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏانهن تمام گهڻي آهي. مشڪل اها آهي تہ اهي سمورا وائرس؛ نزلي، زڪام ۽ ڳلي جي خرابي سان شروع ٿين ٿا ۽ سيني جو علاج آرام ۽ نزلي زڪام جي دوائن سان آهي. ڪوشش اها ڪجي تہ ٻين کي بچائجي. مُنهن تي ڪپڙو رکي کنگهجي ۽ نڇ ڏجي. زمين تي ٿڪون نہ اُڇلائجن.

ان جو نالو ڪورونا اِن جي ڪرائون جهڙي شڪل ڪري پيو. اِهو هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ ۽ هٿ ملائڻ سان بہ وچڙندو آهي. جيستائين اِهو ساهہ جي مٿئين سرشتي کي متاثر نٿو ڪري،

اوستائين خطرناڪ ڪونهي، پر جيڪڏهن اهو ڦڦڙن تائين پهتو ۽ نمونيا ڪيائين تہ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان جو ڪوبہ خاص علاج ڪونهي. ڪا ويڪسين بہ ڪونهي. بس پاڻ کي نزلي ۽ عام ٿڌ کان بچائڻو آهي. نزلي، زڪام کان بچائڻو آهي. پنهنجا هٿ صابڻ سان چڱي نموني ڌوئجن. پنهنجا هٿ ۽ آڱريون اکين، نڪ ۽ منهن کان پري رکجن ۽ پاڻ کي انهن ماڻهن کان، جيڪي متاثر آهن؛ ويجهي رابطي کان بچائجي. منهن تي ماسڪ پائجي. جنهن کي زڪام آهي، انهن کي بہ اِهو خيال رکڻ گهرجي تہ جيئن اِهو ٻئي کي نہ لڳي. اِهو "ٻيو" ان جو پنهنجو ويجهو بہ ٿي سگهي ٿو.

متاثر کي سُتو آرام ڪرڻ گهرجي. گهڻو پاڻي پيئڻ گهرجي. گرم مشروبات پيئڻ گهرجن. 19 سالن کان گهٽ عمر جي ماڻهن کي اسپرين نہ ڏجي. گهر ۾ هيوميڊي فائر رکجي. ٻاڦ بہ فائدو ڪري سگهي ٿي. پنهنجي ڊاڪٽر سان ضرور مشورو ڪجي. خاص ڪري اُهي، جن کي اڳ ۾ ساهہ جي هيءَ بيماري آهي، جهڙوڪ دمو- ۽ وڏي عمر جي ماڻهن کي ڊاڪٽر کان چڪاس ڪرائڻ کپي. بيمارين کان بچو. هينئر کان ئي بچو.

نوٽ: هي مضمون ڪورونا جي شروع واري دور جو آهي. تنهن ڪري ماسڪ سيني لاءِ تي گهڻو زور ڪونهي ڏيکاريو ويو. جيئن جيئن وقت گذريو صورتحال واضح ٿي.

# وبائن جي تاريخ

انساني تاريخ ۾ وبائون ايندڙيون رهيون آهن. وبا بيماريءَ جي ان وچڙڻ کي چئبو آهي، جنهن دُنيا جي هڪ وڏي حصي يا وري پوري دُنيا کي متاثر ڪيو هجي. مختلف وقتن تي مختلف وبائون ايندڙيون رهيون آهن، جهڙوڪ وڏي ماتا (Small Pox) ٽي بي ۽ طاعون جنهن کي ڪارو موت' بہ چيو ويجي ٿو. جيئن جيئن انسان ترقي ڪئي نوان شهر آباد ڪيا ۽ وڏي تعداد ۾ هڪ هنڌ جي ويجهو ٿيا تہ گدلاڻ وارو ماحول پيدا ٿيو صفائي نہ رهي، اهو ماحول جيوڙن (بيڪٽريا/وائرس/ پيراسائيٽس، کي وڌڻ ويجهڻ ۾ مددگار ٿيو. ڪجهہ بيمارين جو سبب نيڪال واري گندي پاڻي جو صاف پاڻي جي نلڪن سان ملي وڃڻ هيو تہ ڪڏهن وري جر جو پاڻي زهريلو ٿي وڃڻ ڪري ٿيون. جيئن اڄڪلهہ انسان گهرن ۾ بند آهن تہ صفائي بہ آهي تہ ماحول ۾ گدلاڻ بہ گهٽ آهي. ماڻهن جي گهٽي تعداد ۾ آمد رفت ۽ سفر ڪرڻ انهن جيوڙن جي وچڙڻ کي هٿي ڏني ۽ انفيڪشن وبا جي صورت اختيار ڪئي ۽ مختلف وبائون برپا ٿيون. لکين ماڻهو ماري روانيون ٿي ويون. اينٽونائين پليگ، جيڪا 180-165 عيسويءَ ۾ آئي. ان هڪ اندازي مطابق 50 لک ماڻهو ماريا هئا انهن ۾ وڏي ماتا (Small Pox) ۽ ننڍي ماتا (Measles) بہ شامل آهن. تاريخ جا ڪجهہ مؤرخ بادشاهت جي ڊهڻ جو سبب اينٽونائين پليگ کي بہ ڄاڻائن ٿا ۽ ڪجهہ وري مليريا کي جنهن کي روم فيور بہ چيو ويجي ٿو. پوءِ پليگ آف جسٽينين، جيڪا 542 AD-541 ۾ آئي جنهن کي پهرين بيبونڪ پليگ (ڪارو موت) چيو ويو. فرينڪ ايم سوڊن (Frank M Swoden) هڪ تاريخدان لکيو تہ لاشن جي هڏين مان پليگ (طاعون) جو جيوڙو ڳولهي ڪڍيو ويو ۽ چيو ويو تہ اِها ئي بيوبونڪ پليگ هئي، جنهن ڌري گهٽ پوري

انسانذات کي ختم ڪري ڇڏيو هيو.

ڪارو موت (Black Death) اِهو 1347-1352ع ۾ ڪاهي آيو هو جنهن ۾ ڪروڙين ماڻهو مئا هئا. اِها وبا مکين ۽ ڪوئن مان پکڙجي ٿي. جنهن هڪ اندازي مطابق ماڻهوڪي آمريڪا جي 63 سيڪڙو آبادي کي ختم ڪري ڇڏي هئي. اِن زماني کي جيوڙن جو سفري دور چيو ويندو هيو. ڇاڪاڻ ته طب جي سائنس ايتري ترقي نه ڪئي هئي ۽ خاص ڪري جيوڙن جي خلاف واري سائنس ايتري ترقي يافته نه هئي. 1520ع جي زماني ۾ وڏي ماتا جنم ورتو. جنهن ۾ ڇئن ڪروڙن کان ساڍا پنج ڪروڙن تائين ماڻهو مُئا هئا. ان زماني جي ماڻهن جي جسم ۾ انهن جيوڙن خلاف ڪابه مدافعت نه هئي.

1665ع ۾ لنڊن پليگ جنم ورتو. جنهن ۾ لڳ ڀڳ هڪ لک ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا. اِها به مکين ۽ ڪوئن مان پيدا ٿي. جيڪو به ماڻهو ان جو شڪار ٿيندو هيو اُن جي حياتي ٻن هفتن کان وڌيڪ نه هوندي هئي ۽ ان جو علاج به نه هيو. ماڻهو پريشان ٿي پنهنجو خون ڇئورن کان ڇوسرائيندا هئا. انهن جو خيال هئو ته اهو خراب خون نڪري ويندو ته هو ٺيڪ ٿي ويندا. ماڻهن جو اهو به خيال هيو ته اها بيماري جسم ۾ خراب هوا پرجي وڃڻ ڪري به ٿئي ٿي، سگريٽ پيئڻ ۽ سرڪي سان ٻڌل رهڙ سنگهي اِها خراب هوا ٻاهر ڪڍي سگهجي ٿي، تنهنڪري ٻارن کي به سگريٽ پيئڻ تي آماده ڪيو ويندو هيو.

1817ع کان 1923ع تائين ڪالرا جو زمانو هو. جنهن ۾ تقريبن 10 لک ماڻهو مري ويا هئا ان جو سبب ويريو ڪالرا جيوڙو هيو. اِها بيماري پائخانو مليل پاڻي پيئڻ سان ٿيندي آهي. جان سنو هڪ انگريزي فزيشن جس لهڻي، جنهن اڪيلي سر ان جي اهڃاڻن جو جائزو ورتو ۽ ڳولي ڪڍيو ته سمورا بيمار هڪ ئي پمپ مان پاڻي پيئڻ جو ٿا ٻڌائين ۽ اِهي پاڻي پيئڻ کان يڪدم پوءِ بيمار ٿا ٿين. هن پمپ مان پاڻي پيئڻ تي بندش وڌي ۽ بيمارن جو انگ گهٽجڻ لڳو.

پيلو بخار (Yellow Fever) ڏيڍ لک ماڻهو ماريا هئا. اِهو بخار هڪ مڇر جي چڪ پائڻ جي ڪري ٿيندو آهي، جنهن ۾ بيمار جي

چمڙي پيلي ٿي ويندي آهي. اِها وبا 1793ع ۾ فلا ڊيلفيا ۾ ڪاهي پئي ۽ لڳ ڀڳ ڏهه سيڪڙو ماڻهن جي موت جو سبب بڻي. 1900ع ۾ هڪ تحقيق ۾ پڌايو ويو تہ اِهو بخار هڪ مڇر جي چڪ پائڻ جي ڪري ٿئي ٿو.

1918-20ع HINI فلو جنهن ۾ هڪ اندازي مطابق پنج ڪروڙ ماڻهو مري ويا هئا، اِن کي 'اسپينش فلو' بہ چيو ويندوآهي. اِن کي اسپينش فلواِن ڪري نہ چيو ويندو آهي جو اِهو اسپين مان شروع ٿيو هو. پر اِهو پهرين عالمي جنگ جو زمانو هو. اسپين واحد ملڪ هو. جنهن ايمانداريءَ سان اِهو قبول ڪيو تہ اِن جا گهڻي کان گهڻا ماڻهو مئا هئا. اِها وبا ٻن مرحلن ۾ آئي: هڪ مرحلو 1918ع وارو هو، جنهن ۾ اِها شروع ٿي ۽ ٻيو مرحلو 1920ع وارو هو، جنهن ۾ اِها ختم ٿي.

1975-78ع ۾ آيل ايشين فلو - H2 N2 ۾ ڏهہ لک ماڻهو مئا هئا. فقط آمريڪا ۾ 75000 (پنجهتر هزار) ماڻهو مئا هئا. جيڪڏهن ويڪسين تيار نہ ٿئي ها تہ لکين ماڻهو موت جو ٻَک بڻجن ها. 2009ع ۾ سوائين فلو (Swine flu) حملو ڪيو، جنهن ۾ ٻہ لک ماڻهو مئا. اِن تقريباً دنيا جي 21 سيڪڙو ماڻهن کي متاثر ڪيو. انهن ۾ گهڻائي ٻارن ۽ نوجوانن جي هئي. ايڇ آءِ وي يا ايڊز بہ ٽيهہ لک ماڻهو ماريا هئا.

SARS (سارس) بيماري 2002-03ع ۾ سوين ماڻهو ماريا. ايبولا 2014-2016ع ۾ تقريباً يارنهن هزار ماڻهو ماريا، جيڪا آفريڪا تائين محدود رهي. MERS (مرس) 2015ع ۾ سوين ماڻهو ماريا. اِهو جيوڙو اُٺ ۽ چمڙي مان آيو هو- ۽ هاڻي ڪووڊ-19 (ڪورونا وائرس) جي وبا پکڙيل آهي، جيڪو وائرس شايد پينگولنس مان آيو آهي. ڪورونا جي جنگ جاري آهي.

جيتوڻيڪ وبائون اينديون ۽ وينديون رهيون آهن ۽ موت جو انگ ڏينهون ڏينهن گهٽجندو رهيو آهي. پراڻي زماني ۾ انهن وبائن جي اچڻ کي هڪ آفاقي سزا سمجهيو ويندو هيو. جسٽينين پليگ کي بادشاهہ جسٽينين جي گناهن جي سزا ڪوٺيو ويو هو. اڳتي هلي اِنهن وبائن جي سببن جو پتو پيو ۽ انهن بيمارين جو علاج ۽ بچاءَ جا ٽڪا بہ

ڳولي لڌا ويا. وڏي ماتا دُنيا مان ختم ڪئي وئي، جيئن هاڻي پوليو تقريباً دُنيا مان ختم ٿي چڪو آهي.

ڪئارنٽائن (Quarantine) چوڏهين صديءَ ۾ شروع ٿي. اِهو بيمارين جي وچڙڻ کي روڪڻ جو هڪ طريقو آهي، جيڪو 40 ڏينهن لاءِ ڪيو ويندو هو. ڪئارنٽائن، اطالوي لفظ ڪئارنٽا گيورني مان نڪتل آهي، جنهن جو مقصد آهي 40 ڏينهن. اِن زماني ۾ جڏهن جهاز هڪ بندرگاهہ کان ٻئي بندرگاهہ ڏانهن ايندا ويندا هيا ۽ جنهن بندرگاهہ تان آيا هوندا هئا، اُتي جيڪڏهن ڪا وبا آيل هوندي هئي تہ، جهاز کي بندرگاهہ تي لنگر انداز ٿيڻ کان اڳ ۾ 40 ڏينهن ڪئارنٽائن ۾ رهڻو پوندو هيو. سائنسدان ڪنهن انفيڪشن جي وچڙڻ جي سگهہ معلوم ڪندا آهن، جنهن کي R-naught چئبو آهي. اِها ننڍي ماتا (Measles) ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي.

ننڍي ماتا جو هڪ بيمار 18-12 ماڻهن کي ننڍي ماتا (Measles) چنبڙائي سگهي ٿو. ويجهڙائي ۾ آمريڪا ۾ اِن جا ڪجهہ مريض ظاهر ٿيا هئا. بچاءَ جي ٽڪي ۽ قوتِ مدافعت ان بيماري مان بہ انسان ذات جي جِند ڇڏائي ڇڏي آهي. هڪڙي پليگ آف ايٿنز بہ هئي، جنهن ۾ ٽائيفائيڊ بخار ايٿنز جي چوٿين حصي جيتري فوج کي ماري وڌو هيو. تقريباً اڌ جيتري هسپينيولا جي آبادي 1518 ۾ وڏي ماتا جي ڪري مارجي وئي هئي. سائنس جي ترقيءَ طب جي ميدان ۾ بہ وڏيون ڪاميابيون ماڻيون ۽ وڏي ماتا دُنيا مان ختم ڪئي وئي.

ويهين صدي ۾ آبادي تيزيءَ سان وڌي، ڇاڪاڻ تہ سائنس جي ترقيءَ جي ڪري طب جي ميدان ۾ بہ ترقي ٿي. ماڻهن جي سراسري عمر وڌي. 1900ع ۾ دنيا جي آبادي 1.6 ارب (هڪ ڏهائي ڇهہ ارب) هئي ۽ 2011ع ۾ اِها وڃي 6.8 (ڇهہ ڏهائي اٺ ارب) تي پهتي. مئي 2021ع تائين اِها 7.9 ارب تي پهتي آهي. ڪالرا، انڊيا کان شروع ٿي روس وڃي پهتي ۽ ڪروڙين ماڻهو ماريائين. وبائون اڪثر دُنيا جي هڪ ملڪ مان ٻئي ملڪ ۾ پهچنديون آهن. ڪڏهن تہ آبادين جون آباديون اُجڙي وينديون آهن.

انفلئنزا (زڪام)، جنهن جو ذڪر ميڊيسن جي ابي هپوڪريٽس 412 ق. م. ۾ ٿي ڪري چڏيو هو. ان جي پکڙجڻ وبا 1580ع ۾ ظاهر ٿي ۽ پوءِ هر ڏهن ڪان ٽيهن سالن تائين اِها وري وري ٿيندي رهي. اسپينش فلو پکڙجڻ ٿي ڇهن مهينن ۾ پنج ڪروڙ ماڻهو ماريا. HINI نئين وائرس آهي، پر اسپينش فلو سان ملندڙ جلندڙ وائرس آهي. هڪ هانگ ڪانگ فلو وبا بہ آئي 1968ع ۾ شروع ٿي. اِهو وائرس H3 N2 هو، جيڪو 1972ع تائين سڄي دنيا کي وڪوڙي ويو ۽ ڏهہ لک ماڻهو ماري وڌائين.

تنهن ڪري ايئن ڪونهي تہ ڪورونا پهرين وبا آهي. دُنيا اڳ ۾ ئي ڪيترين ئي وبائن کي ڀوڳي چڪي آهي. دُنيا اسلحي جي ڊوڙ ۾ لڳل رهي. هڪ ٻئي کي تباهہ ڪرڻ ۽ جديد هٿيار ٺهي ٺاهيائون. لڳي ٿو تہ هاڻي انهن جي ضرورت ئي نہ پوندي ۽ وبائون دُنيا کي ختم ڪنديون رهنديون. بل گيٽس ڪجھہ سال اڳ جڏهن ايبولا کي ڏٺو هو، جنهن آفريڪا ۾ تباهي آندي، تہ هن دُنيا جي وڏين طاقتن کي خبردار ڪيو هو تہ، "ايبولا هڪ اهڙي وبا آهي، جنهن ۾ ماڻهو شديد بيمار ٿيا ۽ مري ويا. انهن وبا کي گهڻو نہ وڇڙايو، پر ڪا اهڙي وبا نہ اچي، جنهن ۾ ماڻهو مبتلا تہ هجي، پر گهڻو بيمار نہ هجي ۽ اهڙا ماڻهو وبا کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا. اهڙي وبا کان بچڻ جي دُنيا کي تياري ڪرڻ گهرجي." بل گيٽس جي اِن ڳالھہ تي ڌيان نہ ڏنو ويو. سو ڪورونا اهڙي ئي وبا آهي، جنهن ۾ پنجاسي سيڪڙو ماڻهو معمولي بيمار ٿيندا آهن ۽ اُهي سماج ۾ گهمندا وتندا آهن ۽ اهو وائرس ٻين ۾ پهچائيندا رهندا آهن. پندرهن سيڪڙو کي وڏيڪ بيماري ٿيندي آهي. پنج سيڪڙو آءِ سي يو ۾ داخل ٿيندا ۽ ڪيترائي انهن مان مرندا.

ٽي بي بہ وچڙندڙ بيماري آهي، جيڪا اسان جهڙن غريب ملڪن جي بيماري آهي، جتي ماڻهو ۽ جانور هڪ وٿاڻ تي تا رهن. هڪ ئي تلاءَ مان پاڻي پيئن ٿا. ڳتيل آباديون، سوڙها گهر، غربت ۽ اڻپوري کاڌ خوراڪ، گندگي اهي سڀ، ڪنهن بيماري کي وچڙائڻ لاءِ ڪافي آهن. دنيا جي هڪ ڀاڱي چار جيتري آبادي ٽي بي جهڙي موذي مرض

۾ مبتلا آهي. ٽي بي جو جيوڙو اسان جي جسمن ۾ ڪري ٿو جيئن ئي قوت مدافعت گهٽجي ٿي وار ڪري ٿو ۽ 10-5 سيڪڙو ماڻهن ۾ اِهو پنهنجو جوهر ٿو ڏيکاري. جيڪڏهن علاج نہ ڪيو تہ اڌ جيترن کي ماري وجهندو. هر سال دُنيا ۾ اٺ لک ماڻهو ٽي بي مان متاثر ٿين ٿا ۽ ٻہ لک مريو ٿا وڃن. اڻويهين صدي ۾ ٽي بي يورپ جي هڪ چوٿائي آبادي کي ماري ڇڏيو هو. ٽي بي اڃا بہ اُسرندڙ ملڪن جو صحت جو وڏو مسئلو آهي.

تاريخي طور تي ڪوڙهہ بہ هڪ خطرناڪ بيماري رهي آهي، جنهن بہ وبا جي صورت اختيار ڪئي هئي. 13هين صديءَ ۾ ان جا سڄي دُنيا ۾ 19000 سينٽر قائم ٿيا هئا. انهن مريضن سان جنيون ٿينديون هيون. انهن کي شهري آبادي کان ٻاهر غارن ۾ ڦٽو ڪيو ويندو هيو ۽ کين مرڻ ڏنو ويندو هو. سائنس اِن جو بہ علاج ڳولي ڪڍيو ۽ هاڻ اها دنيا ۾ لڳ ڀڳ نہ هجڻ جي برابر آهي. اسان وٽ رُٿ فائو هڪ انسان دوست ڊاڪٽر هئي، جنهن ليپروسي تي ضابطو آندو.

مليريا دُنيا مان ختم ٿي وئي، پر اُسرندڙ/ غريب ملڪن ۾ اها اڃا بہ خطرناڪ بيماري آهي. ان ۾ ڪيترا ئي مريض مريو وڃن. ڪنهن زماني ۾ اِها بہ يورپ ۽ آمريڪا جي خطرناڪ بيماري هئي. ان کي رومن فيور بہ چيو ويندو هيو. آمريڪن سول وار دوران ٻنهي طرفن جا اٽڪل 12 لک فوجي مليريا کان متاثر ٿيا هئا. ترقي يافتہ دُنيا مليريا مان جند ڇڏائي ڇڏي آهي، پر اسين اڃا ڦاٿل آهيون. مليريا کي بہ منهن نہ ڏئي سگهيا آهيون. مٿان وري ڪورونا ڪڙڪيو آهي. خبر ناهي تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ ڪهڙو حال آهي اسان جو؟ ڪورونا بس بيرحم نہ ٿئي. اسان جي حالت ڏاڍي خراب ٿيندي. ماڻهن ۾ ڪو شعور ڪونهي. هُو مسخري مذاق لائيون ويٺا آهن. ويٺا بحث ڪن تہ اها تہ ڪا بيماري ئي ڪانهي سڀ ڊرامو آهي، ٻاهرين ملڪن مان امداد ونڻ جو بهانو آهي.

گذريل آچر تي خريداريءَ لاءِ نڪتس. ڏاڍو برو حال هيو. ڪو فاصلو نہ هيو. ڪو ماسڪ نہ هيو - ۽ هٿ ڌوئڻ جي تہ اسان ۾ گهٽي

عادت ڪونهي. هڪ نوجوان هڪ ٻئي نوجوان جي منهن ۾ کنگهي پيو. مون چيومانس، ”تون ماسڪ پاءِ ۽ پري تي ويهه،“ تہ ڪلڻ لڳو - ۽ مون کي چيڙائڻ لاءِ تيز تيز کنگهڻ لڳو. هڪ بزرگ ڪان ميوو خريد ڪيم وڏي عُمر جو هيو. چيومانس، ”بابا، اوهان ماسڪ پايو. توهان لاءِ ضروري آهي.“ ڪوبہ ڏيان نہ ڏنائين ۽ ٻڏو اڻ ٻڌو ڪيائين. جڻ چوندو هجي، ”هل پنهنجو وچي ڪم ڪر. ڇا جو ڪورونا؟“ تون ڪير تيندو آهين نصيحتون ڪرڻ وارو.!

ماڻهو ڏچڻو ناهي وڙهڻو آهي،“ جي هدايت تي عمل ڪندي نظر آيا ۽ ڪورونا سان دويدو مقابلو پئي ڪرڻ چاهيائون. ڪورونا ويا جون پيشنگويون پهريان ئي ڪيون ويون هيون. سائنسدان خبردار ڪندا رهيا تہ، ڪو اهڙو وائرس تباهي برپا ڪندو.

برائن والش (Brayan Walsh) 26 مارچ 2020ع تي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو تہ، 2019ع ۾ صدر ٽرمپ جي صحت ۽ انساني خدمت جي ادارن هڪ مشق ڪئي، جنهن جو نالو هيو ”ڪرمسن ڪنٽيجين“ (Crimson Contagion)، جنهن اِهو خيال پيش ڪيو تہ هڪ فلو جهڙي ويا چين مان شروع ٿيندي ۽ سڄي دُنيا کي وڪوڙي ويندي ۽ اها اڳڪٿي ڪئي وئي تہ، فقط آمريڪا ۾ 5 لک 68 هزار ماڻهو مرندا. 22 جون تائين آمريڪا ۾ 1 لک، 22 هزار 2 سئو 48 ماڻهو مري چُڪا هئا ۽ اڳڪٿي 134010 ڪان وٺي ٻہ لک ماڻهو مرڻ جي آهي. ڪجهہ ڊاڪٽرن جو خيال آهي تہ سماجي فاصلو جيڪڏهن جلدي گهٽايو ويو ۽ مُلڪ کوليو ويو تہ، روزانو 3000 ماڻهو مري سگهن ٿا ۽ ٻہ لک متاثر ٿي سگهن ٿا. اِهو تہ اُن ملڪ جو حال آهي جتي پئسو آهي، ٽيڪنالاجي آهي ۽ صحت جون سهولتون آهن، پر اُنهن اسرنڌڙ ملڪن جو ڇا ٿيندو، جتي نہ صحت جون سهولتون آهن ۽ نہ وري انهن وٽ ڪي مالي وسيلا آهن؟

اها ويا اڄ تائين اينٽارڪٽيڪا کانسواءِ سمورن کنڊن کي متاثر ڪري چڪي آهي ۽ اهو سلسلو اڃا جاري آهي. خبر ناهي تہ اها صورتحال ڪٿي دنگ ڪندي؟! نساني تاريخ ۾ جيترا ماڻهو ويائن

ماريا آهن، اوترا جنگين بہ ناهن ماريا. دنيا کي هاٽي انساني صحت بابت ترجيحي بنيادن تي سوچڻو پوندو ۽ بيمارين کي ئي پنهنجو سڀ کان وڏو دشمن سمجهڻو پوندو.

ان ڏس ۾ حڪومتن، ڊاڪٽرن ۽ ماهرن کي رٿابندي ڪرڻي پوندي تہ جيئن انسان ذات کي مختلف بيمارين کان بچائي سگهجي ۽ تيزيءَ سان ضايع ٿيندڙ وسيلا صحت جي ڪنهن بہ منصوبي تي صرف ڪري سگهجن.

# سال 2020ع وبا جي وَرِ چڙهي ويو!

ڪورونا وائرس جي ڪري دنيا جي معيشت متاثر ٿي، ماڻهن جي صحت متاثر ٿي، سڀ کان وڌيڪ متاثر غريب ماڻهو ٿيو. اميرن تي ڪو گهڻو فرق نہ پيو. ڪيترن تہ وري ڪورونا مان بہ ڪمايو. شين جا اگهہ وڌائي ڇڏيا، ماسڪ مهانگا ڪري ڇڏيا ۽ دوائون لڪائي ڇڏيون- ايئن مرندڙن کي وڌيڪ ماريو ويو. ڏاڍو مايوس ڪندڙ ماحول هيو 2020 ۾ ماڻهن کي ائين پئي لڳو ڄڻ هو پنجرن ۾ بند ٿي ويا آهن. ها، هڪڙي شئي ٿي جو ٻارن سان وقت گذارڻ جو، خاندانن کي موقعو مليو ويو. دنيا ورچوئل ٿي وئي، ٽيڪنالاجي اتي بہ انسان ذات جي واهر ڪئي، جتي اها آهي اتي ان کان ڀرپور فائدو ورتو ويو. اسان جهڙن ملڪن، جتي اڃا ٽيڪنالاجي پوري ناهي پهتي، اتي ٻارن جي پڙهائيءَ جو نقصان ٿيو. بغير پڙهڻ ۽ امتحان جي سال اڳتي وڌي ويو.

سال 2020ع ڪورونا وبا جي ور چڙهي ويو. "ڪورونا" (Corona) لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو مطلب آهي "ڪرائون"- crown (تاج). ڪجهہ آفتون انسانن جون آندل هونديون آهن، جهڙوڪ جنگيون، پهرين عالمي جنگ، ٻي عالمي جنگ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي جنگيون، جن انسانذات لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ڪيون. انهن ۾ ڪروڙين مُئا، ۽ جيڪي بچيا، اهي بُک ۽ بدحاليءَ جو شڪار ٿيا. ڪجهہ آفتون وايو منڊل ۾ موجود ننڍڙا جيو برپا ڪندا آيا آهن، جن ۾ ڪيتريون ئي وبائون بہ آيون، جيڪي ڪروڙين ماڻهن کي ماري روانيون ٿيون - ۽ ڪجهہ انسانذات جي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويون. اڳ ۾ سائنس ايتري ترقي يافتہ نہ هئي. بيمارين جو علاج ۽ تشخيص؛ ٻئي ڪونہ هئا. انهن کي قهر يا ڪنهن گناهہ جي سزا، سمجهي ماڻهن کي جهنگلن، جبلن ۽ غارن ۾ ڦٽو ڪيو ويندو هو جتي اهي چُڙي چُڙي

مري ويندا هئا. مثال طور ڪوڙهہ جي بيماريءَ بابت ڪيترن ئي سالن کان پوءِ خبر پئي تہ، اها بيماري هڪ جيوڙي جي ڪري ٿيندي آهي - ۽ ان جو علاج بہ لڌو ويو.

گذريل سال اهو ڪورونا هيو، جنهن ڪروڙين ماڻهو متاثر ڪيا ۽ لکين ماريا آهن - ۽ اهو سلسلو اڃا جاري آهي. ها، هڪ اميد ضرور پيدا ٿي آهي، ۽ اها آهي ان جي ويڪسين. ٻي عالمي جنگ جي زماني ۾ اسپينش فِلو سبب هڪ ڪروڙ کان پنج ڪروڙ تائين ماڻهن جي مرڻ جو تخمينو آهي. ان وقت ان کان نہ بچاءَ جي خبر هئي ۽ نہ ئي علاج جي ۽ نہ ئي ڪا ويڪسين ٺهي سگهي هئي. هن دفعي جيئن تہ ڪروڙين ماڻهو متاثر ٿيا آهن، جن ۾ گهڻائي امير ملڪن جي ماڻهن جي آهي. اڄ سائنس بہ ترقي ڪئي آهي. وڏين طاقتن بہ پئسا خرچ ڪيا آهن ۽ نتيجي ۾ ڪورونا کان بچڻ جي اميد پيدا ٿي آهي. ويڪسين ماڻهن کي لڳڻ شروع ٿي وئي آهي. ظاهر آهي تہ امير ملڪن جا ماڻهو ان مان اڳ ۾ فائدو حاصل ڪندا. غريب ملڪن جا ماڻهو ساڳيو ئي اميرن جا محتاج رهندا. ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن اعلان ڪيو آهي تہ غريب ملڪن کي بہ ويڪسين ڏني ويندي. اڄ بہ طبقاتي دنيا ۽ طبقاتي سماج؛ ٻئي موجود آهن ۽ انسانذات طبقن ۾ ورهايل آهي.

ڪورونا وائرس هڪ وڏو خاندان آهي، جنهن مان ڪجهہ عام نزلو زڪام ٿا ڪن، ڪجهہ جانورن کي ٿا متاثر ڪن ۽ ڪجهہ انسانن کي ٿا بيمار ڪن. سارس (SARS)، مرس (MERS) ۽ هاڻي سارس-ڪووڊ-2 (SARS-COVID-2)، جنهن کي ڪووڊ-19 (Covid-19) بہ چون ٿا. ماهر چون ٿا تہ، اهو وائرس چمڙي (Bat) ۾ هجي ٿو. اهو وائرس چين جي شهر ووهان مان جانور مان انسان کي لڳو. چين جي ان مارڪيٽ ۾ جيئرن جانورن کي ماڻهن جي سامهون ڪُهي انهن جو گوشت وڪامبو آهي. جڏهن اها وبا پکڙي، ان وقت ان مارڪيٽ ۾ چمڙن جو وڪرو نہ پئي ٿيو. تنهنڪري شڪ آهي تہ پينگولن جانور (Pangolin) ڪورونا وائرس جهڙي وبا جو سبب بڻيو. سائنسدانن

پهريون دفعو انسان ۾ ڪورونا وائرس 1965ع ۾ دريافت ڪيو هيو ۽ ان جي شڪل بہ تاج (Crown) وانگر چئي وئي. 11 فيبروري تي صحت جي عالمي اداري "سارس-ڪووڊ-2 کي "ڪووڊ-19" (Covid-19) جو نالو ڏنو. اهو وائرس انساني سياءَ جي خلاف هڪ بئي کان پري رهڻ (Social Distancing) جي باوجود وچڙي پيو. ڪيترو نہ خونخوار آهي اهو. ان جي وچڙڻ جي سگهہ بہ تمام گهڻي آهي.

وفاقي سرڪار شروع ۾ ڪورونا کي مجيو ئي نہ. صوبن واهر ڪئي، سنڌ سرڪار شروعات ڪئي ۽ ٻين صوبن پوئواري ڪئي. ماڻهن کي موت کان بچايو ويو. ڪجهہ ڪورونا بہ غريب جو همدرد نڪتو- جنهن امير ملڪن جي ماڻهن کي وڏيڪ نقصان پهچايو. غريب ملڪن ۾ گهٽ نقصان ٿيو. هاڻي آمريڪا، برطانيا وڏيڪ متاثر آهن.

چون ٿا تہ برطانيا ۾ وائرس پنهنجي شڪل بدلائي آهي ۽ وڏيڪ وچڙندڙ ٿي پيو آهي. برطانيا ۾ وري سڀ ڪجهہ بند پيو ٿئي. ٻين ملڪن جا جهاز برطانيا ڪونہ ٿا وڃن ۽ اتان ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ ڪونہ ٿا ڏين. پاڪستان بہ هڪ هفتي جي پابندي لڳائي آهي. جنگين ۾ فوجي آمهون سامهون هوندا آهن. هن جنگ جا هيروز ڊاڪٽر، نرسون ۽ ٻيو طبي عملو آهي. سائنسدان هن ويڙهہ ۾ پنيان ويهي تحقيق وارو ڪم ڪري، دوائون ۽ ويڪسين ٺاهي مدد ڪري رهيا آهن. هن جنگ ۾ دوائون کپن، اسپتالون ۽ آءِ سي يو کپن، هٿيار، ميزائيل ۽ بم نٿا کپن. بچاءَ لاءِ خندقون نہ کپن، نويڪلائي لاءِ جڳهيون ۽ بچاءَ لاءِ ويڪسين کپي. دنيا کي هاڻي ان طرف سوچڻو پوندو. صحت جي شعبي تي وڏيڪ ڌيان ڏيڻو پوندو. ڪورونا جي خلاف ڪا خاص دوا ڪونهي. وائرس مخالف دوائون جهڙوڪ ريمڊيسور، اسٽيرواءِڊ (ڊيڪسا ميٿازون)، مدافعتي سرشتي کي منهن ڏيڻ واريون دوائون، جهڙوڪ: ٽوسيليسيوميب، اميونوگلوبنس ۽ پلازما وغيره شامل آهن. اسٽيرواءِڊ، ريمڊيسور ۽ خون ڄمڻ کي روڪڻ واري دوا ڪليڪسين گهڻو استعمال ۾ اچن ٿيون. ڇهين ڏينهن کان

ڏھون ڏينھن خطرناڪ ٿي سگھن ٿا. انھن دوران جسم ۾ ھڪ عمل، جنھن کي سائٽوڪائن اسٽارم (مدافعت کي تباھ ڪندڙ طوفان) چئجي ٿو اھو اچي ٿو ۽ مريض کي اسپتال ۽ آءِ سي يو جي ضرورت پئجي سگھجي ٿي - ۽ اھو ئي وقت آھي، جڏھن اھي دوائون ڪارائتيون ثابت ٿينديون آھن. بخار لاءِ پيناڊول ونجي. گھر ۾ الڳ رھجي تہ جيئن گھرياتين ۾ وائرس نہ وچڙي. پاڪستان ۾ جيئن تہ نوجوان گھڻا آھن، وڏي عمر وارا گھٽ (اندازن چار سيڪڙو) ۽ وڏي عمر وارا خاندان سان گھرن ۾ ٿا رھن تنھنڪري ڪجھ بچاءُ آھي. امير ملڪن ۾ وڏي عمر وارا گھڻا آھن اندازن 25 سيڪڙو اُھي الڳ ھنڌن يعني "ٻڍن جي گھرن" (بزرگن جي سنڀال وارا گھر) ۾ ٿا رھن، جتي ھڪ ئي جڳھ تي سوين ماڻھو رھن ٿا ۽ سڀ وڏي عمر وارا آھن، اتي موت جو انگ تمام گھڻو ڏنو ويو. ڇاڪاڻ تہ اِھو وچڙندڙ آھي. ڪورونا وائرس نوجوانن کي بہ متاثر ڪيو آھي، پر شديد بيماري ۽ موت گھڻو ڪري انھن ۾ ڏٺو ويو، جن جي عمر 60 کان وڌيڪ ۽ ساڻ ٻيون بيماريون جھڙوڪ؛ مثلا پيشاب، دل جي بيماري، ٿولھ ۽ دمو وغيره ھو.

ھاڻي وڏي مدي واري ڪووڊ (Long Covid) جو ذڪر ٿي رھيو آھي، جنھن ۾ دماغ ۽ تنتي سرشتو متاثر ٿين ٿا. جسم جا عضوا (ٻانھون ۽ ٽنگون) متاثر ٿين ٿا، ماڻھو محتاج ٿيو وڃي. ڪجھ مريضن جا ڦڦڙ خراب ٿي ٿا وڃن ۽ اھي وڏي عرصي لاءِ آڪسيجن جا محتاج ٿيو پون. ڪجھ کي تہ وري سڄي زندگي آڪسيجن تي رھڻو تو پئي. ڪورونا ھر عُضوي کي متاثر ڪري سگھي ٿو. ڪجھ ماڻھن تہ بلڊ پريشر وڌي وڃڻ جي شڪايت ڪئي. ڪمزوريءَ جي شڪايت تہ سيني ڪئي. ھڪ ڊاڪٽر چيو تہ، "ماڻھو اھو نہ ٿو رھي جيڪو ڪورونا کان اڳ ٿو ھجي." ھن وائرس دنيا کي لوڏي ڇڏيو آھي. غريب ملڪن جي ماڻھن وٽ مرڻ کانسواءِ چارو ئي ڪونھي. ھتي ڏسجي تہ امير ملڪ بہ پريشان آھن.

پاڪستان ۾ پھريان بہ مريض 26 فيبروري 2020ع تي رپورٽ

ٿيا. شروع ۾ تہ نہ عوام مڃيو ۽ نہ حڪمرانن، تہ اها ڪا بيماري آهي. هاڻي بہ ماڻهن جي اڪثريت بچاءَ جا اُپاءَ نہ ٿي وٺي. چين ۾ شروعات نمونيا جي مريضن سان ٿي. ان وقت خبر نہ هئي تہ اهو ڪهڙو مرض آهي ۽ ان جا سبب ڪهڙا آهن. هڪ ڊاڪٽر وين ليانگ (اکين جو ماهر) جڏهن ان وائرس جي ڳالهہ ڪئي تہ ان کي گرفتار ڪيو ويو. اڳتي هلي جڏهن وائرس جي پڪ ٿي تہ ان کان معافي ورتي وئي. هُو پاڻ بہ ڪورونا وگهي ننڍي عمر ۾ مري ويو. پهريون مريض ڊسمبر 2019ع ۾ ظاهر ٿيو تنهن ڪري ان جو نالو ڪووڊ-19 پيو.

هڪ تحقيق مطابق پاڪستان ۾ ڪورونا جا گهٽ مريض هجڻ جو سبب بي سي جي (BCG) ويڪسين، جيڪا ٽي بي (T. B) کان بچڻ لاءِ ٻارن کي لڳائي ويندي آهي، بہ ٿي سگهي ٿو. ان تحقيق مطابق اها ويڪسين SARS- Cov-2 خلاف مدافعت پيدا ڪري ٿي، تنهن ڪري انهن ملڪن ۾ جتي ٽي بي کان بچاءَ جو اهو ٽڪو ٻارن کي لڳايو وڃي ٿو، انهن ملڪن ۾ ڪورونا جا مريض تعداد ۾ گهٽ ڏٺا ويا آهن ۽ ان ويڪسين جي ڪري شديد ڪورونا ٿيڻ جو خطرو بہ گهٽجي ٿو. امير ملڪن ۾ ٽي بي ڪونهي ۽ اتي ٻارن کي ٽي بي کان بچاءَ جو ٽڪو (BCG) ڪونہ ٿو لڳايو وڃي، جنهن ڪري انومان آهي تہ اهو بہ ڪورونا جي وچڙڻ جو هڪ سبب آهي. اتي وڏيڪ مريض ۽ وڏيڪ موت ڏٺا ويا. پيو تہ اتي ٽيسٽ بہ گهڻا ڪيا ٿا وڃن، تنهن ڪري اهو انگ وڏيڪ آهي. اسان جي ملڪن ۾ ٽيسٽ جون سهولتون بہ ڪونهن ۽ سجاڳي بہ ڪونهي. ماڻهو ٽيسٽ ڪرائڻ کان لنوائين ٿا. نزلي ۽ بخار کي درگذر ڪري هلندا ٿا رهن.

اُميد تہ سال 2021ع ڪورونا کان آجو سال هوندو. انسانذات کان، هڪ ٻئي سان ملڻ ۽ پيار ڪرڻ جو جيڪو حق کسيو ويو آهي، اهو وري ملندو، دنيا سکي ستابي ٿيندي، دنيا هٿيارن تي گهٽ ۽ صحت تي پئسا وڏيڪ خرچ ڪندي، وقت کان اڳ بيمارين جي خبر رکڻ جو بندوبست ڪندي.

**ويڪسين جي تياري!**

هاڻي اچون بچاءُ تي: ويڪسين ئي بچاءُ آهي. سڀني بيمارين جو بچاءُ ويڪسين يعنيٰ بچاءَ جو ٽڪو آهي. ٽي بي، وڏي ماتا، لاڪڙو، پوليو، ٽائيفائيڊ، ڪاري ڪامڻ ۽ هاڻي ڪورونا وائرس. ايڊز جي ويڪسين اڃا تائين نہ ٺهي سگهي آهي. هيپاٽائيٽس سي (C) جي ويڪسين ڪونهي، پر هيپاٽائيٽس بي (B) جي ويڪسين آهي. انسان ذات جي اها خوشنصيبي آهي، جو انهن بيمارين جي ويڪسين موجود آهي. هاڻي ڪورونا جي ويڪسين ٺهي وئي آهي. ويڪسين مفت لڳائڻ گهرجي. هر ماڻهوءَ لاءِ مفت. جيڪڏهن بيماريءَ کان بچبو تہ اهو سستو هوندو. بيماريءَ جو علاج مهانگو آهي. سرڪار لاءِ بہ، تہ عوام لاءِ بہ. متاثر ماڻهوءَ جي صحتياب ٿيڻ ۾ ڪيترائي ڏينهن ۽ مهينا لڳيو ٿا وڃن ان کي تڪليف الڳ ٿي سهڻي پوي. پوليو معذور ٿو ڪري. هيپاٽائيٽس، جگر جو ڪينسر، ايڊز ماڻهوءَ -مار مرض آهن. ٽائفائيڊ ڪمزور ٿو ڪري. ڪڏهن وري آنڊي ۾ زخم جو سبب بہ بڻجي ٿو. ڪورونا جي ويڪسين آهي، جيڪا ضرور لڳرائجي. دنيا ويڪسين خريد ڪري ڇڏي آهي ۽ جيڪي رهيل آهن، سي خريد ڪن پيا. اسان جا حڪمران بہ اعلان ڪن ٿا تہ هو بہ ويڪسين خريد ڪندا. جيترو جلد ٿئي ويڪسين هٿ ڪجي ۽ ماڻهن کي لڳائڻ شروع ڪجي.

روس ويڪسين ٺاهڻ جو سڀ کان پهريان اعلان ڪيو ۽ اتي اها لڳائڻ بہ شروع ڪئي ويئي. آمريڪا جي فائزر ۽ جرمني جي بائيو ٽيڪ ڪمپني گڏجي ويڪسين ٺاهي. برطانيا پنهنجي ماڻهن کي ويڪسين لڳائڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. آمريڪا ۾ بہ ويڪسين لڳڻ شروع ٿي وئي آهي. ماڊرنا هڪ ہي ڪمپني آهي، جنهن جي بہ ويڪسين تيار آهي. ويڪسين ڪورونا کان بچائيندي يا گهٽ ۾ گهٽ ان وائرس جي شدت کي ضرور گهٽائيندي. اها ويڪسين 95 سيڪڙو ڪم جي آهي، جيڪا مائنس 70- ڊگري تي رکڻ ضروري آهي. اها ويڪسين خاص دٻن ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪئي

ويندي. مارگريٽ ڪينف، جيڪا 90 سالن جي آهي، اها سڀ کان پهرين عورت آهي، جنهن کي 8 ڊسمبر 2020ع تي ويڪسين لڳي. اها ويڪسين فريزر ۾ ڇهن مهينن تائين رکي سگهجي ٿي. آڪسفورڊ يونيورسٽي جي ويڪسين ايسٽرازينيڪا بہ تيار آهي، جنهن جي افاديت 70 سيڪڙو آهي. اها بزرگن ۾ بہ ڪم ڪري ٿي. اها ويڪسين آساني سان سنڀالي سگهجي ٿي. ان لاءِ گهٽي ٽيمپريچر جي ضرورت ڪونهي. اها هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ آسانيءَ سان موڪلي سگهجي ٿي. روس جي ويڪسين اسپوتنڪ- پنج (Sputnik-V)، 92 سيڪڙو اثر رکي ٿي. ٻيون ويڪسينون، جيڪي تياريءَ هيٺ آهن، اهي چين جي تحقيق آهن، ۽ جيڪي آخري مرحلن ۾ آهن. ايسترازينيڪا، برطانيا ۽ سويڊن گڏجي پيون ٺاهين. اهو گڏيل ڪم آهي. امير ملڪن پئسو خرچ ڪيو ۽ ليبارٽريءَ ۾ تجربا ڪيا ۽ غريب ملڪن جي ماڻهن تي اهي آزمايو ويون. امير ملڪ ان کي ٽيم ورڪ چون ٿا. 150 کان وڌيڪ ويڪسين تياريءَ هيٺ آهن ۽ هر ويڪسين ٺاهڻ ۾ الڳ الڳ طريقا استعمال ڪيا ويا آهن. ويڪسين جو ايترو جلدي ٺهڻ انڪري ممڪن ٿيو جو سائنس جي ترقي، ٽيڪنالاجي جو تيزيءَ سان اسرڻ، ماليڪيولر بائلاجي جي ترقي ۽ جينيات واري سائنس جي ڄاڻ؛ انهن سڀني گڏجي ويڪسين جي تياريءَ کي ممڪن بڻايو. شروع ۾ چيو پئي ويو تہ، ان جي تياريءَ ۾ 2 کان 3 سال لڳندا. هڪ وقت تہ مايوسيءَ جو اظهار بہ ڪيو ويو تہ، متان ويڪسين نہ ٺهي سگهي، پر چڱو ٿيو ائين نہ ٿيو. ويڪسين تيار آهي. امير ملڪ ۽ انهن جا ماڻهو اها ويڪسين لڳرائن پيا.

سائنس سڀ لاءِ آهي. ٽيڪنالاجي سڀ تائين پهچندي. ڪٿي جلدي، تہ ڪٿي ٿوري دير. اُسرندڙ دنيا کي هوشياري ڪرڻي پوندي. پاڻ کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ويجهو ڪرڻو پوندو. جيستائين ويڪسين پهچي، تيستائين پاڻ کي بچائجي. ڪورونا جي وار کان پاڻ کي محفوظ رکجي.

ڊاڪٽر عام مريضن جو علاج ڪرڻ کان بہ ڊڄن ٿا!

## ڪورونا کان علاوه مريض لاوارث بڻجڻ لڳا!

هڪ مسئلو انهن مريضن جو بہ آهي، جن کي ڪورونا کان علاوه ٻيون بيماريون آهن. ايمرجنسيز تہ کليل آهن، پر او پي ڊيز ۽ آپريشن ٿيٽر بند آهن. جيڪڏهن ايندڙ ڪجهہ وقت لاءِ جيستائين ڪورونا جو خطرو ٽري، ماڻهن کي وقت (Appointment) ڏئي گهرايو وڃي ۽ ضروري آپريش ڪيا وڃن تہ بهتر ٿيندو. ٻيون مسئلو اِهو ٿي پيو آهي جو ڊاڪٽر مريضن جو علاج ڪرڻ کان گهٻرائين ٿا ۽ انهن کي ڪورونا جو ٽيسٽ ڪرائي اچڻ لاءِ چئي رهيا آهن. ان جو حل اِهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو آپريشن ڪرڻ ضروري آهي يا مريض کي داخلا جي ضرورت آهي تہ ان جو ٽيسٽ اُتي ئي ٿي وڃي تہ جيئن مريض ڌڪا نہ کائي ۽ علاج ڪندڙ ڊاڪٽر پاڻ بچاءَ وارا اُپاءَ وٺي ۽ مريض جو علاج ڪري، تہ جيئن مريض پريشان نہ ٿئي.

اٽليءَ جي هڪ نرس چيو تہ، "مون پنهنجي اکين سان هڪ ئي ڏينهن ۾ ايترن ماڻهن کي مرندي ڪونہ ڏٺو آهي." هڪ ڊاڪٽر چيو تہ، "اسين حقيقت ۾ هڪ سائڪلون جي ور چڙهي ويا آهيون." اٽلي اُهو خوشحال ملڪ آهي، جنهن جو طبي سرشتو دُنيا ۾ اعليٰ سمجهيو ويندو آهي، اُتان جي ڊاڪٽر فرانسڪو لانگو جيڪو هڪ ريسرچ اداري جو ڊائريڪٽر آهي، ان جو چوڻ آهي تہ، "بظاهر اِهو چڱو ٿو لڳي تہ ماڻهو گهرن ۾ وينا آهن، ڪاڏا ٿا پچائين، پراڻيون تصويرون ٿا ڏسن ۽ گهران ويهي ڪم ٿا ڪن، پر اسپتالن ۾ اِهو جڻ جنگ جو منظر ٿو پيش ڪري.

اٽلي جتي هزارين ماڻهو مري ويا آهن ۽ لکين متاثر ٿيا آهن آنڊن ۽ دماغي بيمارين جا شعبا بہ ڪورونا جي مريضن لاءِ کوليا ويا آهن، تڏهن بہ بسترن جي کوٽ آهي. اُتي ويهہ کان ٽيهہ سيڪڙو طبي

عملو بہ متاثر ٿيو آهي. جڏهن مريض گهٽا هوندا آهن ۽ هڪ ڪان پوءِ ٻيو ماڻهو موت جو شڪار ٿيندو آهي تہ طبي عملو بہ پنهنجا هوش وڃائي ويهندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اُن کي پوءِ پنهنجو فڪر گهٽ هوندو آهي ۽ هُو پنهنجو بچاءُ ڪرڻ بہ وسري ويندو آهي. اُن جو فقط ۽ فقط مقصد ماڻهن جي جان بچائڻ هوندو آهي.

هي ڏاڍو مشڪل وقت آهي. ڪورونا جا 80 ڪان 90 سيڪڙو ماڻهو تمام ٿورو متاثر ٿيندا آهن ۽ اُهي نيڪ بہ ٿي ويندا آهن. 10 ڪان 20 سيڪڙو ڊاڪٽر وٽ ويندا آهن ۽ انهن مان 5 سيڪڙو کي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي ضرورت پوندي آهي. وينٽيليٽر (ساهہ کڻائڻ جي مصنوعي مشين) تي چڙهڻ وارن جي موت جو انگ 86 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آهي. ترقي پذير دُنيا اِن جي سٽ سهڻ لاءِ تيار ڪونهي. دنيا جي صحت واري اداري ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي چوڻ موجب انهن ملڪن ۾ هٿن ڌوئڻ لاءِ پاڻيءَ تائين موجود ڪونهي. جيڪڏهن پاڻي آهي تہ صابڻ ڪونهي. اهڙن ملڪن ۾ طبي عملو پاڻ تہ متاثر ٿيندو پر اِهو ڪورونا جي وچڙڻ ۾ بہ مدد ڪندو.

ماهرن جو چوڻ آهي تہ، جن ملڪن ۾ هٿ ڌوئڻ جو بندوبست نہ هوندو ۽ وائرس اُتي پنهنجا پير کوڙيا تہ اُتي اِن ڪان بچڻ مشڪل ٿي پوندو. اهڙن ملڪن ۾ وائرس تيزيءَ سان پکڙبو. يونيورسٽي آف نارٿ ڪيرولينا جي ماهرن 78 گهٽ آمدني وارن ملڪن جي باري ۾ کوجنا ڪندي 2018ع ۾ ٻڌايو هو تہ هڪ لک ٽيهہ هزار طبي ادارن مان فقط اڌ وٽ نلڪي مان حاصل ٿيندڙ پاڻي موجود هيو. 39 سيڪڙو وٽ هٿ ڌوئڻ لاءِ صابڻ ئي نہ هيو. هڪ ياڱي تي وٽ واش روم ئي نہ هئا. ٽي ياڱي چار وٽ جيوڙا مار اوزار ئي نہ هئا. فقط بہ سيڪڙو وٽ پاڻي، صفائي جو سامان، عملو، جيوڙا مار بندوبست ۽ خراب مادن کي ضايع ڪرڻ جو بندوبست هيو.

ڪورونا جي حوالي سان آفريڪا جو حال بہ چڱو ڪونهي. 4 لک جي لڳ ڀڳ ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ 11 هزار جي لڳ ڀڳ مري ويا آهن. آمريڪا جهڙي امير ملڪ جو طبي شعبو بہ مُنهن ڏيڻ ۾ منجهي

پيو آهي، جتي متاثرن جو انگ وڌندو پيو وڃي. 62 هزار ماڻهن تي ٿيل تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ 80 سالن کان وڌي عمر جي ماڻهن جي مرڻ جو سيڪڙو 14.8 آهي. اِهو وائرس وڌي عمر جي ماڻهن کي وڌيڪ متاثر ڪري ٿو. اُنهن جي موت جو انگ گهڻو آهي. بيو متاثر ٿيندڙن ۾ شگر جا مريض، ڦڦڙن جي بيمارين جا مريض، دل جا مريض ۽ ٿولهہ جا شڪار ماڻهو آهن. نيويارڪ سڀ کان وڌيڪ متاثر آهي. اِن جا سبب ڪجهہ ماهر اِهو ٻڌائن تہ ان شهر ۾ ماڻهو ڳتيل ۽ گهڻا آهن ۽ ميل ميلاپ اِن جو وڏو سبب آهي. هاڻي تہ اُتي ايمرجنسي لاڳو آهي. ماڻهن کي گهرن ۾ رکڻ ئي بچاءُ جو هڪ وسيلو آهي. برطانيا بہ وڌيڪ متاثر آهي، جتي جو وزيراعظم بہ اسپتال ۾ داخل ٿي ويو. شهر ويران آهن. روڊ خالي آهن.

هتي اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ انگ وڌي رهيو آهي. سنڌ اڳ ۾ سوچيو ٻين صوبن اُن جي تقليد ڪئي. منهنجي اداري ايس آءِ يو ٽي (SIUT) ۾ بہ ڪورونا ڪلينڪ آهي. فقط ڪورونا لاءِ هڪ 50 بسترن جو آئسوليشن وارڊ ۽ آءِ سي يو جي سهوليت آهي. ايس آءِ يو ٽي هميشہ آفتن ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، چاهي اهو 2005ع وارو زلزلو هجي يا وري 2010ع واري مها ٻوڏ هجي. هتي ايس آءِ يو ٽي ۾ صبح کان رات ۽ ٻئي صبح تائين ڪورونا متاثرين کي ڏٺو ٿو وڃي.

جيئن تہ ڪورونا انسانن کي هڪ ٻئي کان پري ڪيو آهي. ماڻهو ڏڪل بہ آهن، پر طبي عملو هن جنگ ۾ پيش پيش آهي ڪجهہ مسئلن بہ جنم ورتو آهي. وڏو مسئلو آهي ڏهاڙي ڪمائڻ وارن جو. اُهي مصيبت ۾ آهن. انهن جي واهر سرڪار ۽ سماج گڏجي ڪري سگهن ٿا. سرڪار جي ذميواري سڀ کان وڏي آهي.

ڪالهہ هڪ ڊاڪٽر پنهنجي 80 سالن جي ماءُ کي وٺي آيو ۽ ٻڌائين تہ، هُوءَ ڪنهن نجي اسپتال ۾ داخل هئي. پنج ڏينهن اُتي داخل رهي. جيئن ئي اسپتال وارن کي اِها خبر پئي تہ امان جو هڪ پٽ، جيڪو ڪنهن ٻئي ملڪ مان آيو هُيو، اهو ڪورونا متاثر آهي تہ اسپتال وارن امان کي موڪل ڏئي ڇڏي- هن چيو تہ هُو ٽي ڏينهن امان

ڪي مختلف اسپتالن ۾ داخلا لاءِ وڃي ويو، پر ڪورونا جي خوف ۾ ان ڪي داخل نہ ڪيو ويو. جن جڳهين تي ڪورونا ٽيسٽ جي سهوليت ڪونهي، اُتي طبي عملو بہ ڏجي ٿو. ڪورونا ماڻهن کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي.

هڪڙو طبي عملو تہ اُهو آهي، جيڪو ميدان جنگ تي موجود آهي ۽ ڪورونا خلاف وڙهي پيو، پر ٻيو جيڪو عملو عمل جي ميدان ۾ ڪونهي، اُهو وڌيڪ ڏجي ٿو. ڏجڻ جو هڪڙو سبب اِهو بہ آهي تہ انهن وٽ ٽيسٽ جي سهوليت ڪونهي ۽ انهن وٽ بچاءَ جي سهوليت بہ ڪونهي. سرڪار کي اِن طرف سوچڻو پوندو.

دُنيا ڪورونا خلاف وڙهي پئي. اهو اهڙو دُشمن آهي، جيڪو نظر بہ ڪونہ ٿو اچي ۽ خطرناڪ بہ آهي. اِهو جيڪڏهن ڪٿي ويهي ٿو رهي تہ 4 ڪلاڪن کان 72 ڪلاڪن تائين جيئرو ٿو رهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي هٿ تي چنبڙي نڪ، اکين ۽ وات رستي جسم ۾ گهڙي ويو تہ موتمار بہ ثابت ٿي سگهي ٿو. اهڙي دشمن سان وڙهڻ مشڪل ڪم آهي. بهرحال دُنيا وڙهي پئي، جاڪوڙ جاري آهي. اسان لاءِ فقط هڪ ئي طريقو آهي ۽ اُهو آهي پاڻ بچائڻ، هٿ وري وري ڌوئڻ، منهن تي هٿ نہ هڻڻ، محفلن ۽ ميڙاڪن کان پري رهڻ. جيڪڏهن ڇهن فٽن جو فاصلو رکبو تہ بچي وڃبو. مان ڪمپيوٽر جي سامهون ويٺو آهيان ڏسان ٿو تہ انگلينڊ جي اسپتالن ۾ 34 منٽ اڳ 758 ماڻهو ڪورونا ڪري مري ويا. هاڻ مري ويلن جوا نگ 5655 تي ويو. اِهو انگلينڊ جو حال آهي. اسين ڪٿي پهچي سگهنداسون؟ ماڻهو صبر ڪن ۽ پاڻ کي بچائين.

مون اڳ ۾ لکيو تہ ڪورونا جي ڪري هاڻي هر ساهہ جي تڪليف جي مريضن کي ڪورونا جو مريض سمجهي اسپتالون ۽ ڊاڪٽر انهن جو علاج ڪرڻ بدران انهن کي ڪورونا واري سينٽر موڪلين ٿيون. هڪ ٽن سالن جي ٻارڙي کي ساهہ جي تڪليف هئي، حب جي رهڻ واري، ٻارن جي هڪ وارڊ ۾ داخل ٿي. بجاءِ جو ڪورونا کان علاوه بيمارين کي ڏٺو وڃي ها، انهن جي مائٽن کي چيو ويو تہ

شايد هن کي ڪورونا آهي. اسان وٽ وينٽيليٽر ڪونهي، ٻارڙي نہ بچندي. اُن کي ايس آءِ يو تي موڪليو ويو. ان جو ڪورونا ثابت نہ ٿيو ۽ ٽي بي جو ٽيسٽ مثبت آيو ٽي بي جو علاج ٿيو ۽ ٻارڙي بهتر ٿي وئي.

بهرحال اهي مسئلا بہ ٽين ٽا، جن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي. طبي تنظيمون، سرڪار ۽ انفيڪشن جا ماهر گڏجي اِن جو حل ڪڍن. ڪورونا جي شعبي ۾ اُهو مريض مشڪل ۾ نہ پوي، جنهن کي ڪا ٻي بيماري آهي. جيڪي ڪورونا خلاف سامهون وڙهن پيا، انهن کي سلام پيش ڪجي ٿو جيڪي ڪورونا واري ٽيمن ۾ شامل ڪونهن، انهن کي ٻين مريضن جي واهر ڪرڻ گهرجي.

اِهو تمام ضروري آهي تہ ڪورونا سان بہ منهن ڏجي تہ ڪورونا کان علاوه بيمارين وارن مريضن جو بہ علاج ڪجي. اچو تہ گڏجي سرخرو ٿيون ۽ اِها جنگ ڪٽون، اِها ڪورونا وائرس جي عالمي جنگ آهي.

ڪورونا کانپوءِ جي دُنيا ڪهڙي هوندي؟ ان بابت چوڻ وقت کان اڳ ٿيندو پر اُميد ڪجي ٿي تہ اِها دنيا اسلح ۽ لڙاين کان پاڪ دُنيا هوندي، امن امان واري دُنيا هوندي، جيڪا ماڻهن جي صحت ۽ خوشحاليءَ جو خيال رکندي، اسپتالون ٿينديون، آءِ سي يو ٿيندا، ويڪسين ٿينديون، مرض جي جينياتي تشخيص ٿيندي ۽ دنيا ڪنهن وائرس کان ائين نہ پريشان ٿيندي جيئن اڄ آهي. ڪا خبر ڪونهي ايندڙ وقت ڪنهن ٻئي وبا کي جنم نہ ڏيندو. اسان کي اِن جي تياري ڪرڻي آهي. پنهنجون صفون مضبوط ڪرڻيون آهن. اسان کي پنهنجا وسيلا هڪ جاءِ ڪرڻا پوندا، تہ جيئن ڪو بہ وائرس انسان ذات کي شڪست نہ ڏئي سگهي.

# طبي عملو: اڄ جا اسان جا هيروز

هوءَ آءِ سي يو ۾ ڊيوٽي تي آهي. ٻن سالن جو ٻار اٿس. گهر اِن ڪري ڪونہ ٿي وڃي تہ سندس ٻار جيئن ئي ان ماءُ کي ڏسندو، تہ ان سان چنبڙندو - ۽ خوف اِهو آهي تہ ڪورونا ٻار کي بہ نہ لڳي وڃي. هُوءَ ٻار کي اسڪائپ تي ڏسڻ لاءِ مجبور آهي ۽ اکين جا ڳوڙها لڪائي ٻار سان محبت ٿي ونڊي ۽ آخر ۾ هُوءَ ٻارڻ کان سوال ٿي پُڇي تہ، "ڪيس سٺو ڊاڪٽر ٿيڻ کپندو هيو يا سٺي ماءُ؟" اِن جو وٽس ڪوبہ جواب ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ هوءَ پنهنجي مريضن کي بچائڻ ٿي چاهي.

موجوده ڪورونا وائرس جي وبا سبب طبي عملي جا جتا، جن ۾ ڊاڪٽر، نرسون ۽ انهن جا مددگار جوان مرد، عورتون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون آهن، اهي ميدان (فرنٽ لائين) تي هئڻ سبب "هيروز" ليکجن ٿا، پر متاثر عام ماڻهن سان گڏ اهي بہ ڪورونا وائرس سبب متاثر ٿيندڙن توڙي پنهنجيون جانيون ڏيندڙن ۾ شامل آهن. ڪنهن ملڪ ۾ هزارين، تہ ڪن ملڪن ۾ سوين طبي عملي جا جانثار، قربانيون ڏئي سرشار ٿيا آهن.

اهڙي خطرناڪ صورتحال هوندي بہ ڊاڪٽر ۽ نرسون ثابت قدم بيٺا آهن ۽ وڙهن پيا. انساني تاريخ جي الميئن مان ڪورونا هڪ وڏو الميو آهي، جنهن ڪيترين دکي ڪهاڻين کي جنم ڏنو آهي. عام ماڻهو ڊنل آهي. هُو هڪ ٻئي سان هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ کان ڊڄي ٿو. ڪورونا انسانن کان سماجي جيو(Social Animal)، وارو رتبو کسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پُٽ پنهنجي ڪورونا ورتل پيءُ کي گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ڪونهي، تہ متان هُن کي بہ ڪورونا نہ نقصان پهچائي.

ڪورونا ورتل هڪ 86 سالہ پوڙهي ماءُ جي، ڪورونا ڪِٽ پائي بہ هڪ پُٽ تيمارداري ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. هو ڊنل آهي تہ متان هن

ڪي بہ ڪجهہ تي پوي ۽ هُن جا پنهنجا ننڍا ٻار ۽ زال دربدر نہ ٿي وڃن. پر اهڙيون شاهڪار ڪهاڻيون بہ وجود ۾ آيون آهن، جن ۾ هڪ پُٽ پنهنجي ڪورونا مثبت پيءُ کي گهر ۾ رکڻ لاءِ آتو آهي ۽ اُن کي گهر ۾ ئي نويڪلائي (Isolation) ۾ رکي تيمارداري ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

ٻئي طرف طبي عملو ان پوري صورتحال ۾ وڙهڻ لاءِ تيار آهي. بچاءَ وارا سمورا وسيلا موجود آهن يا ڪونهن، هو مريضن لاءِ مرڻ لاءِ بہ تيار ٿيو وڃن. جنگيون جذبن سان وڙهيون وينديون ۽ کٽيون وينديون آهن. طبي عملو پنهنجي پوري جذبي سان اُن ويڙهہ ۾ مشغول آهي. ڪجهہ ڪهاڻيون اهڙي طبي عملي سان بہ وجود ۾ آيون آهن.

هڪ ٻي ڪهاڻي اهڙي بہ آهي جو هُوءَ پورو مهينو گهر ئي نہ ٿي وڃي، تہ جيئن سندس معصوم ٻار کي نہ ڪجهہ ٿي پوي. اهڙين ڪيترين ئي ڪهاڻين ڪورونا دور ۾ جنم ورتو آهي.

منهنجي پنهنجي ئي هڪ ساٿيءَ چيو تہ، هُن جو پوڙهو پيءُ آهي ۽ هڪ 5 سالن جي ڌيءَ آهي. گذريل 5 هفتن کان هُن پيءُ سان گڏ ماني ڪونهي کاڌي. زال کان پري رهڻ ڪري هوءَ ڪيس ميارون ڏيندي آهي ۽ ڌيءَ گهر پهچڻ سان ئي ساڻس ٻاڪر پائي ملڻ چاهيندي آهي ۽ منهن تي ڀيپي ونڻ چاهيندي آهي، پر هي پنهنجي پيارن کي ڪورونا متاثر ٿيڻ کان بچائڻ خاطر پنهنجي جذبن جو قتل ڪرڻ تي مجبور آهي. هو پنهنجي مريضن کي بہ ڪونہ ٿو ڇڏي سگهي. هُو مائٽن سان ملڻ بہ نٿو وڃي سگهي. ڏاڍو ڪٺن وقت آهي. اڄ تائين سوين ڊاڪٽر مري چُڪا آهن، ڪورونا سان وڙهندي پنهنجي زندگي قربان ڪري چُڪا آهن. چين ۾ ٿيل هڪ تحقيق مطابق 50 سيڪڙو ڊاڪٽر ڊپريشن جو شڪار ٿي ويا. 70 سيڪڙو کان وڌيڪ نفسياتي مونجهاري جو شڪار ٿي ويا. اِهو ڪڙو وقت هوندو آهي، جڏهن توهان کي ماڻهوءَ جو موت مائٽن کي افشان ڪرڻو هوندو آهي. اِهو ڊاڪٽر لاءِ ڏاڍو ڪڙو سمو هوندو آهي.

نرسون هن جنگ جو اهم حصو آهن، انهن کانسواءِ اِها جنگ جيتي نہ ٿي سگهجي. اُهي هِن ويڙهہ جو هر اول دستو آهن. جن ملڪن

۾ آءِ سي يو جا بستر ۽ وينٽيليٽر ختم ٿي ويا يا ڪٿي پيا، اُتي اِهو فيصلو بہ ڊاڪٽر کي ئي ڪرڻو پوندو آهي تہ، ڪنهن کي مصنوعي ساهہ کڻڻ واري مشين تي لڳائجي ۽ ڪنهن کي نہ. اِهو وڏو تڪليف ڏيندڙ عمل آهي، دل کي ڏوڏيندڙ عمل آهي. ڪورونا دُنيا جي پئسي وارن ملڪن جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي، اُهي ڪُٿي پيا. هٿيارن جا ڍير اٿن، پر ڪورونا کي مارڻ واري هڪ گولي بہ نہ ناهي اٿئون ۽ نہ ئي اُن کان بچڻ جو ڪو ريڊار سسٽم ناهيو اٿائون. جيڪو حملي کان اڳ ۾ هي وائرس کي ڏسي وٺي. ڪورونا، بغير ڪنهن جهل پل جي هٽلر جي فوج جيان ڪاهي پيو آهي، ڄڻ ڪا عالمي جنگ ڇڙي پئي هجي.

طبي عملو ان اڻ ڏٺي دشمن، جيڪو فقط خوردبين ۾ نظر ٿو اچي، جي خلاف برسر پيڪار آهي. اسان مان ڪيترائي پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪن ٿا. ڪٿي ائين بہ آهي تہ خاندان ڪورونا متاثر کي گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار ڪونهي، هو ڊڄن ٿا. هو خوف ۾ مبتلا آهن. چهري تي ماسڪ ڪهڙو پائجي، ڪهڙي زره اوڙهجي جو ڪورونا جي وار کان بچي سگهجي. خبر ڪونهي تہ سرجيڪل ماسڪ تي پلاءِ يا N-95، ڪهڙو ماسڪ؟ اسان جي چهرن تي هاڻ اصلي ماسڪ لڳي ويا آهن. پوءِ بہ خبر ڪونهي تہ ڪهڙو ماسڪ؟

ڊاڪٽر مريضن کي بچائيندي بچائيندي تندرست کي بہ ڪورونا لڳائي سگهن ٿا، تنهنڪري هو ماڻهن ۾ وڃڻ کان ڪيٻائين ٿا. گهرن ۾ وڃڻ کان گهٻرائين ٿا. طبي عملي کي بچاءَ جون سموريون شيون کپن. پوري ڊريس، ماسڪ، منهن تي بچاءَ واري پلاسٽڪ جي شيلڊ، جوتن جا ڪور، پر سڀ ڪجهہ کپي ويا. اهي زره پائڻ لاءِ جيڪڏهن 18 هدايتون آهن تہ لاهڻ لاءِ بہ گهٽ هدايتون ڪونهن. اِها پوشاڪ لاهڻ وقت طبي عملو پاڻ کي ڪورونا کان متاثر ڪري سگهي ٿو،اِن کان بہ بچڻو آهي. طبي عملي کي تندرست رکڻ بہ اهم آهي. جيڪڏهن اُهي تندرست نہ هوندا تہ مريض جو علاج ڪيئن ڪندا؟ اِهو بہ تمام ضروري آهي. انهن جي ڪاڏي پيتي ۽ آرام جو خيال رکڻ بہ ضروري آهي.

هڪ ڊاڪٽر جي گهر واري ۽ ٻه ننڍُا ٻار آهن، هُو پاڻ ڪورونا جي مريضن جي علاج ۾ مصروف آهي. گهر ڀوءَ کان ڪونه ٿو وڃي ته متان زال ۽ ٻارن کي نه ڪورونا وچڙائي ڇڏي. ان جي هِن ننڍڙي خاندان جو خيال ڪير رکندو؟ ڪير انهن کي سيڏو سامان پهچائيندو؟ اِهو به هڪ مسئلو آهي. اها ذميداري حڪومت جي آهي ته اها اُنهن جو خيال رکي ته جيئن هو ڪورونا جي مريضن جو خيال بغير ڪنهن پريشانيءَ جي ڪري سگهن. هاڻ جيئن وقت گذري ٿو، ڪورونا کان علاوه مريضن جا مسئلا به وڌندا وڃن ٿا. ڪينسر جا مريض اِن ڪري ڊنل آهن ته ڪٿي مرض وڌي نه وڃي. اُهي مريض جن کي تڪليف آهي ۽ علاج آپريشن آهي، اُنهن جو ڇا ڪجي؟ ان طرف به هاڻ سوچڻو پوندو. طبي عملو انهن لاءِ به پريشان آهي. ڪيترائي سوال آهن، جن جو جواب ڳولڻو آهي.

جيڪي ڊاڪٽر وينٽيليٽر وارن مريضن جو علاج ٿا ڪن، اُهي وڏيڪ دٻاءَ ۾ آهن. انهن جو نفسياتي علاج ڪري انهن کي دٻاءَ مان ڪڍڻ به اهم آهي، جنهن کي "نفسياتي فرسٽ ايڊ" چئبو آهي. اٽلي ۾ مريضن ۽ مرندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اُتي چمڙي ۽ اکين جي علاج جي ڊاڪٽرن کي ٽريننگ ڏئي آءِ سي يو ۾ وينٽيليٽر وارن مريضن جي خيال رکڻ لاءِ تيار ڪيو ويو ته جيئن اُهي اُتي موجود ڊاڪٽرن جي مدد ڪري سگهن. اسپتالون ڀرجي ويون، بستر ڀرجي ويا، مريض زمين تي ليٽيل آهن. انهن جو علاج ته ڪرڻو آهي. جيڪي مريض شديد بيمار آهن ۽ انهن جي بچڻ جي اُميد ڪونهي، انهن جي آخري خواهش به پُڇڻي آهي ۽ اُها پوري ڪرڻ به طبي عملي جي ذميداري آهي. ڪجهه مريض آخري وصيت به ڪرڻ چاهين ٿا، ان جو بندوبست به ڪرڻو آهي. هڪ مريض، جيڪو پاڻ ڊاڪٽر به هيو، اهو اُوستائين وينٽيليٽر تي نه چڙهيو، جيستائين هُن پنهنجي وصيت نه لکي. شايد هُن کي اِها خبر هئي ته هو ڪورونا جهڙي موذي مرض مان جانبر نه ٿي سگهندو.

اهي سموريون سورن جون ڪهاڻيون آهن، جيڪي اسپتالن ۾

آهن، مريضن جي ويجهو آهن - ۽ انهن جو جيڪي علاج ٿا ڪن، اُهي وڏي ڪرب ۾ مبتلا آهن. اِهو سڀ ڪجهہ ڏسي ڇريو ٿي وڃڻ، نفسياتي مريض ٿي وڃڻ ٺهي ٿو. ڪيترن جون تہ راتين جون ننڊون حرام ٿيو وڃن ٿيون. ڪي ڊپريشن جا مريض ٿي وڃن ٿا. شهرن ۾ تہ وري بہ سهولتون آهن. ڳوٺن ۾ ڇا ٿيندو؟ ان طرف سوچڻو آهي. طبي سرشتي کي بهتر ڪرڻو پوندو. اسان کي تہ گهٽي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. دُنيا کي هن طرف سوچڻو پوندو. هاڻ صحت تي وڌيڪ خرچ ڪرڻو پوندو. سڄي دُنيا جي ڊاڪٽرن کي گڏجڻو پوندو ۽ چوڻو پوندو تہ، "دُنيا جا ڊاڪٽرو ۽ نرسون هڪ ٿي وڃو." جڏهن دُنيا جا ڊاڪٽر هڪ ٿيندا تہ ان مرض کي شڪست ايندي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ عام ماڻهو تہ موت جو شڪار ٿيندو ئي ٿيندو، پر طبي عملو بہ نہ بچي سگهندو.

جيستائين ويڪسين ٺهي، ڪو علاج وجود ۾ اچي، تيستائين عوام کي، پاڻ کي هن وائرس کان بچائڻو پوندو. بچڻ گهڻو ڏکيو بہ ڪونهي. سماجي وٿي رکڻي پوندي، هٿ ڌوئڻا پوندا. گهر کان ٻاهر وات ۽ نڪ تي ماسڪ لڳائڻو پوندو ۽ ڇهري کي ڇهڻ کان پاسو ڪرڻو پوندو. اِهو ڪو ڏکيو ڪم بہ ڪونهي. اِهو وائرس نڪ، اکين ۽ وات رستي ساهہ کڻڻ واري سرشتي ۾ گهڙندو آهي. ڦڦڙن کي متاثر ڪندو آهي. هاضمي واري سرشتي کي متاثر ڪندو رت واري نظام ۾ پهچندو آهي. ائين هڪ کان وڌيڪ عضون کي متاثر ڪندو آهي.

هڪ شهر جا ڊاڪٽر، جيڪي گهٽ مصيبت ۾ آهن، جتي ڪورونا جا مريض ڪونهن يا گهٽ آهن، اُهي انهن ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي ڏانهن، جتي مريض گهڻا آهن، ڪاڏا پيتا موڪلن ٿا. نوجوان جٿا ٿاهي بزرگن جي ذهني آسودگي، نفسياتي اڪيلائي کي ختم ڪرڻ لاءِ يوڳ چرچي جو بندوبست ڪن ٿا. ننڍا ننڍا ٻار ضرورتمندن کي سامان پهچائين ٿا. اِهو دُنيا ۾ ٿئي پيو. اسان کي بہ اِهو ئي ڪرڻو پوندو. عوام کي هڪ ٿيڻو پوندو. ڊاڪٽرن کي هڪ ٿيڻو پوندو. طبي عملي کي هڪ ٿيڻو پوندو. ان ۾ ئي جياپو آهي، بچت آهي ۽ بهتري آهي.

ڊاڪٽرن جي ڪرندڙ ساک ۽ متاثر ٿيندڙ امان ابي وارو ڪردار ڪورونا وري بحال ڪري ڇڏيو آهي. هر وبا تباهي آڻيندي آهي، ته اها ڪجهه نوان دڳ، نئين سوچ ۽ نوان خيال به ڏئي ويندي آهي. هيءَ وبا دنيا کي صحت جون سهوليتون بهتر بڻائڻ وارو دڳ ڏيکاريندي صحت لاءِ هاڪار ۽ نفرت لاءِ ناڪار ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدرديءَ جو جذبو جاڳائيندي.

هاڻي ته هرڪو ڀڄي ٿو
پنهنجن کان پراون کان
پنهنجو پاڻ کان پنهنجي هٿن کان،
پنهنجو هي هٿ ڪٽي ڪنهن وقت
موت جو پروانو ته نه کڻي ايندو؟
ڪورونا ته نه وچڙائي ڇڏيندو!
هٿ ٻڌل آهن، منهن ٻڌل آهي،
هڪ خوف طاري آهي،
ڪورونا جو خوف
گهر ۾ گهڙجي ٿو
پيارن کان پري ويهجي ٿو
ڪورونا جي ڀوءَ کان پنهنجن کان پري ڀڄجي ٿو
ڪڙهجي ٿو، ڀوڳجي ٿو، لڇجي ٿو
مان ڊاڪٽر جو آهيان
ڪورونا سان ويڙهه ڪندڙ سورمو جو آهيان.

# ڪورونا وائرس خلاف دوائن جي تياريءَ تي ڪم هلندڙ

اڄ تائين 120 کان 150 اهڙا پروجيڪٽ عمل ۾ آهن، جيڪي ويڪسين ٺاهڻ لاءِ ڪم ڪن پيا. پنجن کي انسانن تي استعمال (Trial) جي اجازت مِلي آهي. ڊاڪٽر فائوسي چيو تہ ويڪسين عام استعمال ۾ ايندي 12 کان 18 مهينا لڳي سگهن ٿا.

وائرس جي خلاف دوائون، تيار ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن ۽ شايد ويڪسين کان اڳ اهي تيار ٿين. اِهو ڊاڪٽر رابرٽ ايملر چيو، جيڪو نيويارڪ ميڊيڪل ڪاليج جي اسڪول آف هيلٿ سائنسز جو ڊين آهي. ريمڊيسور (Remdesivir) دوا اڳ ۾ ئي موجود آهي، جيڪا وائرس جي خلاف ڪم ڪندي. ڊاڪٽر اينٿوني چيو آهي تہ جن ماڻهن کي ريمڊيسيور ڏني وئي آهي، اهي 11 ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿيا، ۽ جن کي نہ ڏني وئي، اُهي 15 ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿيا، پر تحقيق اڃا جاري آهي. ڪورونا وائرس هڪ نئين بيماري آهي، جنهن ڪري ان تي تحقيق جاري آهي. ڪورونا جي متاثرين جي خون مان پلازما جو حصو وٺي، اهو بہ ڪورونا جي علاج لاءِ استعمال ڪرڻ تي ڪم هلي پيو. اسٽيم سيل جي استعمال تي بہ ڪم هلي پيو، خاص ڪري اڪيوٽ ريسپائريٽري ڊسٽريس سنڊروم يعني ساهہ جي شديد تڪليف (ARDS) وارن مريضن لاءِ دوائون بہ ڪم آنديون وڃن ٿيون ۽ فاعدو ڏين ٿيون. مهانگيون آهن، پر فاعدو ڏين ٿيون، اِهي سائٽوڪائين اسٽارم کي روڪين ٿيون. ڪابہ دوا ٺاهڻ لاءِ پهريون ليبارٽري ۾ ڪم ٿيندو آهي، پوءِ جانورن جي ليبارٽرين ۾ ۽ پوءِ انسانن جي ننڍي گروپ تي (فيز 1 ٽرائل)، وچولي گروپ (سون جي تعداد) تي (فيز 2 ٽرائل) ۽ آخر ۾

وڏي گروپ (هزارن جي تعداد) تي (فيز 3 ٽرائل) انهن جو استعمال ٿيندو آهي. اِن لاءِ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پوندو آهي.

اها تحقيق هڪ کان چار سال ڪائي ويندي آهي. ان ڪانپوءِ بہ وڏو عرصو لڳي ويندو آهي اِهو ڏسڻ ۾ تہ دوا جا ڪي اُگرا اثر تہ ڪونهن. نيدرلينڊ ۽ آسٽريليا ۾ اِن تي ڪم هلي پيو تہ، موجوده ٽي بي جي ويڪسين بي سي جي (BCG) ڪورونا (Covid 19) تي ڪم ڪندي يا نہ؟ ڏسجي ٿو ٿئي. اِن لاءِ شايد چيو وڃي ٿو تہ اسان جهڙن اُسرندڙ ملڪن ۾ جتي ٽي بي جي بچاءَ جو ٽڪو لڳايو وڃي ٿو، اُتي ڪورونا ايترو شديد نہ ٿيندو ۽ گهڻا ماڻهو متاثر نہ ٿيندا. اِهو انومان آهي پڪ ڪونهي. ڪجهہ وري پوليو ويڪسين کي بہ ڪورونا خلاف بچاءَ جو هڪ طريقو سمجهن ٿا، پر اهو تحقيق اجا ثابت ناهي ڪيو. دوائن وانگر ويڪسين بہ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرندي، اِن ۾ جلدي نہ ٿيندي.

شيبو جيانگ (Shibo Jiang) فيوڊان يونيورسٽي چائنا جي وائرالوجسٽ جڳ مشهور رسالي نيچر (Nature) ۾ لکيو تہ، "تمام گهڻي جلدي فائديمند نہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ اِهي دوائون ۽ ويڪسينون نقصان بہ پهچائي سگهن ٿيون." انهن کي پورو وقت ڏيڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ عوام جو پاڻ کي الڳ رکڻ ۽ ٻيا احتياط اِن تي دارومدار رکن ٿا تہ ماڻهن جو پنهنجي حڪومتن جي صحت متعلق نصيحت تي ڪيترو ڀروسو آهي، مقصد آهي عوام جو حڪومتن تي اعتماد.

ڪورونا ڇو ڪجهہ ماڻهن ۾ شديد ٿئي ٿو؟

شروع ۾ تہ اِهو سمجهيو ويو تہ وڏي عمر ئي آهي، جيڪا ڪورونا وائرس جي مرض کي موتمار بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿي، پر ڏٺو اِهو ويو آهي تہ، نوجوان، ايتري تائين جو 20 سالن جو نوجوان بہ ان ۾ مريو وڃي ۽ 70 سالن جو بزرگ بچي ٿو وڃي. عُمر هڪ سبب آهي ضرور، پر فقط اِهو ئي هڪ سبب ناهي. هاڻي تہ نيويارڪ ۾ ڪجهہ ٻار اسپتالن ۾ داخل ٿيا، جن ۾ بہ ڪورونا جو وائرس ڏٺو ويو. اڃو ڏسون تہ طب جي سائنس اِن سلسلي ۾ ڇا ٿي ٻڌائي. عمر، دمو، مٺا پيشاب، دل جون بيماريون، بلڊ پريشر، سگريٽ نوشي، ٿولهہ ۽ جينياتي عمل

دخل: اِهي ڪجھ سبب آهن، جيڪي ڪورونا بيماريءَ کي شديد بڻائن ٿا ۽ موت جو سبب بڻجن ٿا.

اڄڪلھ ماڻھو مونجهاري جو شڪار آهن. هو سوچين ٿا تہ، ڪورونا بيماري ڏسڻ ۾ تہ ڪونہ ٿي اچي. هُو ائين شايد اِن ڪري سوچين ٿا، جو 85 سيڪڙو ماڻھن ۾ وائرس تہ گهڙي ٿو، پر ان جي يا تہ ڪا علامت ظاهر نہ ٿي ٿئي يا وري هلڪو زڪام، بخار يا ڪنگھ ٿيو وڃي. ڪجھ کي وري صرف جسم ۾ سور ٿئي ٿو ۽ بس. 15 سيڪڙو کي تنگ ڪندڙ علامتون ظاهر ٿين ٿيون، جن کي اسپتال وڃڻ جي ضرورت پوي ٿي - ۽ 5 سيڪڙو کي آءِ سي يو جي ضرورت پوي ٿي ۽ ڪجھ موت جي ور چڙهي وڃن ٿا. آمريڪا ۾ مري ويندڙن ۾ 10 مان 8 مريض وڏي عمر جا آهن. جيئن عمر وڌندي، موت جو خطرو اوترو وڌيڪ هوندو. اِن ۾ مسئلو اِهو آهي تہ هڪ ڏينهن ۾ جيڪڏهن سوين ماڻھو ڪجھ شهرن جي اسپتالن ۾ شديد بيماري ۾ داخل ٿيندا تہ، اسپتالون ان قابل نہ هونديون جو ايترن ماڻھن کي علاج مهيا ڪري سگهن. اِهو ئي دنيا ۾ ٿيو. مريضن کي بسترا نہ مليا. جيئن اٽليءَ ۾ ٿيو. مريض زمين تي ليٽيل هئا، ڪجھ کي وينٽيليٽر نہ مليا. طبي عملو ڪٿي پيو ۽ پورو نہ پئجي سگهيو.

ڪجھ ماڻھو چون ٿا تہ آمريڪا ۾ 2018ع ۾ 80 هزار ماڻھو عام زڪام ۾ مري ويا هئا. اِهو جيڪڏهن آهي بہ تہ 80 هزار پنجاھ رياستن ۾ مئا. هڪ رياست ڏيڍ هزار ۽ هڪ ڏينهن ۾ 3 کان 4 ماڻھو مُئا. انهن کي سنڀالڻ آسان آهي، پر جي سوين ۽ هزارين روز مرندا تہ انهن کي سنڀالڻ مشڪل آهي. اڄ ڪلھ ڪيترائي ماڻھو مونجهاري جو شڪار آهن. عجيب و غريب وڊيو سوشل ميڊيا تي هلن پيون. ڪو چوي ٿو تہ بل گيٽس جي سازش آهي، تہ ڪو وري اِن کي آمريڪا جي سازش ٿو چوي. ڪو وري چين جي. پر حقيقت اِها آهي تہ ماڻھو مرن پيا. ڪورونا هڪ بيماري آهي ۽ اها حقيقت آهي، جنهن کي مڃڻ گهرجي ۽ اِن جو علاج هن وائرس کان فقط بچڻ ۾ ئي آهي. ساڳي پراڻي چوڻيءَ تي عمل ڪرڻو پوندو تہ، "احتياط علاج کان بهتر آهي."

پر هتي تہ ڪو علاج ئي ڪونهي. جيڪڏهن بيماري شديد لڳي تي تہ، موت جا امڪان تمام گهڻا آهن. هاڻي اها بيماري شديد ڇو ٿي لڳي، ان جي سببن تي غور ڪريون. عمر ڪان علاوه سببن ۾ دم جي بيماري بہ هڪ سبب آهي. دم جي مريضن جا ڦڦڙ هونئن بہ متاثر رهندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪورونا جي ڪري ڦڦڙن تي اثر ٿيو تہ پوءِ اهڙا ماڻهو وڏيڪ مشڪل ۾ پوندا آهن ۽ انهن کي شديد ڪورونا ٿيڻ جو خطرو وڏيڪ آهي ۽ مصنوعي ساهہ کڻڻ واري مشين وينٽيليٽر تي چڙهڻ جا امڪان بہ وڏيڪ آهن. اهڙن ماڻهن کي وڏيڪ احتياط جي ضرورت آهي. اهي پنهنجون دم جي مرض جون دوائون وٺندا رهن ۽ پاڻ کي ڪورونا ڪان بچائين.

ڪورونا هونئن تہ جانورن جو وائرس آهي، پر اهو ڪڏهن ڪڏهن انسانن ۾ گهڙي پوندو آهي ۽ تباهي آڻيندو آهي، جيئن اڄڪلهہ ٿيو آهي. ان وائرس سان رابطي ۾ اچڻ جي ٻن ڏينهن ڪان 14 ڏينهن تائين نشانيون ظاهر ٿي سگهن ٿيون، جيڪي هيئن آهن: بخار ۽ کنگهہ، زُڪام- ڪجهہ ماڻهن کي دست بہ ٿيو وڃن. ڪجهہ کي هلڪو بخار ۽ جسم ۾ شديد سُور ٿئي. اِهي مختلف نشانيون آهن ۽ ان جي پڪ ڪورونا پي سي آر ٽيسٽ سان ٿيندي آهي.

عام زڪام ۽ ڪورونا جي وچ ۾ فرق ڪيئن ڪجي؟ ڪورونا ست ڪان پنجويهہ ڏينهن هلندو آهي. عام زڪام ست ڪان چوڏهہ ڏينهن. ڪورونا ۾ کنگهہ سُڪي هوندي آهي، عام زڪام ۾ کنگهہ ٿي سگهي ٿي، پر هلڪي ۽ خشڪ. ڪورونا ۾ ساهہ منجهڻ لڳندو آهي. عام زڪام ۾ اِهو نہ ٿيندو آهي. ڪورنا ۾ نڇون نہ ٿينديون آهن، عام زڪام ۾ نڇون اينديون آهن. ڪورونا ۾ نڪ وهڻ تمام گهٽ ۽ زڪام ۾ اهو گهڻو ڪري ٿيندو آهي. ڪورونا ۾ ڳلي ۾ سُر سُر ٿيندي آهي. عام زڪام ۾ بخار گهڻو وقت نہ هلندو آهي. ڪورونا ۾ دست ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن، عام زڪام ۾ دست نہ ٿيندا آهن. ڏڪڻي ڪورونا ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي، عام زڪام ۾ ڏڪڻي ڪونهي ٿيندي. زبان جو ذائقو ۽ سُنگهڻ جي سگهہ ڪورونا ۾ متاثر ٿي سگهي ٿي ۽

عام زڪام ۾ اهو ورلي ڏنو ويو آهي.

هاڻي اچو تہ شديد ڪورونا جي پين سببن بابت معلومات حاصل ڪريون. خون ۾ شگر (مٺاڻ) جو حد کان وڌيڪ هجڻ بہ ڪورونا جي شدت کي وڌائي ٿو. شگر وارن مريضن ۾ ڪورونا 3.7 دفعا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. تحقيق مطابق شگر جو قابو ۾ نہ هجڻ جسم جي مدافعتي سرشتي سان بہ جڙيل آهي ۽ ڪورونا انهن ماڻهن تي وڌيڪ حملو ٿو ڪري، جن جي جسم جو مدافعتي سرشتو مضبوط ڪونهي. شگر وارن مريضن ۾ نيچرل ڪِلر سيلس ۽ بي (B) سيلس (Cells) تندرست نہ هوندا آهن، جنهن ڪري انهن جي ڪمزور هجڻ ڪري بہ ڪورونا شگر جي مريضن ۾ شدت سان ايندو آهي ۽ موتمار بہ ثابت ٿي سگهي ٿو. پر شگر جا سمورا مريض بہ شديد ڪورونا ۾ مبتلا ناهن ٿيندا. سائنس ٻڌائي ٿي تہ، اُهي شگر جا مريض، جن جي شگر قابو ۾ ڪونهي هوندي ۽ هيٺ مٿي ٿيندي رهندي آهي، اُهي وڌيڪ مصيبت ۾ اچي سگهن ٿا. هونئن بہ شگر وارن مريضن کي پنهنجي شگر چڪاس ڪرائيندو يا ڪندو رهڻ کپي. جيڪڏهن گلوڪوميٽر گهر ۾ رکبو تہ اِهو آسان بہ آهي، تہ سستو بہ آهي. اِن سان خون ۾ شگر کي قابو ۾ آڻڻ ۾ آساني ٿيندي. ناشتي کان اڳ ۽ ناشتي جي ٻن ڪلاڪن کانپوءِ ۽ منجهند جي کاڌي جي ٻن ڪلاڪن کانپوءِ ۽ اهڙي طرح ڪبو رهجي.

دل ۽ بلڊ پريشر جا مريض بہ شديد انفيڪشن ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا. هونئن بہ وائرس دل تي حملو بہ ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن دل پهريان ئي ڪمزور آهي تہ پوءِ نقصان جو امڪان تمام گهڻو آهي. هڪ کوجنا مطابق شديد ڪورونا متاثر مريضن جي پنجن مان هڪ مريض جي دل متاثر ٿي يعني دل جي پٺن تي حملو ٿيو. اُنهن مان ڪجهہ اڳ ۾ ئي دل جا مريض هئا ۽ ڪجهہ وري بلڪل ئي تندرست هئا. وائرس جسم ۾ هڪ طوفان برپا ڪري ٿو، جنهن کي سائٽوڪائين اسٽارم (Cytokine Storm) چئجي ٿو، اِن جي ڪري جسم جي عضون خاص ڪري ڦڦڙن دل جي پٺن ۽ جيو گهرڙن ۾ سوج ۽ انهن جو متاثر ٿيڻ

ممڪن ٿيو پوي ۽ ڪورونا پنهنجي شدت سان حملو ڪري ٿو. جيڪو زندگي جو ڏيو اُجھائي ٿو ڇڏي. تنهنڪري جڏهن ڪورونا شروع ٿيو تہ اهڙن ماڻهن کي، جن جي عمر وڏي هئي يا وري ڪا بيماري هين، چيو ويو تہ هو گهرن ۾ رهن ۽ پاڻ کي ڪورونا کان بچائين. يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهڙن ماڻهن جو موت وڏي انگ ۾ ٿيو آهي.

چين ۾ ٿيل هڪ تحقيق ۾ جيڪا نيو انگلينڊ جرنل آف ميڊيسن، جيڪو طب جو انتهائي معتبر جرنل آهي ۾ شايع ٿي آهي، ان ۾ چيو ويو آهي تہ، هڪ هزار ماڻهو آءِ سي يو ۾ داخل ٿيا، جن مان جيڪي سگريٽ پئيندڙ هئا، انهن جو 12.3سيڪڙو موت جو شڪار ٿيو ۽ جيڪي سگريٽ نہ پئيندا هئا، انهن ۾ موت جو انگ 4.7 سيڪڙو هو. اِن لاءِ سمجهيو ويو تہ سگريٽ پيئڻ بہ ڪورونا کي شديد بڻائڻ ۾ حصو پتي رکي ٿو. اجڪلهہ هڪ نئون مسئلو شروع ٿيو آهي. ڪجهہ ماڻهن کي شڪايت آهي تہ کين وينٽيليٽر نہ مليو، ۽ ڪجهہ کي شڪايت آهي تہ، هرويرو وينٽيليٽر تي چاڙهيو ويو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ سوشل ميڊيا تي هڪ مريض جي باري ۾ هڏڻ ۾ آيو تہ اُن جي مائٽن کي اِها شڪايت آهي تہ، ڪورونا جي ٽيسٽ ناڪار ۾ هئي، پر اُن کي ڪورونا چئي داخل ڪيو ويو ۽ اهو مريض مري ويو. ڪورونا جي ٽيسٽ 30 سيڪڙو ماڻهن ۾ مرض هوندي بہ اِها ناڪاري اچي سگهي ٿي، تنهنڪري اِها ٽيسٽ ٻہ ٽي دفعا بہ ڪرڻي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن نشانيون ڪورونا سان مطابقت رکن ٿيون تہ ان جو علاج ڪورونا سمجهي ئي ڪيو ويندو.

ٿولهہ بہ شديد ڪورونا جو هڪ سبب آهي، جنهن ڪري شديد ڪورونا تي سگهي ٿو ۽ آءِ سي يو ۾ پهچي سگهجي ٿو. اِهو نيويارڪ جي هڪ تحقيق ۾ ڏنو ويو تہ 60 سالن کان گهٽ عمر وارا ماڻهو جيڪي ٿلها هئا، انهن جو انگ انهن کان ٻيڻو هيو، جيڪي ٿلها نہ هئا ۽ ٿولهہ 1.8 دفعا وڌيڪ آءِ سي يو ۾ داخلا جو سبب بڻي. ان طرح عمر ۽ ٿولهہ، بہ وڏا سبب آءِ سي يو ۾ داخلا جا ڏٺا ويا. چين ۽ فرانس ۾ ٿيل تحقيق ۾ بہ اهو ڏٺو ويو تہ ٿولهہ مريضن جي اسپتال ۾ داخلا جو سبب بڻي ۽ اهڙن

ماڻهن جو وڏو انگ ڪورونا جي ڪري آءِ سي يو ۾ داخل ٿيو.

ٿلهن ماڻهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهن ۾ نمونيا وڌيڪ ٿي ٿئي ۽ انهن جي ڦڦڙن جي سگهہ بہ متاثر ٿيل هوندي آهي. بلڊ گروپ هڪ ٻيو سبب ڏٺو ويو ۽ تحقيق ٿي تہ ڪورونا کان متاثرن ۾ گهٽائي بلڊ گروپ A وارن جي هئي ۽ ان بلڊ گروپ وارن جي گهٽائي ڪي ڪورونا بہ شديد ٿيو. جين جو عمل دخل بہ هڪ سبب ٻڌايو وڃي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن تندرست ماڻهو ۽ مٿيان ٻڌايل سبب نہ هجڻ باوجود ماڻهو ڪورونا مان متاثر ٿيو وڃن ۽ شديد بيمار ٿي آءِ سي يو پهچي ٿا وڃن. اِن جو سبب تحقيق ڪندڙ 'جين' (جينياتي مادا) ٻڌائين ٿا. ڪجهہ ماڻهن ۾ اُهي جينس گهٽ هجن ٿا، جيڪي ماڻهو ڪي انفيڪشن کان بچائيندا آهن، اِن تي اڃان ڪم جاري آهي.

ڪورونا هڪ سچ آهي حقيقت آهي. لڳي ٿو تہ دنيا کي ڪيترو ئي عرصو اِن سان گڏ هلڻو پوندو. جيستائين ماڻهن ۾ اِن خلاف مدافعت پيدا ٿئي ۽ ويڪسين تيار ٿئي، تيستائين جيڪو پنهنجو خيال رکندو، اُهو بچندو ۽ جيڪو نہ رکندو، اُن مان ڪجهہ متاثر ٿيندا. هاڻي خبر ڪونهي تہ اُهي بدنصيب ڪير هوندا. جيئن اسان ٻين بيمارين کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جهڙوڪ دست، مليريا، ٽائفائيڊ، ڪاري کامڻ، ٽي بي، ايڊز، خسره ۽ پوليو تهڙي طرح هاڻ ڪورونا بيماريءَ کان بہ بچڻو پوندو. هن بيماري جي خرابي اِها آهي تہ اها تيزي سان وچڙندڙ آهي ۽ وڏو عرصو انسان ذات لاءِ مصيبت بڻبي، تنهنڪري اسان کي وڏي عرصي تائين وڌيڪ خيال ڪرڻو پوندو. ان کان پاڻ کي بہ بچائڻو آهي، تہ پنهنجي پيارن کي بہ بچائڻو آهي. خبر ناهي ڪير ڪورونا جو شڪار ٿي ويندو ۽ ڪير بچندو؟

# ماسڪ پايو پاڻ کي بہ بچايو تہ ٻين کي بہ!

آمريڪا جو انفيڪشن سان منهن ڏيندڙ ادارو سي ڊي سي (CDC) يعني سينٽر فار ڊزيز ڪنٽرول جو چوڻ آهي تہ، ٻن سالن ۾ ان کان وڏي عمر جي ماڻهن کي ماسڪ پائڻ گهرجي. ماسڪ تڏهن ڪم ڪندو، جڏهن هر هڪ پائيندو. اِن اداري جو چوڻ آهي تہ ماسڪ گهر ۾ بہ پائجي، جيڪڏهن ڪو مهمان آيل آهي يا ڪو گهر جي ڀاتين کان علاوه بہ ماڻهو گهر ۾ موجود آهي. ماسڪ لاهڻ يا ان کي ڇُهڻ کانپوءِ هٿ يا تہ صابڻ سان ڌوئجن يا الڪوهل واري محلول سان صاف ڪجن. تنهن ڪري اوهان بيمار آهيو يا نہ، پر ماسڪ ضرور پايو تہ جيئن پاڻ بہ بچو ۽ ٻين کي بہ بچايو.

ماسڪ ڇهري کي بچائي ٿو. جيڪڏهن اوهان وات ۽ نڪ کي ڍڪيندا تہ نزلو، زڪام، ڪورونا ۽ ٻين اهڙن جيوڙن، جيڪي نڪ ۽ وات مان جسم ۾ گهڙن ٿا، انهن جي حملي کان بچي سگهندا. اڄڪلهہ تہ ماسڪ پوشاڪ جو حصو بڻجي ويو آهي. وڳي سان ملندڙ جلندڙ رنگ برنگي ماسڪ، جن تي ڊزائن ٺهيل آهن، سياسي طور ڪم ايندڙ ماسڪ، جن تي پارٽين جو نالو لکيل آهي، اهي بہ اڄڪلهہ بازار ۾ ملن ٿا. ماسڪ جا هڪ کان وڌيڪ قسم آهن: ايف ايف پي ماسڪ گهرن ۾ ٺهندڙ ماسڪن کان مختلف آهن. انهن کي 'سرجيڪل ماسڪ' چئبو آهي. ايف ايف پي-1 ماسڪ، دَز ۽ دونهين کان بچائي ٿو، جڏهن تہ ايف ايف پي-2 ماسڪ، جيوڙن کان بچائي ٿو. انهن مان هڪ ۾ فلٽر هوندو آهي تہ ٻئي ۾ ناهي هوندو. فلٽر جو ڪم آهي ساهہ کي اندر کان ٻاهر وڃڻ ۾ آساني پيدا ڪرڻ.

دنيا جي صحت واري اداري ڪپڙي جي ٺهيل ماسڪ کي پائڻ ٺيڪ قرار ڏنو آهي. اِهي ماسڪ اسپتالن ۾ نہ ٿا پائي سگهجن. ها،

اهي عام طور تي بازار ۾، خريداريءَ دوران پائي سگهجن ٿا. ”ميڊيڪل مائوٿ نوز پروٽيڪشن“ (ايم اين پي) ماسڪ يعني وات ۽ نڪ کي ڍڪيندڙ ماسڪ کي ’سرجيڪل ماسڪ‘ چئبو آهي. اهي ماسڪ اسپتال ۾ پائي سگهجن ٿا. ايف ايف پي-2 فيس فلٽرنگ پيس-N95 ماسڪ آهي، جنهن ذريعي 93 سيڪڙو ذرا، وائرس، ساهه ۽ ٿُڪ جا ڦڙا، اِن ماسڪ سان روڪي سگهجن ٿا. ان ماسڪ مان ٻاهر نڪتل ساهه ٻاهر نه ويندو ۽ پاڻ واري جا جيوڙا (وائرس) ٻاهر نه ويندا.

جنهن ماسڪ ۾ ساهه ٻاهر ڪڍندڙ پردو (Valve) هوندو آهي ۽ فلٽر نه هوندو آهي، ته اهڙا ماڻهو پنهنجا جيوڙا يعني وائرس ٻاهر فضا ۾ خارج ڪندا آهن ۽ فضا کي خراب ڪرڻ سان گڏ پرپاسي وارن ماڻهن کي به متاثر ڪري سگهن ٿا. ايف ايف پي-3 ماسڪ وائرس ۽ ٻين جيوڙن کان بچائڻ جي 99 سيڪڙو صلاحيت رکن ٿا. اهي ماسڪ فضا کي به صاف رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا، يعني پائيندڙ جا جيوڙا ٻاهر نه نڪرندا. ماڻهو پاڻ به محفوظ ته ٻيا به محفوظ. اِهي ماسڪ آءِ سي يو ۽ جتي ڪورونا مريضن جو علاج ٿيندو آهي، اُتي پاتا ويندا آهن.

دنيا جي صحت واري اداري جو چوڻ آهي ته ماسڪ وري وري نٿا پائي سگهجن. ڪپڙي جي ماسڪ کي ڌوئڻ گهرجي. لينگ ۽ ان جي ساٿين هڪ تحقيق ۾ چيو آهي ته، جيڪڏهن ماسڪ پائبو ته پاڻ کي به انفيڪشن نه ٿيندو، يا گهٽ ٿيندو، ته ٻين کي به اهو نه لڳائبو يا گهٽ لڳائبو. انهن ڏٺو ته جيڪي ماڻهو ماسڪ پاتل هئا، انهن جي کنگهڻ سان گهٽ جيوڙن جو تعداد ٻاهر نڪتو. اِهو هنن عام نزلي، زڪام، رهينو وائرس ۽ ڪورونا ۾ ڏٺو. انهن اِهو ڪوود-19 ۾ ناهي ڏٺو. سندن چوڻ آهي ته ڳلي جي مقابلي ۾ نڪ ۾ وڌيڪ وائرس ڏٺا ويا آهن. ڪورونا وائرس لاءِ چون ٿا ته، اهو ماڻهو پنهنجن ئي هٿن سان پاڻ کي لڳائي سگهي ٿو. جيڪڏهن هٿن تي ڪورونا ڪتان چنبڙي ويو آهي ۽ اُهي هٿ منهه تي لڳي ويا ته اسان جا هٿ اِهو وائرس اسان جي جسم ۾ داخل ڪري سگهن ٿا ۽ ائين ڪورونا (Covid-19) کان متاثر ٿي سگهون ٿا. اِن ڪري مُنهن تي هٿ نه لڳائڻ ۽ هٿ وري وري

ڏوئڻ تي زور ڏنو ويجي ٿو.

جرمنيءَ ۾ هڪ تحقيق، جيڪا هڪ جرنل ۾ ڇپي آهي، ۾ لکيل آهي تہ، جيڪڏهن فاصلو نہ ٿو رکي سگهجي تہ، ماسڪ پائجي ۽ ضرور پائجي. اِن سان وائرس جي حملي کان بچي سگهجي ٿو. هڪ بيو جرنل لکي ٿو تہ فاصلو ۽ ماسڪ ٻئي ضروري آهن، ان سان بچاءَ جو امڪان وڌي ويندو. اِن ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ جيڪو اِن وائرس مان متاثر آهي، چاهي ان کي اِن جون نشانيون هجن يا نہ، هُو ٻئي کي متاثر ڪري سگهي ٿو. ماسڪ ڇهري تي لڳل هئڻ گهرجي ۽ ان جي اڳين حصي کي هٿ نہ لڳائجي. اِن کي هميشہ پاسن کان پڪڙجي. سرجيڪل ماسڪ هڪ دفعو پائي ان کي اهڙي نموني ضايع ڪجي جو ان کي ٻيو ڪو وري استعمال نہ ڪري سگهي. ڪپڙي جي ماسڪ کي روزانو ڌوئڻ گهرجي. جيڪڏهن نمي (Moisture) گهٽي آهي تہ پوءِ ماسڪ، منهن ۾ هوا کي وڃڻ اچڻ نہ ڏيندو ۽ ساهہ ۽ هوا ماسڪ جي پاسن کان بغير ڇاٽيل (ڇاڪاڻ تہ اِها ماسڪ مان نہ ٿي گذري، ان جي پاسن کان ٿي گذري) ٻاهر ۽ اندر ايندا ويندا اِن جو نہ ئي پائيندڙ کي فائدو ٿيندو ۽ نہ ئي وري فضا صاف رهندي. نتيجي ۾ ٻين کي نقصان پهچڻ جو خطرو رهندو. جيڪڏهن ماسڪ روزانو تبديل نہ ڪبا يا ڪپڙي وارا ماسڪ روزانو نہ ڌوئبا تہ انهن تي جيوڙا جمع ٿي ويندا ۽ پيهر پائڻ سان پائيندڙ کي نقصان پهچائيندا. ماسڪ جو اڳيون حصو وائرس جي حملي سان خراب ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري ان کي نہ ڇهجي. ان کي هر پيري ڇهڻ سان وائرس پنهنجي هٿ تي چنبڙائيندا سون ۽ اِهو هٿ پنهنجي وات، نڪ يا اکين تي لڳايوسين تہ پاڻ کي ڪورونا لڳي سگهي ٿو. اِهو هٿ جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن ڪرسي، ٽيبل ۽ دروازي تي لڳائيندا سون تہ اِهي وائرس اُتي چنبڙندا ۽ جيڪڏهن اوهان جي ڪنهن پنهنجي ان جڳهہ تي هٿ لڳايو تہ وائرس ان جي هٿ تي چنبڙندا ۽ اُهو هٿ جيڪو صابڻ سان 20 سيڪنڊن لاءِ نہ ڌوتو ويو ۽ منهن تي لڳايو ويو يا پنهنجي ڪنهن ٻار جي منهن تي لڳايو ويو يا وري گهر ۾ ڪنهن بزرگ جي منهن تي لڳايو

ويو تہ اهو وائرس انهن جي جسم ۾ گهڙندو، جنهن ڪري ڪو مسئلو پيدا ڪري سگهي ٿو. اهو ائين آهي جيئن پنهنجي ئي اڇلايل ڪيلي جي کل تان اوهان پاڻ ترڪوءِ تنگ پيچي پوي.

سي ڊي سي (CDC) جو چوڻ آهي تہ اوهان بيمار آهيو يا نہ، ماسڪ ضرور پايو. چاڪاڻ تہ ڪڏهن اوهان وائرس کان متاثر هوندي بہ بيمار نہ ٿيندا آهيو يا ڪٿي چئجي تہ وائرس جون نشانيون ظاهر ناهن ٿينديون، ان هوندي بہ اوهان اِهو وائرس ٻئي کي وچڙائي سگهو ٿا - ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اُهو وڌيڪ بيمار ٿئي، تنهنڪري ماسڪ پايو تہ جيئن پاڻ بہ بچو ۽ ٻين کي بہ بچايو. ان وائرس وسيلي اڄ تائين دُنيا ۾ 20 لکن کان وڌيڪ ماڻهو مري چُڪا آهن ۽ ڪروڙين متاثر آهن. ماسڪ اُن وقت بہ پائجي، جڏهن ڪنهن ڪورونا متاثر جي تيمارداري ڪجي ۽ ان وقت بہ پائجي، جڏهن پاڻ ڪورونا متاثر هجو. تنهن ڪري ماڻهن سان ملڻ ۾ احتياط ڪجي، جانورن جي ويجهو وڃڻ ۾ احتياط ڪجي. ڪالهہ ٽي وي تي هليو پئي تہ چيتي جا ڪجهہ ٻچا بہ ڪورونا کان متاثر ٿيا آهن.

ماسڪ هنن صورتن ۾ نہ پائجي، جڏهن ٻن سالن کان ننڍو ٻار ساهہ جي تڪليف ۾ مبتلا هجي ۽ ٻيو اُهو ماڻهو، جيڪو بيهوش آهي يا پاڻ ماسڪ پائي ۽ لاهي نہ ٿو سگهي. اُهو ماڻهو بہ، جيڪو دماغي طرح ٺيڪ ڪونهي ۽ ماسڪ کي سنڀالي نٿو سگهي. ماسڪ لاهيندي بہ ڪورونا کان متاثر ٿي سگهجي ٿو. ماسڪ هميشہ پاسن کان يا ڏوريءَ کان پڪڙي لاهڻ گهرجي ۽ ان کي اڳيان ڪڏهن بہ نہ پڪڙجي.

ڪپڙي وارا ماسڪ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ تهن وارا آهن تہ بازارن ۾، ڪم جي جڳهين تي پائي سگهجن ٿا. ڪپڙي وارا ماسڪ ننڍن ۽ وڏن وائرسن کي روڪي سگهن ٿا. وائرس جو وچڙڻ ۽ پکڙڻ ان تي بہ دارومدار رکي ٿو تہ اوهان ڪيترو زور سان ٿا ڳالهايو. ڪپڙي جي ماسڪ سان 80 سيڪڙو ذرن/ وائرسن کي، جيڪي 20 کان 30 مائڪرون کان ننڍا ٿين ٿا، کي روڪين ٿا، پر شرط اهو آهي تہ اهي هڪ کان وڌيڪ تهن وارا هجن. اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ اهي ڪپڙي

وارا ماسڪ پائيندڙ ڪي بہ انفيڪشن (وائرس جي حملي) ڪان بچائيندا. هڪ ڪان وڌيڪ تهہ ۽ ڪپڙي جي ڌاڳن جو انگ جيڪڏهن وڌيڪ آهي تہ اهي ماسڪ 50 سيڪڙو جيترن ننڍڙن ذرن يعني هڪ مائڪرون ڪان ننڍن ذرن کي روڪيندا. ستن تحقيقي مقالن ۾ لکيو ويو آهي تہ، سڄي دنيا ۾ ماسڪ پائڻ سان وائرس جو حملو گهٽيو آهي. 200 ملڪن جي وڌيڪ انگن اکرن ان جي تائيد ڪئي، جنهن ۾ آمريڪا، ڪئناڊا ۽ جرمني شامل آهن. معاشي صورتحال کي ڏسجي تہ ماسڪ پائڻ جي ڪري بيماري گهٽي آهي. عالمي طور فقط 15 سيڪڙو ماسڪ پائڻ جي انگ کي وڌائڻ سان لاڪ ڊائون جو مدو گهٽيو ۽ هڪ هزار ارب ڊالرن جي بچت ٿي. اهي انگ اکر هڪ رسالي ۾ ڇپيا آهن. عوامي طور تي جيڪڏهن ماسڪ پائبا تہ فائدو ٿيندو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ماسڪ پائيندا تہ وائرس نہ وچڙندو. جيڪڏهن عالمي طور تي ماسڪ پائبو، خاص ڪري جڏهن ماسڪ کي سماجي فاصلي، هٿ ڌوئڻ، مناسب روشني ۽ هوا جي گذر سيني کي جوڙبو تہ دنيا کي بند ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي. ان جو سڌو سنئون واسطو معاشيات سان آهي.

سردي ۽ برفباريءَ ۾ ماسڪ آلو ٿئي ٿو. آلي ماسڪ مان ساهہ کڻڻ مشڪل ٿيو پوي. جيڪڏهن ماسڪ وري استعمال ڪرڻ جوڳو آهي تہ ان کي بند پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ وجهو. سُڪو ماسڪ پايو ۽ پهرين واري کي ڌوئي ڇڏيو. اسڪارف سنهي ڪپڙي جا ٿهيل هئڻ ڪري وائرس کي نہ روڪيندا، تنهن ڪري اهي ماسڪ جي مٿان پائڻ گهرجن. جيڪڏهن چشمو پاتل آهي تہ ماسڪ نڪ تي چپڪيل هجڻ گهرجي، نہ تہ چشمو خراب ٿيندو رهندو. N-95 ۽ سرجيڪل ماسڪ عام ماڻهوءَ کي نہ پائڻ گهرجن. اهي طبي عملي جي لاءِ آهن، جيڪو ڪورونا جي مريضن جو علاج ڪندو آهي. جيڪڏهن اهي هر ماڻهو پائيندو تہ پوءِ اهي طبي عملي کي نہ ملندا ۽ هُو ڪورونا کان متاثر ٿيندو. پهرين مرحلي ۾ اهو ٿيو هو جو N-95 ماسڪ سرندي وارن ۽ زور آورن جي هٿ لڳي ويا ۽ طبي عملي کي نہ مليا. ايمنسٽي

انٽرنيشنل جي هڪ رپورٽ تحت، جيڪا نيشنل جاگرافڪ ۾ ڇپي، سيپٽمبر 2020ع تائين 7 هزار ڊاڪٽر ۽ نرسون سڄي دنيا ۾ مري چُڪا آهن. پهرين مرحلي ۾ اسان وٽ ماسڪ ۽ ٻيو ضروري سامان نه پئي مليو. ماڻهن لڪائي ڇڏيو ۽ مهانگو ڪيو. ٻئي مرحلي ۾ ائين ڪونهي.

هاڻ هتي به ماسڪ ٺهن پيا ۽ ٻيو سامان به ٺهي پيو. پهرين مرحلي ۾ اسان ڪي ايس آءِ يو ٽي ۾ ڪجهه درزي پاڻ سان شامل ڪرڻا پيا ۽ ڪپڙو هٿ ڪري خاص لباس، جيڪو طبي عملو ڪورونا جي مريض کي ڏسڻ وقت پائيندو آهي، تيار ڪراياسون. صورتحال خراب هئي. سرڪار به اهو ڏک سهڻ لاءِ تيار نه هئي، پر آهستي آهستي صورتحال بهتر ٿيڻ لڳي، جيڪا هينئر بهتر آهي. ورزش دوران ماسڪ پائجي يا نه؟ ان تي ڊاڪٽر جوشوئا اسڪاٽ، جيڪو لاس اينجلس (آمريڪا) ۾ راندين جي طِب جو ماهر آهي، چوي ٿو ته ڪپڙي وارا ماسڪ ساهه کڻڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ چڱا آهن. ڊوڙ دوران اهڙو ماسڪ پائجي، جيڪو آڪسيجن اندر کڻڻ کي نه روڪي. اهو ڏسڻ به اهم آهي ته اوهان جنهن جڳهه تي ڊوڙو ٿا، اتي فقط توهان ۽ پڪي آهيو ته پوءِ ماسڪ پائڻ جي ضرورت ڪونهي، پر جي اڳيان پٺيان ٻيا ماڻهو به ڊوڙن ٿا ته پوءِ ماسڪ پائڻ ضروري آهي. وائرس فضا ۾ هجڻ جي باري ۾ به چيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ورزش بند جڳهه ۾ ڪجي ٿي ته، اُتي به ماسڪ پائڻ ضروري آهي ۽ فاصلو رکڻ به اهم آهي. کليل جڳهه تي ڊوڙڻ ۾ وائرس جو خطرو گهٽ آهي. اسڪاٽ جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اوهان ڊوڙو پيا ۽ ساهه ۾ تڪليف ٿي ٿئي ته ٻين ماڻهن کان الڳ ٿي وڃو ۽ اتي وڃو جتي ماڻهو نه هجن ۽ ماسڪ لاهي ڇڏيو. اهو اُن وقت ڪرڻ ضروري آهي جڏهن اوهان جو ساهه منجهي، سيني ۾ سور محسوس ٿئي ۽ ڇڪي ڇڪي ساهه کڻڻ جي تڪليف ٿئي.

برطانيا ۾ هاڻي طبي عملي لاءِ اهڙا ماسڪ به ٺاهيا ويا آهن، جيڪي شفاف آهن، ۽ جن مان ماڻهوءَ جو سڄو چهرو نظر اچي ٿو. اهو اهڙن مريضن لاءِ لاڀائتو آهي، جيڪي ذهني طرح مسئلن ۾ ورتل

آهن، ۽ جيڪي ٻُڌي ۽ سمجهي نہ ٿا سگهن. جن جي زبان مختلف آهي ۽ جيڪي آواز ٻڌڻ بدران چهري جي تاثرات کي وڌيڪ بهتر ٿا سمجهن. جيڪڏهن اهڙا ماسڪ پائي طبي عملو علاج ڪندو تہ اهڙن مريضن لاءِ وڌيڪ سهولتون پيدا ڪندو. اهي ماسڪ آمريڪا جي هڪ ڪمپني- ٺاهيا آهن. نرسنگ اسٽينڊرڊ جرنل ۾ ان ماسڪ جو ذڪر آهي.

ڪجھ ننڍڙا ننڍڙا مسئلا بہ ماسڪ سان جڙيل آهن. ماسڪ جي ڪري ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڏاڍيان ڳالهائڻو پوندو آهي يا هو سامهون واري جي ويجهو هليو ويندو آهي. ان طرح فاصلو رکڻ وارو مسئلو ختم ٿي ويندو آهي. ماسڪ جي ڪري ٻاهر نڪتل ساهہ اکين ڏانهن ويندو آهي يا جيڪڏهن چشمو آهي تہ اهو ان کي خراب ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن هٿ تي وائرس چنبڙيل آهي تہ اهو اکين رستي جسم ڏانهن ويندو ۽ بيمار ڪندو. ڪڏهن ماسڪ جي ڪري ساهہ کڻڻ ۾ بہ تڪليف ٿي سگهي ٿي. اهي ننڍا ننڍا مسئلا آهن. پيو تہ ماسڪ پائڻ کان علاوه احتياط وسارڻ نہ گهرجن، نہ تہ نقصان جو انديشو آهي. ماسڪ جيئن تہ طبي عملي کي وڌيڪ وقت تائين پائڻو پوندو آهي، جنهن سبب طبي عملي مٿي جي سور جي شڪايت ڪئي آهي. چهري جي چمڙيءَ جا بہ مسئلا ٿي سگهن ٿا، خاص ڪري اهي عورت طبي عملي ۾ وڌيڪ ڏٺا ويا آهن. اِن جو حل ڊيوٽي ۾ وقفو، پاڻي ۽ ٻيا مشروبات وڌيڪ واپرائڻ ۽ چهري جو خيال رکڻ آهي.

اسان کي ڪورونا سان گڏ شايد گهڻو وقت گذارڻو پوي، تنهن ڪري ماسڪ ۾ ڪجھ تبديليون ڪرڻيون پونديون. آرام ده ماسڪ ٺاهڻا پوندا تہ جيئن طبي عملو مريضن جو علاج دل لڳائي، بغير ڪنهن پريشانيءَ جي ڪري سگهي. ويڪسين جي اچڻ ڪانپوءِ مختلف ملڪن ۾ ويڪسين لڳڻ شروع ٿي وڃڻ ڪري ڪورونا مان جند ڇٽڻ جي اميد ٿُهي آهي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ اها پهرين مرحلي ۾ آهي، جيڪو طبي عملي وارو مرحلو آهي. اڃا ٻيا مرحلا طئي ڪرڻا آهن. اُميد تہ سرڪار ملڪ جي سمورن ماڻهن کي

ويڪسين مفت ۾ لڳائيندي. دنيا کي هن عالمي وبا کي عالمي طرح منهن ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن وائرس کي ختم ڪرڻو آهي ته سڀني کي ويڪسين لڳائڻي پوندي. امير ملڪن کي غريب ملڪن لاءِ سوچڻو پوندو. دنيا سڪڙجي ڳاڻي ننڍي ٿي پئي آهي. هڪ ملڪ جو ماڻهو ٻئي ملڪ پهچيو وڃي. جيڪڏهن دنيا جا ماڻهو ائين ئي هڪ ٻئي سان ملندا رهن ۽ هڪ ٻئي جي ويجها ٿين ته، ان لاءِ ضروري آهي ته هو تندرست هجن ۽ ڪورونا کان آجا هجن ته جيئن اهو عمل جاري رهي.

دنيا جي سمورن ماڻهن لاءِ ويڪسين جو بندوبست ٿيڻ گهرجي ته جيئن ان وائرس جي پاڙ پٽڻ ۾ آساني ٿئي. جيستائين اهو ٿئي تيستائين ماسڪ پائجي، فاصلو رکجي، هٿ ڌوئجن، منهن تي هٿ نه لڳائجي ۽ پاڻ کي بچائجي. ڪورونا لڳڻ کانپوءِ خبر ناهي ته ماڻهوءَ سان ڇا ٿيندو. ماسڪ پايو پاڻ بچايو.

# اڄڪلهه ڪورونا جو زور ٽُٽل آهي

اڄڪلهه ڪورونا جو زور ٽٽل آهي. ان ۾ ڪورونا جي مهرباني وڌيڪ، اسان جو عمل دخل گهٽ آهي، ڇو تہ ڪجهہ قسمن جا وائرس ڪڏهن ڪڏهن وقت گذرڻ سان پنهنجو اثر وڃائي ڇڏيندا آهن، جيئن MERS, SARS ۽ ايبولا وائرس سان ٿيو. چڱائيءَ جي اميد ڪجي، پر احتياط ضروري آهي، تہ جيئن ڪورونا ٻيهر ڪر نہ کڻي ۽ جيستائين ويڪسين اچي. مختلف ملڪن ۾ ويڪسين جي تياري هلي پئي. هڪ اطلاع مطابق 166 قسمن جون ويڪسين تياريءَ هيٺ آهن.

ڪورونا دنيا جي سيني ماڻهن کي متاثر ڪيو آهي. ڪو جسماني طرح ڪو وري معاشي طرح. پوري دنيا پريشان آهي. لکين ماڻهو مري ويا آهن. اهو سلسلو اڃا جاري آهي. سماج جي فرد جي حوالي سان هر ڪنهن پنهنجو حصو بہ شامل ڪيو آهي. ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ٻئي طبي عملي قربانيون ڏئي پاڻ کي سرخرو ڪيو آهي ۽ ڪيترن تہ پنهنجون جانيون ڏئي ثابت ڪيو آهي تہ دنيا ۾ اڃا انسانيت باقي آهي ۽ اڄ جا هيروز: ڊاڪٽر، نرسون، مددگار عملو، سائنسدان، بجلي، پاڻي پهچائڻ وارا ماهر ۽ ماڻهن کي بدامني کان بچائڻ وارا ايماندار ماڻهو آهن. ان دوران اهو بہ ٿيو جو غير ضروري خبرون بہ جذب ڪيون ويون ۽ پنهنجو مٿو خراب ڪيو ويو. ماڻهو ذهني خلفشار ۾ مبتلا ٿيا. ڪجهہ ذهني طور پريشان ٿيا. ڪجهہ کي تہ نفسياتي ماهرن جي مدد جي ضرورت بہ پئي.

اسين هر شئي خريدڻ وارو سماج آهيون. اسين معلومات کي بہ هرويرو پنهنجي ذهنن ۾ وڌو. اسان کي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي ها ۽ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي ها يا ان معلومات کي اڳتي وڌائڻ گهرجي ها. ڪورونا خلاف بہ ڪيتريون ئي من گهڙت ڳالهيون ناهيون

ويون، جهڙوڪ: ’ڪورونا ڊاڪٽرن لڳايو. ماڻهن کي زهر ڏئي ماريو ويو. يا ڪورونا جي هر مريض کي هزارين ڊالر ملن ٿا- يا وري ڪورونا آهي ئي ڪونه.‘ ان طرح ماڻهن کي منجهايو ويو. نتيجي ۾ نقصان ٿيو. ماڻهن اسپتال وڃڻ کان نٽايو. ڪورونا جي ٽيسٽ ڪرائڻ کان پاسو ڪيو ويو ۽ ڪورونا ساڻ کڻي گهمندا رهيا ۽ ڪيترن ٻين کي ڪورونا لڳائي ڇڏيائون. ڪورونا کي ماڻهن ڇوت ڇات واري بيماري ٻڌائي ڇڏيو. اها وچڙندڙ بيماري ضرور آهي، پر ڇوت جي بيماري ڪونهي. مُنهن تي ماسڪ پائڻ ۽ فاصلو رکڻ پڻ بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي. هٿ ڌوئڻ ۽ منهن تي هٿ نہ لڳائڻ بہ بچاءَ لاءِ ضروري آهي. اهو وائرس آهي، جيڪو هڪ ماڻهو مان ٻئي ماڻهوءَ ۾ وچڙي ٿو.

هي خطرناڪ ان ڪري آهي جو 3 سيڪڙو ماڻهو موت جو شڪار ٿين ٿا ۽ 15 سيڪڙو کي اسپتال ۾ داخلا جي ضرورت پوي ٿي. بهرحال ڪورونا جا ڪلور اڃا جاري آهن. سماج پنهنجي پنهنجي سمجهہ ۽ عقل جي حساب سان ان ۾ پنهنجو حصو وڌو آهي. مختلف رويا سامهون آيا، پر ٿلهي ليکي ماڻهن هڪ ٻئي جي مدد ڪئي ۽ اسان جو ملڪ مدد ڪرڻ ۾ دنيا ۾ ٽئين نمبر تي آهي ۽ پنهنجي ڪل آمدنيءَ جو هڪ سيڪڙو چيرٽي (خير خيرات) تي خرچ ڪندو آهي ۽ ماڻهو اڪثر سڌي طرح ماڻهن جي مدد ڪندا آهن- اهي ادارن جي معرفت نہ ڪندا آهن ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جو ادارن تي ڀروسو ڪونهي.

هڪ سروي مطابق 67 سيڪڙو ماڻهن سڌو سنئون ماڻهن جي مدد ڪئي ۽ باقي ماڻهن ادارن کي ڏئي پنهنجو فرض پورو ڪيو. فلنٿراپي (Philanthropy) ۽ چيرٽي(Charity) ۾ فرق اِهو آهي جو فلنٿراپي ڏکن ڏوجهڙن جي سببن جو مداوو ڪندي آهي ۽ چيرٽي صرف ڏکن جو مداوو. سولي انداز ۾ ائين چئجي تہ چيرٽي فقط ڏکن جو علاج ڪندي آهي ۽ فلنٿراپي انهن جي سببن جو علاج ڪندي آهي. ماڻهن جا حق وٺي ڏيڻ ۾ ۽ ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۾ سول سوسائٽي جو بہ وڏو عمل دخل آهي. ماڻهو مدد تہ ڪن ٿا، پر اها ڪنهن قانون تحت ڪونهي. ان ۾ ڪو ربط ڪونهي. ڪن ضرورتمندن کي مليو ئي ڪونہ تہ ڪن کي

تي دفعا ملي ويو. ڪٿي وڏا ميڙ جمع ڪيا ويا، جنهن ۾ ڪنهن به احتياط ڪي خاطر ۾ نه آندو ويو ۽ ماڻهو راشن ۽ ڏوڪڙن سان گڏ ڪورونا به ساڻ کڻي ويا. اهو جيڪڏهن ڪنهن سٽاءَ تحت ٿئي ها ته ماڻهن کي فائدو وڌيڪ ٿئي ها. ايتري تائين جو سرڪار جيڪي بارنهن هزار رپيا ڏنا، انهن لاءِ به وڏيون قطارون نظر آيون ۽ نه ماسڪ ڏسڻ ۾ آيا نه ئي فاصلو هٿ ڏوئڻ جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اهو ڪنهن طريقي سان ٿئي ها ته پلو ٿئي ها. وائرس جي وچڙڻ کي روڪي سگهجي پيو.

اج جو ٽيڪنالاجيءَ جو زمانو آهي. پئسا بئنڪ يا ڪنهن ٻئي طريقي سان گهرن ۾ به پهچائي سگهجن پيا. ڪجهه تنظيمن فرق به رکيو، ڪنهن هڪڙي کي سيڏو سامان ڏنو ۽ ٻئي کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. پوءِ به ٿلهي ليکي مدد ڪرڻ وارن جو تعداد به گهٽ ڪونه هو. ڪيترن ئي ادارن ۽ ماڻهن ايتري تائين جو ڊاڪٽرن به پئسا گڏ ڪري ماڻهن کي راشن ڏنا. ايس آءِ يو ٽي، گڙدي جي بيمارين جو ادارو آهي، ان به پنهنجو حصو وڌو- ۽ ڪورونا جا وارڊ ۽ آءِ سي يو کوليا. آهستي آهستي ڪري فقط ڪراچيءَ ۾ هڪ اندازي مطابق 26 کان وڌيڪ ادارن ۾ ڪورونا جو علاج ٿيڻ لڳو. ڪجهه نوان آءِ سي يو ۽ آئسوليشن وارڊ ٺهيا.

ڪورونا دنيا ۾ ڪاروبار، تعليم ۽ صحت کي آن لائين ڪري ڇڏيو. Work from Home جو سلسلو شروع ٿي ويو. شاگردن کي ڪمپيوٽر تي انٽرنيٽ ذريعي پڙهائڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. اهو اسان جي ملڪ ۾ به ٿيو. سنڌ ۾ ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نجي ادارن انٽرنيٽ تي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. اهو سڀ ڪجهه نئون هيو ۽ شاگردن کي گهر ويٺي انٽرنيٽ رستي پڙهايو ويو ۽ اهو سلسلو اڃا جاري آهي ۽ لڳي ٿو ته ايندڙ سال تائين جاري رهندو. ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۽ نرسن پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪيو. هو وائرس متاثر مريضن جو علاج ڪندا رهيا ۽ ڪن پيا.

ڪورونا ڪيترن ئي وڏن ۽ شاهوڪار ملڪن کي وائکو ڪيو.

ڪنگهه، زڪام ۽ نڇن کي ڪيئن ڊڪجي؟ ڪورونا ملڪ جي وڏي آبادي کي اهو سيڪاري ڇڏيو، هٿ ڌوئڻ پهريائين بہ اهم هيو، ڪورونا ڪان پوءِ اهو وڌيڪ اهم ٿي پيو. ان طرح دنيا جو صحت وارو نظام بہ وائکو ٿي پيو، جنهن جو اظهار اسان وٽ ڪجهہ ڏينهن اڳ شيخ رشيد، ٽي وي تي پئي ڪيو تہ ان، جنهن ڪيٽريون ٿي وزارتون سنڀاليون آهن، جهڙي ماڻهو کي هڪ انجيڪشن نہ پئي ملي. دڪاندارن جان بچائيندڙ دوائون لڪائي ڇڏيون. ماسڪ جي قيمت وڌائي ڇڏي. هٿ صاف ڪرڻ وارا محلول (Sanitizer) ناپيد ٿي ويا ۽ انتهائي مهانگا ٿي ويا. ماڻهن موت مان بہ ڪمايو.

سماج جتي ماڻهن جي مدد ڪئي، اُتي سماج جي ڪجهہ حصي عوام کي لُٽيو ۽ جان بچائيندڙ دوائون، وائرس کان بچائيندڙ ماسڪ، وائرس مارڻ وارا محلول ۽ صفائي وارين دوائن تائين لڪائي ڇڏيون ۽ مهانگيون ڪري ڇڏيون. انسانيت وائکي ٿي پئي. ڪجهہ پٽن پنهنجن مائٽن، ماءُ ۽ پيءُ جي خدمت ڪرڻ کان نابري واري، تہ ڪٿي ڪورونا ڪين نہ لڳي وڃي. پر ڪجهہ اهڙا بہ هيا جن "گهوري جان جتن تان" وانگر پنهنجو فرض نڀايو. سماج سرخرو بہ ٿيو تہ سماج وائکو بہ ٿي پيو.

اڄڪلهہ ڪورونا جو زور ٽٽل آهي. ان ۾ ڪورونا جي مهرباني وڌيڪ، اسان جو عمل دخل گهٽ آهي، ڇو تہ ڪجهہ قسمن جا وائرس ڪڏهن ڪڏهن وقت گذرڻ سان پنهنجو اثر وڃائي ڇڏيندا آهن، جيئن MERS, SARS ۽ ايبولا وائرس سان ٿيو. چڱائيءَ جي اميد ڪجي، پر احتياط ضروري آهي، تہ جيئن ڪورونا ٻيهر ڪر نہ کڻي ۽ جيستائين ويڪسين اچي.

مختلف ملڪن ۾ ويڪسين جي تياري هلي پئي. هڪ اطلاع مطابق 166 قسمن جون ويڪسين تياريءَ هيٺ آهن. ڪجهہ جا فيز 3 ٽرائل هلن پيا، جنهن جو مطلب آهي گهڻن ماڻهن تي اها ويڪسين استعمال ڪري ويڪسين جو اثر ڏسجي ٿو. اهڙن ماڻهن کي سلام پيش ڪجي ٿو جيڪي انسانيت جي ڀلائي خاطر اهڙن تجربن لاءِ پاڻ ارپين ٿا، ۽ نقصان سهڻ لاءِ تيار آهن، تہ جيئن ٻين جو ڀلو ٿئي.

اهڙن ماڻهن کي بہ سلام پيش ڪجي، جيڪي پهريون دفعو ڪو وڏو آپريشن (جيڪو پهريون دفعو ٿيندو هجي) ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا. سائنس ائين ئي ترقي ڪئي آهي. ان ۾ ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجي جان خطري ۾ وجهي اِن جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪيو آهي، چاهي اهي خلاباز هجن يا ڪوڙيون دوائون کائي پاڻ تي تجربا ڪرائيندڙ هجن يا وري پهريون دفعو ٿيندڙ ڪو آپريشن ڪرائيندڙ هجن ۽ ڪا مشين پاڻ تي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هجن. اڄ جا هيروز اهي ماڻهو آهن، جيڪي ويڪسين جي تجربي ۾ شامل ٿيا آهن. اڄ جا هيروز اهي ڊاڪٽر آهن، جيڪي مريضن جو علاج ڪندي پنهنجي زندگي خطري ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهن. ۽ ان مان ڪجهہ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري چُڪا آهن. اهي نرسون بہ جس لهڻن جيڪي ميدان ۾ ثابت قدميءَ سان ڪم ڪري رهيون آهن. سماج جا اهي فرد سماج جا خير خواهہ ۽ گهڻ گهرا آهن. سماج سيوڪ آهن، انهن کي دنيا ياد ڪندي، سماج ياد ڪندو. هاڻ سماج کي هِن طرف زياده ڌيان ڏيڻ گهرجي تہ ماڻهن جي صحت جا مسئلا حل ڪجن؟ ماڻهن کي مفت علاج ڪيئن ملي؟ ڪيئن ڪنهن وبا کان بچجي، جيڪڏهن ڏسجي تہ اسان جي ملڪ ۾ هزارين ماڻهو پنهنجون جانيون وڃائي ويٺا آهن. لکين متاثر ٿيا آهن. ڪيترا ئي گهرن ۾ ويٺا آهن. بزرگن جي اڪيلائي وڌي وئي آهي.

دُنيا ۾ ماڻهو پنهنجي مسئلن جي حاصلات لاءِ ڪا تحريڪ ڪونہ ٿا هلائي سگهن. جيڪي تحريڪون هليون پئي، سي رُڪجي ويون. ماڻهن جون شاديون رڪجي ويون، نوڪريون هٿن مان هليون ويون. ڪئي پگهارون بند ٿي ويون، تہ ڪئي گهٽجي ويون. ڇا ڪجهہ نہ ٿيو آهي. سماج کي ڊگهي عرصي لاءِ پلاننگ ڪرڻ گهرجي. وبا کي اڇڻ کان اڳ روڪڻ جي ڪوشش ڪجي. اِن جا جتن ڪجن. ان لاءِ پاڻ پتوڙجي. دُنيا جي حڪمرانن کي مجبور ڪجي تہ هُو صحت ۽ بيمارين جي روڪٿام تي وڌيڪ پئسا رکن. اِهو بہ سماج کي ئي ڪرڻو آهي.

# دنيا ۾ ڪورونا وري موت ڪائڻ لڳو!

اسان وٽ هاڻي بہ روزانو ڪورونا جا 500 کان 600 ڪيس رپورٽ ٿين ٿا. اسان لاڪ ڊائون ختم ڪري سڀ ڪجهہ کولي ڇڏيو آهي. ماڻهو هونئن بہ احتياط ڪونہ پيا ڪن، پر گهرن ۾ تہ هئا. وڏا ميڙ ماڻهن جا نظر نہ پئي آيا. هاڻ احتياط بہ نہ هوندو، ميڙ بہ هوندا ۽ ماسڪ بہ نہ هوندو، تنهن ڪري ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. اسان وائرس کي ڇيڙائڻ ۾ وسان ناهي گهٽايو. ڪنهن بہ بيماريءَ کي قبول ڪرڻ ۾ اسان هميشہ دير ڪئي آهي.

اُهي بيماريون جيڪي اوهان اڳ ۾ نہ ٻُڌيون ۽ نہ پوڳيون هونديون آهن، اهي نين بيمارين ۾ شمار ٿينديون آهن. وائرس شڪليون بدلائي ايندا رهندا آهن. انسانذات پنهنجي سمجهہ ۽ وس آهر انهن بيمارين سان منهن ڏيندي رهي آهي. ڪوڙهہ کان وٺي ڊينگي تائين، چڪن گونيا، نئگليريا ۽ ايڊز اِهي ڪجهہ نيون بيماريون آهن. سڀ کان نين بيمارين ۾ سارس SARS، مرس (MERS) ، ايبولا ۽ هاڻي ڪورونا (Covid-19) شامل آهن.

ڪجهہ بيماريون اچي هڪدم هليون وينديون آهن، ڪجهہ سئو يا ڪجهہ هزار ماڻهن کي نقصان پهچائي وري نظر نہ اينديون آهن، ڪجهہ وري اسان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي وينديون آهن. ڪورونا دنيا جي اڪثر ملڪن کي متاثر ڪيو آهي. اِها وچڙندڙ بيماري آهي، جيڪا هڪ مان ٻئي ۾ وچڙندي آهي. اها خطرناڪ ان ڪري آهي جو بہ کان ٽي سيڪڙو ماڻهن کي موت جي ور چاڙهي ڇڏيندي آهي. ڦڦڙن تي جيڪڏهن حملو ڪيائين تہ ساهہ منجهڻ لڳندو آهي. اِهو ڏاڍو خطرناڪ آهي. اسان جي هڪ ڊاڪٽر سان ائين ٿيو. هُو رات جو 3 وڳي اسپتال پهتو. ”چوڻ لڳو تہ ائين سمجهيو تہ هاڻي منهنجو اهو

آخري پساهہ آهي." پر بچي ويو. اڪثر جا وار ڪانبارجي ويندا آهن، جڏهن هُو اِهو سوچيندو آهي. اسان جو هڪ ٻيو دوست ڇهہ هفتن کان وڌيڪ آڪسيجن تي رهيو.

ڪورونا ٻين بيمارين وانگيان هاڻ اسان جي زندگيءَ ۾ شامل ٿي ويو آهي. جيستائين ويڪسين نہ ٿي ٺهي، تيستائين مسئلو رهندو ۽ ماڻهو پريشان رهندا. مسئلو اِهو آهي تہ هِن ۾ 85 سيڪڙو کي هلڪي تڪليف ٿئي ٿي، تنهن ڪري ماڻهن جي اڪثريت هِن کي مسئلو ئي نہ ٿي سمجهي. جنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن رشتيدار، دوست يا پاڙيسريءَ کي اِها بيماري ٿي آهي، اُهو مڃي ٿو تہ اِن بيماري جو وجود آهي- ۽ جنهن جو ڪو پنهنجو يا ڄاڻ سڃاڻ وارو آءِ سي يو ۾ داخل ٿيو آهي يا مري ويو آهي، اُهو هِن جي شدت ۽ تڪليف کي محسوس ڪري ٿو. "جتي باهہ لڳي، هنڌ او ئي سڙي" واري ڳالهہ آهي. بهرحال سمجهڻ جي ڳالهہ اِها آهي تہ، اِها بيماري موجود آهي، باقي "واڪا ڪرڻ مون وس، ٻُڌڻ ڪم ٻروچ جو."

هاڻي (جمعو 7 آگسٽ 2020ع کان) سڄو ڪاروبار کُلي ويو آهي. سرڪار: پابنديون هٽائي ڇڏيون آهن، تنهن هوندي بہ اڃا 500 کان 600 ڪورونا جا مريض روزانو تشخيص ٿين پيا. دنيا جي ملڪن تڏهن پابنديون هٽايون ۽ ڪاروبار کوليو، جڏهن 10 کان گهٽ مريض روزانو تشخيص ٿيڻ لڳا. هانگ ڪانگ جڏهن پابنديون هٽايون، ان وقت 10 کان گهٽ ڪيس رپورٽ ٿي رهيا هئا. اِها جون جي ڳالهہ آهي. هاڻي 100 نوان ڪيس روزانو رپورٽ ٿين ٿا. هانگ ڪانگ کي وري ڪجهہ پابنديون لڳائڻيون پيون. ماسڪ پائڻ لازمي قرار ڏنو ويو. ويٽنام هڪ ٻيو ملڪ هيو، جنهن ڪورونا تي جلدي قابو پاتو. پهريون ڪيس ٽن مهينن جي وقفي کان پوءِ رپورٽ ٿيو. دانانگ شهر وري بند ڪيو ويو ۽ 80 هزار سياحن کي اُن شهر مان ڪڍڻ جو سلسلو جاري آهي. صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايچ او) ويٽنام جي واکاڻ ڪئي هئي تہ، انهن جلدي ڪورونا تي قابو پاتو. پر هاڻ ويٽنام وارا وري پريشان آهن.

فجي جون ۾ اعلان ڪيو تہ، ’هاڻ انهن وٽ ڪورونا جو ڪوبہ ڪيس ناهي،‘ پر ڪجھ ڏينهن اڳ هڪ 66 سالن جو بزرگ ڪورونا سبب فوت ٿيو. ان بعد وڏيڪ 8 ماڻهو ڪورونا جا تشخيص ٿيا. ڏکڻ ڪوريا جو بہ وڏو چرچو هيو تہ، انهن لکين ماڻهن جا ٽيسٽ ڪري ۽ هاڪاري رپورٽ وارن کي الڳ ڪيو. انهن جي ويجهن جا ٽيسٽ ڪيا ۽ الڳ ڪيو. پر اُتي وري نوان ڪورونا جا مريض ڏسڻ ۾ آيا، خاص ڪري سيوول ۽ گوانگجو شهرن ۾. چيو وڃي ٿو تہ غير ملڪي، جيڪي ملڪ ۾ گهڙيا، سي وائرس کڻي آيا آهن.

اسپين ۾ هزارين ماڻهو مئا. 21 جون تي اسپين اعلان ڪيو تہ انهن ڪورونا تي ضابطو آندو آهي، پر اتي گذريل خميس کان وري نوان مريض ظاهر ٿيا آهن، خاص ڪري ڪيٽالونيا ۽ آراگون شهرن ۾. اتي اڄ تائين 1229 نوان ڪيس ظاهر ٿيا آهن، جنهن ڪري انهن پيهر پابنديون مڙهيون آهن.

آسٽريليا ۽ ايران ٻيا مثال آهن. ايران اپريل ۾ پابندين ۾ نرمي ڪئي تہ مريضن جو تعداد وڌڻ لڳو ۽ جون ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهو مئا. ايران هاڻ وري ماڻهن جا ٽيسٽ ڪرڻ جو تعداد وڌايو آهي ايران جو چوڻ آهي تہ، هاڻ هُو انهن جا ٽيسٽ بہ ڪن ٿا، جن کي ڪي بہ نشانيون ناهن، يعني ساڳيو ئي طريقو جيڪو اڪثر ملڪن اختيار ڪيو ۽ انفيڪشن کي ڪنٽرول ڪيو. ايران ۾ 3000 نوان ڪيس روزانو هئا. اِها مارچ جي ڳالھ آهي. اپريل ۾ 1000 روزانو ٿيا. انهن اپريل ۾ پابنديون نرم ڪيون. مريض پيهر وڌڻ شروع ٿيا. صحت وارو کاتو اِن جو ذميدار عوام جي بي احتياطي کي ٿو قرار ڏئي.

ايني گلائڊ (Anne Gullaud) ۽ پال نيو ڪي (Paul Nuki) پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ، وائرس جو پيهر نمودار ٿيڻ جو مقصد کھڙو آهي. اسپينش فلو ٽن مرحلن ۾ آيو. جيڪو پهرين عالمي جنگ کانپوءِ آيو. ان جو ٻيو مرحلو خوفناڪ هيو.

پروفيسر فرانڪوئس بيلاڪس، جيڪو وبائن جو ماهر آهي ۽ لنڊن جي جينيٽڪس انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي، اهو چوي ٿو تہ،

”انفلوئنزا“ (Influenza) ٽن مرحلن ۾ آيو. هُو چوي ٿو تہ، سردي ۾ وڏو جهٽڪو اچڻ جا امڪان تمام گهڻا آهن ۽ اِهو ٻهرين جهٽڪي جي پيٽ ۾ زلزلو ثابت ٿيندو. آمريڪا ۾ وبا جي ذميداري حڪمرانن تي مڙهي ٿي وڃي. اِها انهن جي ناڪامي آهي. اُتي 30 لکن کان وڌيڪ مريض آهن. ڊاڪٽر اينٿوني فائوسي چوي ٿو تہ، ”آمريڪا گوڏن تائين ڦاٿل آهي ۽ ٻهرين مرحلي مان بہ جند نہ ڇڏائي سگهيو آهي. منجهيل پيغامن آمريڪا ۾ ماڻهن کي مارايو. ماڻهو پريشان رهيا تہ وائرس آهي بہ يا نہ.“ آسٽريليا ٻيهر ميلبرن شهر کي بند ڪيو آهي. اتي 191 نوان مريض ظاهر ٿيا آهن. آسٽريليا بہ انهن ملڪن ۾ شامل هُيو جن ڪورونا تي جلدي ضابطو آندو هو.

اسان وٽ بہ، جيئن مون اڳ ۾ چيو تہ، روزانو 500 کان 600 ڪيس رپورٽ ٿين ٿا. اسان سڀ ڪجھ کولي ڇڏيو آهي. ايڊز کي اسان نہ مڃيو. چيو ويو تہ اِها اسان جي ماڻهن کي نہ لڳندي، ڇاڪاڻ جو اسان جو ڪلچر اولهہ جي ملڪن کان مختلف آهي، پر هاڻ اسان وٽ ايڊز جا هزارين مريض موجود آهن. ٻيو تہ ٺهيو ٻار بہ متاثر آهن. پوليو جا ڦڙا ٻارن کي پيارڻ ۾ بہ دير ڪئي. پوليو دنيا ۾ ختم ٿي ويو، پر اسان ۽ افغانستان بہ ملڪ بچيا آهيون. آفريڪا ۽ ايشيا جا، دنيا جا امير ۽ غريب ملڪ سڀ اسان کان گوءِ کٽي ويا. اسان ٽي بي، مليريا، ٽائيفائيڊ ۽ هيپاٽائيٽس سڀ ۾ خود ڪفيل آهيون. پاڻ پرا آهيون.

جيئن ماتا ۾ مريضن کي لڪائبو هيو، تيئن هن ڪورونا ۾ بہ مريضن کي لڪائڻو آهي. مقصد آهي تہ اِهو مرض ٻئي کي نہ وچڙي. ايترا هزار ماڻهو مري ويا، لکين متاثر ٿيا، اجا بہ ماڻهو ڪورونا کي نہ مڃين تہ، اِن جو حل ڪهڙو آهي؟ هڪ ڪئنسر جي مريض جو ڪورونا ٽيسٽ ڪرايو ويو. ان کي فون ڪري رپورٽ ٻڌائي وئي تہ، اها هاڪاري آهي - ۽ ڪيس چيو ويو تہ، گهر ۾ رهو. ان نہ مڃيو ۽ ٽن ڏينهن کانپوءِ اسپتال اچي ويو تہ، مون کي ڪيموٿراپي جون دوائون لڳايو. هاڻ اِن کي ڇا چئجي؟ اسين هونئن بہ اها ڳالهہ مڃيندا آهيون، جيڪا اسان کي پسند آهي. ڊاڪٽر جو دوا جو ٻڌايل وزن بہ اڌ کائيندا

آهيون، ۽ سمجهندا آهيون تہ ڊاڪٽر هونئن ئي وڏيڪ لکندو آهي. وزن اڌ ڪري ڪائو. اسان ۾ اعتماد جي بہ کوٽ آهي. هڪ ٻئي تي ڀروسو بہ ڪونهي، تنهن ڪري شايد چيو ويندو آهي تہ، 'بابا زمانو خراب آهي. ڀاءُ تي بہ ڀروسو نہ ڪجانءِ يا ڀاءُ تي بہ ڀروسو ڪونهي.' هاڻ ڀاءُ جيڪڏهن ڀاءُ تي ڀروسو نہ ڪندو تہ پوءِ بچيو ئي ڇا؟

هن وقت سڀ ڪجهہ کُلي ويو آهي. ڪاروبار، هوٽل، پارلر، بازارون سڀ ڪجهہ، پر هڪ ڳالهہ ذهن ۾ ضرور رکجي تہ، ڪورونا ختم ناهي ٿيو. اِهو موجود آهي. ڪورونا اسان جي زندگيءَ جو حصو آهي. جيڪڏهن اوهان کي پيٽ گذر ۽ صحت؛ ٻئي پيارا آهن تہ پوءِ احتياط ڪجي ۽ پاڻ کي بچائجي. صحتمند رهبو تہ ڪم جو رهبو.

# وري ڪورونا وائرس جا نوان قسم!
# پر احتياط ساڳيو آهي!

لپ سيچ (Lipsitch) جيڪو هارورڊ ۾ ڪم ڪري ٿو، اهو چوي ٿو ته، نئون قسم خطرناڪ به ٿي سگهي ٿو ۽ ان ڪي نظر ۾ رکندي اِهو چئي سگهجي ٿو ته، گهرن مان غير ضروري نه نڪرو. گهر کان ٻاهر جي ماڻهن سان رابطو گهٽايو ۽ روزانو ماڻهن سان ملڻ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀاڱي ٽئين حصي جيترو گهٽايو. جان هاپڪنس جي رابرٽ بولنگر جو چوڻ آهي ته نئين قسم جي وائرس لاءِ ڪو خاص نئون ناهي ڪرڻو. اهو ئي ڪرڻو آهي جيڪو اڳ ۾ ڪريون پيا.

سمورا وائرس تبديل ٿيندا رهندا آهن. طب جي زبان ۾ اِن کي موٽيشن (Mutation) چوندا آهن. اهو موٽيشن برطانيا کان شروع ٿي، جتي اڄ به روزانو هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهو موت جو شڪار ٿين ٿا. اڄ تائين اِها خبر نه پئجي سگهي آهي ته اِهي نوان قسم موجوده ٺهيل ويڪسين کي بي اثر ته نه بڻائيندا؟ اِهو نئون قسم B.1.1.7 آهي، جيڪو برطانيا ۾ ڏٺو ويو آهي. ڏکڻ آفريڪا ۾ اِهو B. 1351 آهي. وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪا انهن نون قسمن لاءِ وڌيڪ ٻڌائي.

ڊاڪٽر بينجمن نيومن، اي ۽ ايم (A& M) يونيورسٽي ٽيڪساس جي وائرالوجسٽ (وائرس جو ماهر) جو چوڻ آهي ته، جڏهن وائرس پاڻ کي تبديل ڪندو آهي ته ان جي حياتي وڌڻ يعني ان جو گهڻو وقت جيئڻ جو خطرو وڌي ويندو آهي. دُنيا جي صحت واري اداري- ڊبليو ايڇ او جو چوڻ آهي ته، نئين قسم جي وائرس جو (Load) بار گهڻو آهي، تنهنڪري نقصان جو خطرو به وڌيڪ آهي. هڪڙي ڳالهه

جيڪا اُميد ڏياري ٿي، اُها اِها آهي تہ ويڪسين وائرس جي نوڪدار لحميات (Spike Protein) تي اثر ڪندي آهي، تنهن ڪري اِها نون قسمن تي بہ ڪم ڪندي. ڊاڪٽر ايلن فاڪس مين جيڪو ييل (Yale) ميڊيسن ليبارٽري جو اميونلاجسٽ آهي ۽ پاڻ پي ايڇ ڊي آهي، جو چوڻ آهي تہ، اِهو ممڪن ڪونهي تہ اِها ويڪسين نون قسمن تي ڪم نہ ڪري. ها اِهو ٿي سگهي ٿو تہ اينٽي باڊي وارو علاج ڪم نہ ڪري. مسينجر آر اين اي (mRNA ) ويڪسين جو اِهو فاعدو آهي تہ، جيڪڏهن اِها نون قسمن تي اثر انداز نہ ٿي سگهي تہ، اُها يڪدم نون قسمن کي نشانو بڻائي وٺندي.

سيني وائرسز جي وچڙڻ کان بچڻ جو طريقو هڪڙو آهي، قسم کهڙو بہ هجي، منهن تي ماسڪ پايو. جيڪو منهن تي هر طرف کان بند هجي، يعنيٰ وائرس کي اندر گهڙڻ جي جڳهہ ئي نہ ملي. ٻيو جتي رش هجي، اتي وڃڻ کان پاسو ڪجي ۽ مفاصلو رکجي. ٽيون هٿ بار بار صابڻ سان ڌوئجن يا وائرس مار محلول (Sanitizer) استعمال ڪجن.
جان هاپڪنس جي رابرٽ بولنگر جو چوڻ آهي تہ، وائرس جيناتي عمل جي ڪري تبديل ٿيندا رهندا آهن. اِها آر اين اي (RNA) وائرس جي خاصيت هوندي آهي تہ، اُهو تبديل ٿيندو رهي. اِهو نئون ڪونهي ۽ نہ ئي وري حيرت وارو. سمورا وائرس تبديل ٿيندا آهن. جيڪڏهن اوهان عام زڪام واري وائرس کي ڏسندؤ تہ اهو بہ تبديل ٿيندو رهندو آهي، تنهن ڪري هر سال هڪ نئين ويڪسين ٺهندي آهي ۽ هر سال اوهان کي "فلو شاٽ" لڳرائڻو پوندو آهي.

اسان اڳ ۾ SARS-Cov- 2 جا مختلف قسم ڏسي چُڪا آهيون، جيڪي ووهان (چين) واري وائرس کان مختلف آهن. انگلينڊ ۾ سيپٽمبر 2020ع ۾ پهريون دفعو وائرس جو نئون قسم ڏٺو ويو، جنهن 60 سيڪڙو ماڻهن کي متاثر ڪيو، يعني جن بہ ماڻهن کي ڪورونا وائرس ٿيو، ان جو 60 سيڪڙو نئون قسم هيو. نئون قسم ڊينمارڪ، نيدرلينڊ، ٻين يورپ جي ملڪن ۽ ڏکڻ آفريڪا ۾ بہ ڏٺو ويو.

بولنگر جو چوڻ آهي تہ، ڪُل 23 جينياتي تبديليون اچي

چڪيون آهن. خيال هو تہ اِهو وڏيڪ وچڙندڙ آهي، پر اِهو سائنسي طرح ثابت ناهي ٿيو. اِهي نيون تبديليون ڪورونا وائرس جي نوڪدار لحميات (Spiky Protein) ۾ ٿين ٿيون، جيڪي وائرس جو ٻاهريون تهہ ٺاهين ٿيون. اِهي پروٽينس (لحميات) وائرس کي انساني سيل (جيوگهرڙي)، جيڪو انساني جسم جو بنيادي حصو آهي، نڪ ۾ جسم جي ٻين حصن ۾ گهڙڻ ۾ مدد ڪنديون آهن. محقق اِهو ڏسڻ ۾ لڳا پيا آهن تہ، ڪٿي انهن نَوَن قسمن جون ڪنڊي دار لحميات وڌيڪ چنبڙندڙ تہ ناهن، پر اجا ثابت ناهي ٿيو ۽ تحقيق جاري آهي. جان هاپڪنس وارن جو چوڻ آهي تہ، اِهي نوان قسم، لڳي ائين ٿو تہ وڌيڪ خطرناڪ ناهن. وائرس جي اِهو پنهنجي حق ۾ هوندو آهي تہ اهو تبديل ٿيندو رهي ۽ زنده رهي. جيڪڏهن وائرس گهٽي کان گهڻا ماڻهو ماريندو تہ پوءِ پاڻ ڪيئن وڌندو ويجهندو، جيئن ايبولا ۾ ٿيو. ايبولا ماڻهن کي ماريو ۽ پاڻ بہ ختم ٿيو. ٻارن کي پراڻو ۽ نئون وائرس؛ ٻئي هڪ طرح متاثر ڪن ٿا.

بولنگر جو چوڻ آهي تہ نئين قسم جي وائرس لاءِ ڪو خاص نئون ناهي ڪرڻو. اهو ئي ڪرڻو آهي جيڪو اڳ ۾ ڪريون پيا. وائرس کي جيترو وچڙڻ جو موقعو ملندو، اوترو ئي اُهو تبديل ٿيندو، تنهنڪري ڪوشش ڪجي تہ وائرس وچڙي نہ- ۽ ان لاءِ اهو ئي ڪرڻو آهي جيڪو اسين شروع کان ئي ڪيون پيا، يعني ماسڪ، فاصلو ۽ هٿ صابڻ سان وري وري ڌوئڻ. هڪ سوال جي جواب ۾ تہ، "ڇا موجوده ويڪسين نَوَن قسمن تي بہ پنهنجو اثر ڏيکاريندي؟" بولنگر چيو تہ، اجا تائين تہ ائين ٿو لڳي تہ اِها ويڪسين نَوَن قسمن تي بہ ڪم ڪندي، پر اسين اِن تي نظر رکنداسون ۽ ضرورت مطابق ويڪسين کي تبديل ڪنداسون، پر اِن جي في الحال ضرورت ناهي. لپ سيچ (Lipsitch) جيڪو هارورڊ ۾ ڪم ٿو ڪري، اهو چوي ٿو تہ، نئون قسم خطرناڪ بہ ٿي سگهي ٿو ۽ ان کي نظر ۾ رکندي اِهو چئي سگهجي ٿو تہ، گهرن مان غير ضروري نہ نڪرو. گهر کان ٻاهر جي ماڻهن سان رابطو گهٽايو ۽ روزانو ماڻهن سان ملڻ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀاڱي

نئين حصي جيترو گهٽايو. اِن وڏيڪ چيو تہ، ٽيسٽ ڪريو الڳ ڪريو ۽ وڌ ۾ وڌ ويڪسين لڳايو. هن جو بہ خيال اِهو آهي تہ ويڪسين ڀرپور اِميون ريسپانس يعنيٰ جسم ۾ ڀرپور مدافعتي طاقت پيدا ڪري ٿي ۽ ويڪسين پراڻي ۽ نئين، ٻنهي وائرسن کي منهن ڏيندي ويندي. ٽيسٽائين جيستائين ويڪسين لڳي دنيا ۾ پڙهائي ۽ ڪاروبار ڪمپيوٽر رستي ٿيندو. امتحان بہ ڪمپيوٽر تي ورتا ويندا. دنيا تبديل ٿي وئي آهي. ڪورونا دُنيا کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

مٿئين همراهہ جو چوڻ آهي تہ برطانيا وانگر ڪٿي آمريڪا کي بہ پنهنجا اسڪول بند نہ ڪرڻا پون. ڊان اخبار پنهنجي 5 جنوري 2021ع واري شماري ۾ نيشنل ڪمانڊ ۽ آپريشن سينٽر (NCOC) جي حوالي سان لکيو آهي تہ، پاڪستان ۾ بہ ٻہ نون وائرسن جا مريض تشخيص ٿيا آهن ۽ اِهي نوان قسم دُنيا جي 31 ملڪن ۾ پهچي ويا آهن. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هيلٿ B.1.1.7 وارو قسم پاڪستان ۾ ڏٺو آهي، جيڪو برطانيا مان پهتو آهي. سينٽر فار ڊزيز ڪنٽرول ۽ پريوينشن (CDC) آمريڪا 15 جنوري 2021ع تي پنهنجي اطلاع ۾ لکيو آهي تہ، اُهي پبلڪ هيلٿ ايجنسين سان ملي صورتحال کي ڏسي رهيا آهن ۽ نون قسمن جو مشاهدو بہ ڪري رهيا آهن. هو انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي سان ملي اِهو بہ ڏسي رهيا آهن تہ وائرس کي مارڻ وارا محلول هِن نون قسمن خلاف ڪارائتا آهن يا نہ؟ جيئن جيئن نئين معلومات ملندي عوام کي پهچائيندا رهندا. آمريڪن ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي جرنل، اڪين بابت لکيو آهي تہ، الڪوهل وارا محلول ٻارن جي اکين جي حوالي سان اکين لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري اهي ننڍين ٻارن کان پري رکيا وڃن ۽ احتياط سان استعمال ڪيا وڃن. اهي نقصان تمام هلڪا ڦلڪا بہ ٿي سگهن ٿا، تہ شديد بہ ٿي سگهن ٿا. اک جي پردي کان وٺي ويندي پوري اک جو نقصان بہ ٿي سگهي ٿو. اِهي الڪوهل وارا محلول (Sanitizer) اڄا وڏو عرصو اسان کي استعمال ڪرڻا پوندا، تنهن ڪري ٻيهريون ڪم آهي ٻارن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ انهن کي فائدا، نقصان

۾ احتياط ٻڌائڻ. نقصان اُن صورت ۾ جيڪڏهن احتياط نہ ڪبو.

ٻارن کان آٽوميٽڪ هٿ صاف ڪرڻ وارا ڊسپينسر يعني اهي بوتلون يا دٻا الڳ ڪرڻ گهرجن. اهي بوتلون ۾ دٻا ٻارن جي ضرورت جي حساب سان وري ڊزائين ڪيا وڃن. جتي اهي آٽوميٽڪ بوتلون ۾ دٻا آهن، اتي اکين ڌوئڻ (Eye-Wash) جو بندوبست بہ هجڻ گهرجي انهن محلولن جو اکين سان رابطو/ اکين تي ڇنڊا پوڻ کان بچجي. جيڪڏهن اِن محلول جا ڇنڊا اکين ۾ پئجي وڃن تہ يڪدم اکيون صاف پاڻي سان ڌوئجن. مائٽن کي اها خبر هجڻ گهرجي تہ اکين کي نقصان پهچڻ جي صورت ۾ يڪدم اکين جي ماهر ڊاڪٽر سان رابطو ڪجي. ان سان نقصان جو خطرو گهٽبو. دُنيا جي لاءِ هي ڏکيو وقت آهي، پر اسان کي پرامید رهڻ گهرجي تہ ويڪسينيشن ۾ بهتر علاج ۾ احتياط اسان کي اڳ واريءَ دور ۾ جلد کان جلد واپس وٺي ويندا.

# هاڻي ڊاڪٽر بہ چون ٿا
# ”هي منهنجو ٽاٽو ناهي!“

هڪ همراهہ کي خون جي ڪوٽ جي ڪري هلڻ ۾ ساهہ جي تڪليف پئي ٿي. ڦڦڙن واري ڊاڪٽر دمو چيو، فزيشن؛ دل واري ڏانهن ڪيس موڪليو. ٻن دل جي ماهر ڊاڪٽرن مختلف وقتن تي ڪيس ڏٺو. انهن چيو تہ، هي اسان جو ”ٽاٽو“ ڪونہ ٿو لڳي، ان طرح پنج ڏينهن لڳي ويا، تڏهن وڃي خبر پئي تہ خون جي ڪوٽ آهي ۽ هيموگلوبين فقط ڇهہ گرام آهي. فزيشن صرف معائنو ڪيو، اهو بہ پهريان هٿ ڏٺائين ۽ پوءِ اکيون، ان مان سڃاتائين تہ خون جي ڪوٽ آهي. ڪيترو نہ درست ٿئي ها، جيڪڏهن ڦڦڙن وارو ماهر ۽ دل جا ماهر ۽ پهريون دفعو ڏسندڙ فزيشن هن جون فقط هٿ ۽ اکيون چڪاسين ها تہ خون پنج ڏينهن اڳ ۾ چڙهي ها، مريض تڪليف کان بچي وڃي ها.

سڄي دنيا ۾ ايمرجنسيءَ لاءِ هڪ يونيورسل نمبر هوندو آهي، جيڪو ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ 911 آهي. اوهان فون ڪندا تہ ايمبولينس، ڊاڪٽر، پوليس سڀ پهچي ويندا. اوهان کي ترت سهائتا ملي ويندي. ويجهڙائي ۾ موٽر وي تي جيڪو هڪ عورت سان واقعو پيش آيو، انهيءَ ۾ بہ اهو ٿيو تہ جڏهن فون ڪيو ويو تہ، خبر پئي تہ اها حد ڪنهن ٻئي ٿاڻي سان پئي لڳي. نسيم کرل جي مشهور ڪهاڻي ”چوٿيهون در“ بہ ان طرف تي اشارو ڪري. هاڻي ”اهو ٽاٽو منهنجو ناهي“ وارو مسئلو ڊاڪٽريءَ ۾ بہ رائج ٿي ويو آهي. هاڻي اسپيشلائيزيشن جو دور آهي، هرڪو ڊاڪٽر پنهنجي ”ٿاڻي“ کي ٿو ڏسي ۽ مريض کي اڳتي روانو ڪري ٿو ڇڏي. مريض کان حال احوال، جنهن کي طب جي زبان ۾ ”هسٽري“ (History) چئون ٿا، ان جو رواج بہ ختم ٿيندو پيو

وڃي. چڪاس بہ آهستي آهستي وڃي پئي ختم ٿيندي. فقط ايڪسري ۽ ٽيسٽن کي ڏسي علاج اڳتي ٿو وڌي.

سرڪاري ڪاتي ۾ تہ مريضن جو تعداد گھڻو آهي. في مريض ٻن منٽن کان وڌيڪ وقت نٿو ملي، پر نجي ڪاتي، جنهن ۾ ڊاڪٽر هزارين رپيا فيس ٿا وٺن، انهن وٽ بہ وقت ڪونهي. هو گھڻو ڪمائڻ لاءِ گھٽ کان گهٽا مريض، ٿوري وقت ۾ ڏسڻ ٿا چاهين. نتيجي ۾ علاج ۾ ڪجھہ نہ ڪجھہ رهجي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تشخيص بہ درست ڪونہ ٿي ٿئي. ترقي يافتہ يعني سڌريل دنيا ۾ جتي انسان جو قدر آهي، جتي سوال پڇڻ جي اجازت آهي ۽ ذميدار ماڻهو ۽ ادارا جواب ڏيڻ جا پابند آهن، اتي ڊاڪٽر صبح جو 9 وڳي کان منجهند جو 1 وڳي تائين فقط 11 مريض ڏسي ٿو. پوءِ چاهي اها نجي ڪلينڪ هجي يا اسپتال هجي يا سرڪاري اسپتال. في مريض کي 10 کان 15 منٽ ملندا آهن، ايترو وقت لڳي ٿو وڃي، جيڪڏهن اوهان مريض کي ڍنگ سان ڏسڻ چاهيو.

مان فرانس، جرمني ۽ سويڊن ٽريننگ ڪرڻ ويس، جتي مون ڏٺو تہ ڊاڪٽر پهريان دعا سلام ڪندو، پڇندو تہ ڪيئن آهين ۽ هتي ڪيئن پهتين، يعني آرام سان پهچي وئين، پوءِ صحت جو احوال ڏيندو. 10 کان 15 منٽ حال احوال ۽ چڪاس ۾ لڳندا. مريض جي تشخيص ٿيندي ۽ پوءِ ڪجھہ علاج تجويز ڪبو. ان ۾ بہ مريض کي ان جا فائدا ۽ نقصان ٻڌائبا ۽ اهو بہ ٻڌائبو تہ، ڪيتري وقت ۾ توهان چاڪ چڱو ڀلو ٿيندين ۽ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ علاج جا طريقا موجود آهن، تہ اهي بہ ٻڌائبا - ۽ انهن جا فائدا نقصان بہ ٻڌائبا- ۽ هر سوال جو جواب ڏبو. ڪٿي بہ مون ڊاڪٽر کي چڙندي نہ ڏٺو. هتي ڊاڪٽر ۽ اسپتالون فيسون بہ ڳريون ٿيون وٺن ۽ مريض کي پورو وقت بہ ڪونہ ٿيون ڏين. مريض جي تشخيص لاءِ ضروري آهي تہ تفصيل سان ان کان هسٽري وٺجي ۽ معائنو ڪجي، پوءِ ايڪسري ۽ ٽيسٽ چڪاسجن ۽ آخر ۾ مريض جي تشخيص ڪري علاج تجويز ڪجي.

منهنجي هڪ مائٽياڻيءَ کي ماني اڳرڻ ۾ تڪليف هئي، جيڪا

ڪجھ مهينن کان هلي پئي. هوءَ ڪيترن ئي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائي حيدرآباد پهتي ۽ هڪ وڏي فزيشن وٽ وئي. هن وٽ چون ٿا تہ سئو کان وڌيڪ مريض هوندا آهن. هاڻ ان وٽ ايترو وقت ئي ڪٿي هيو جو هو سوچي. هن بہ ساڳي ئي دوا لکي، جيڪا هوءَ پهريون بہ ڪئي دفعا کائي چڪي هئي. فرق نہ ٿيو. مون کي فون ڪيائون صلاح ڏني مانس تہ معائنو ڪرايو. معائنو ٿيو. ان ۾ خبر پئي تہ کاڌي جي ناليءَ ۾ ڪينسر اٿس. مريضن کي وقت ڏيڻ اهم آهي، تڏهن ئي مرض جي صحيح تشخيص ٿيندي ۽ پوءِ چڱو علاج ٿيندو.

هڪڙي دوست جي پٽ کي ٽنگن ۾ سور هو. هو هلي نہ پئي سگهيو. پڻهس محسوس ڪيو تہ هو ٻن ڏينهن کان ماٺ ڪيون ويٺو آهي. پڇڻ تي خبر پيس تہ هو هلي نٿو سگهي. ٻارن واري ڊاڪٽر ڪيس دماغ واري ڊاڪٽر، ڏانهن موڪليو. سرڪاري اسپتال جي او پي ڊي ۾ رش هئي. ٻار کي چڪاسيو تہ پروفيسر پاڻ، پر هسٽري يعني حال احوال چڱو نہ وٺي سگهيو. هڪ خطرناڪ بيماريءَ ڏانهن اشارو ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ (جوڙ) آهستي آهستي بيهجي ويندا آهن. والد کي ڪنهن صلاح ڏني تہ هو هڪ نجي اسپتال ۾ ٻارن جي دماغ جي ڊاڪٽر کي پنهنجي پٽ کي ڏيکاري. اتي هڪ سيڪڙات ڊاڪٽر يعني (ريزيڊنٽ) هسٽري ورتي پوءِ پروفيسر چڪاسيو. خبر پئي تہ ٻار اسڪول ۾ سئو سئو ميٽر کان 800 ميٽرن جون سموريون ڊوڙون هڪ ئي ڏينهن ۾ لڳايون آهن. مقابلو جو ڪٽو هيس. ڪنسلٽنٽ کي صحيح هسٽري ملي وئي. تشخيص ٿي تہ سڀ ڪجھ انهيءَ ڊوڙن جي ڪري ٿيو آهي. ٻيو ڪجھ بہ ڪونهي. ٻار هفتي ۾ ٺيڪ ٿي ويو. سٺي هسٽريءَ ۽ سٺي معائني ڪيئن نہ مسئلو حل ڪري ڇڏيو.

هڪ ٻارڙي بلوچستان مان ڪراچي پهتي هڪ وڏي اسپتال جي ٻارن واري وارڊ ۾ داخل ٿي ساهہ جي تڪليف هيس بغير تشخيص جي ان تي ڪورونا جو ٺپو هڻي ڪورونا واري وارڊ ۾ موڪليو ويو تشخيص ٿي خبر پئي تہ ان کي تہ ٽي بي آهي ٻارڙي جو علاج ٿيو هوءَ ٺيڪ ٿي وئي.

اهو "ٽاٽي" جو مسئلو فقط پوليس سان ڪونهي، ڊاڪٽرن سان بہ ٿي ويو آهي. اسپيشلائيزيشن جا ڪيترائي فائدا آهن، پر اهو هڪ نقصان ٿي پيو آهي، جو مريض کي هڪ کان ٻئي ماهر جا ڌڪا ٿا کائڻا پون. جيڪڏهن سڄي هسٽري وٺجي ۽ معائنو ڪجي، ايڪسري ۽ رپورٽون پوءِ ڏسجن تہ مريض جو فائدو ٿي وڃي. سٺي هسٽري وٺڻ تي هر ماهر جو زور ڏنل آهي، پر ائين ٿئي نہ ٿو. بس ڪجھہ وقت جي گھٽتائي آهي ۽ ڪجھہ سمجھہ جي گھٽتائي آهي. اسان جو هڪ پروفيسر چوندو هيو تہ، "مريض جو علاج ڪريو، ايڪسري ۽ رپورٽن جو علاج نہ ڪريو."

سڌريل ۽ ترقي يافتہ دنيا ۾ ملٽي ڊسپلنري اسپتالون آهن، جتي هر مريض جو علاج ۽ ٽيسٽ هڪ ڇت هيٺيان آهي. مريض کي دربدر نہ ٿو ٿيڻو پوي. اسان وٽ نجي اسپتالن ۾ اُهي بہ وڏيون ۽ مهانگيون اسپتالون، جتي اهو سڀڪجھہ آهي، پر اسان جي ملڪ جي اڪثريت غريبن تي مشتمل آهي، جيڪا خرچ برداشت نہ ٿي ڪري سگھي. ڪجھہ سرڪاري اسپتالن ۾ بہ اها سهولت آهي، پر اها سهولت بہ سڀني کي ميسر ڪونهي. ضرورت آهي اهڙين ڪوڙ سارين اسپتالن ٺاهڻ جي، جتي مريض هڪ دفعو داخل ٿئي، تہ ان کي هيڏي هوڏي نہ ڊوڙايو وڃي - ۽ هڪ ڇت هيٺان ان کي سڀ ڪجھہ ميسر هجي.

سٺي هسٽري ۽ چڪاس انتهائي ضروري آهن. پهريان جڏهن جديد مشينون نہ هيون، تہ هسٽري ۽ معائني تي بيمارين جو علاج ٿيندو هيو. هاڻي جديد مشينن، ايڪسري، سي ٽي اسڪين، ايم آر آءِ ۽ خون، پيشاب جون ٽيسٽ ٿيڻ کان پوءِ هسٽري ۽ معائنو وچ مان نڪري ويا آهن. سمورين ايجادين کي ملائي، هسٽري ۽ معائني سميت شامل ڪبو تہ مريض کي فائدو ٿيندو. فيملي فزيشن واري سائنس کي مضبوط ڪجي. اهي صحت واري شعبي جو ڪرنگھو آهن. سرڪار وڏ ۾ وڏ اسپتالون کولي، دل جي علاج جون اسپتالون، ٻارن جي علاج جون اسپتالون، ٻُڪين جي علاج جون، جگر جي علاج جون اسپتالون، زناني بيمارين جي علاج ۽ ويم جون اسپتالون ۽ ميڊيڪل وارڊ وڏ ۾ وڏ

ڪولي ماڻهن کي گهر جي پرسان مفت علاج جون سهولتون پهچايون وڃن.

طب جي شعبي سان "ٽاٽي" واري روش ختم ٿيڻ گهرجي. علاج ۾ انصاف کي سولو بڻايو وڃي. مريض ۾ مصيبت ۾ ورتل ماڻهوءَ کي فقط هڪ نمبر ملائڻو پوي ۽ ان کي سهائتا ملي وڃي، پوءِ ٿيندي واهه.

# ڇا ڪورونا ويڪسين
# ٻہ اول امير ملڪ کڻندا

شاهوڪار ملڪن پنهنجي ضرورت کان ٽي دفعا وڌيڪ ويڪسين خريد ڪري ڇڏي آهي. غريب ملڪن کي 10 سيڪڙو ويڪسين ملندي يعني 2021ع ۾ فقط 10 سيڪڙو غريب ملڪن جي ماڻهن کي ويڪسين لڳندي. هڪ خبر مطابق ڪئناڊا 10 دفعا وڌيڪ ويڪسين خريد ڪئي آهي. ترقي يافتہ ملڪن تہ اِهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ ويڪسين شروع ۾ ڪنهن کي ملندي ۽ بعد ۾ ڪنهن کي، پر اِهو طئہ آهي تہ سڀني کي ملندي. ٽرمپ اعلان ڪيو تہ هر آمريڪيءَ کي ويڪسين مفت ملندي. ساڳيو اعلان ڪئناڊا بہ ڪيو آهي. پاڪستان ۾ ڇا ٿيندو؟ خبر ناهي. ۽ اُها ڪيئن ورهائي ويندي؟ پهريان ڪنهن کي لڳندي؟ ائين تہ نہ ٿيندو تہ زورآور سڀ ڪجھ ٻُهاري وجن ۽ "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو طريقو هلي.

هر نئين ايجاد جي مخالفت ٿي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ شڪ ۽ شبهو ڏٺو ويو آهي. هاڻي اِهو ڪورونا ويڪسين خلاف آهي. ڪجھ وقت اڳ اِهو شڪ ۽ شبهو پوليو ويڪسين خلاف هيو. گهڻو ڪري مردانگي ختم ٿي وڃڻ جي ڳالھ ڪئي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ مرد سولائي سان ان چڪر ۾ اچي ويندا آهن. مردن جي سڄي زورآوري ان تي جو قائم هوندي آهي - يا وري ٻيو شڪ ٻار نہ پيدا ٿيڻ وارو وڌو ويندو آهي، ٻئي شڪ مضبوط شڪ هوندا آهن. عام ماڻهو گمراھ ٿي ويندو آهي. هاڻي ساڳيا ئي شڪ شبها ڪورونا ويڪسين خلاف پيدا ڪيا پيا وڃن. اهو فقط سائنس دشمني تي مشتمل ڪونهي. اِن پٺيان ڪي نہ ڪي سبب بہ هوندا آهن.

ڪورونا متعلق شروع ۾ اِهو چيو ويو تہ اِها بل گيٽس جي سازش آهي، ان جي پٺيان سبب هئو هُن جو اُهو انٽرويو، جنهن ۾ هن چيو هيو تہ ڪو اهڙو وائرس ايندو، جيڪو سڄي دنيا کي پريشان ڪندو. ٻئي انٽرويو ۾ هن وضاحت ڪئي تہ، هن ائين ايبولا کي ڏسندي چيو هيو. ايبولا آفريڪا کي متاثر ڪيو، اڳتي نہ وڌيو. ڇاڪاڻ تہ متاثرين سخت بيمار ٿي مري پئي ويا. هُن جو خيال هيو تہ اڳتي ڪو اهڙو وائرس نہ اچي، جنهن ۾ ماڻهو سخت بيمار نہ ٿئي ۽ گهمندو ڦرندو وتي ۽ گهڻن ماڻهن کي متاثر ڪري ۽ ان مان ڪجهہ مري وڃن. ڪورونا ۾ اهو ئي ٿئي پيو. 90 سيڪڙو کي معمولي بيماري ٿئي ٿي، 10 سيڪڙو کي شديد ۽ 2 سيڪڙو مري ٿا وڃن. هن وائرس سموري دنيا کي پريشان ڪيو آهي. غريب ۽ امير ملڪ ٻئي پريشان آهن. آمريڪا ۾ سڀ کان وڌيڪ ماڻهو مئا آهن. اِن جو هڪ سبب اِهو بہ ٻڌايو ٿو وڃي تہ اتان جي حڪمران ٽرمپ اِن کي مڃيو ئي ڪونہ ٿي ۽ چيائين تہ، اِهو معمولي زڪام آهي، جيئن اسان وٽ ٿيو. اسان جي حڪمرانن بہ شروع ۾ اِن کي معمولي زُڪام چيو، جڏهن هزارين ماڻهو مري ويا تہ هاڻ چون ٿا تہ، "اِن کان بچو ۽ خيال ڪريو." اِن ۾ مخالف پارٽين جي مهرباني بہ شامل آهي، جو سرڪار انهن جا جلسا روڪرائڻ لاءِ ڪورونا کي مڃڻ شروع ڪيو آهي.

آمريڪا ۾ بہ جڏهن ٽرمپ پاڻ متاثر ٿيو ۽ ڪورونا لڳس تہ، ماسڪ پائڻ شروع ڪيائين، پر ايستائين آمريڪا ۾ ماڻهن جو وڏو نقصان ٿي چڪو هيو. لکين مري ويا ۽ ڪروڙين متاثر ٿيا. اِهو سلسلو اڃا جاري آهي. هزارين هاڻ بہ روز مرن ٿا. برطانيا سان بہ ائين ٿيو. جن ملڪن ڪورونا کي ترت سمجهيو ۽ قبول ڪيو اُهي ملڪ فائدي ۾ رهيا. اتي گهٽ ماڻهو مئا ۽ گهٽ متاثر ٿيا. ايران بہ شروع ۾ نہ ٿي مڃيو، جنهن ڪري اهو وڌيڪ متاثر ٿيو. انهن کان سعودي عرب بهتر رهيو. جنهن ان کي جلدي ۾ قبول ڪيو تہ، "ڪورونا آهي-" ۽ ان کان بچاءَ لاءِ اُپاءَ ورتائين، اتي گهٽ ماڻهو متاثر ٿيا.

آمريڪي جرنل "سائنٽيفڪ" (Scientific) پنهنجي نومبر

2020ع جي شماري ۾ لکيو آهي تہ، آمريڪا ۾ ماڻهو اِن ڪري مئا، جو انهن ڪورونا کي مڃيو ئي ڪونہ، 70 لک ماڻهن جي متاثر ٿيڻ ۽ 2 لک ماڻهن جي مرڻ تائين، ماڻهن ماسڪ پائڻ کي ترجيح نہ ڏني ۽ چيائون تہ، ڪورونا حقيقت ئي ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن عوام کي آمريڪا جي اداري "سينٽر فار ڊزيز ڪنٽرول" (سي ڊي سي) متضاد بيان ڏنا. ان ڪڏهن چيو تہ، ماسڪ پايو تہ ڪڏهن چيو نہ پايو. ڪڏهن چيو، مسافرن کي الڳ ڪريو ۽ بند رکو تہ ڪڏهن چيو، اِن جي ضرورت ڪونهي. ائين ماڻهو پريشان ٿيا.

اِهو وائرس نئون بہ هيو. سائنسدانن کي بہ خبر نہ هئي تہ، اِن جو ڇا ڪجي؟ دُنيا جي صحت واري اداري (WHO) بہ پنهنجون هدايتون وري وري تبديل ڪيون. شروع ۾ ماسڪ تي ايترو زور نہ هُيو. پوءِ ماسڪ تي زور پريائون. شروع ۾ فقط انهن تي نظر رکي وئي، جيڪي ڪنهن اهڙي ملڪ مان سفر ڪري، جتي ڪورونا هيو ۽ ڪنهن ٻئي ملڪ پهتا هئا، جتي ڪورونا نہ هيو. انهن کي چڪاسڻ جي ضرورت تي زور پريو ويو. پوءِ وري ڪورونا متاثر جي پر پاسي وارن کي ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. خير سائنس نالو ئي اِن جو آهي تہ اِها وقت بوقت تبديل ٿئي ٿي. نوان اهڃاڻ، نئين کوجنا ۽ نوان تجربا ۽ پوءِ نوان نتيجا. اها ساڪت، جامد ڪونهي. چرندڙ پرندڙ آهي. پهريان ماڻهوءَ کي اوستائين گهر رهڻو پوندو هيو، جيستائين ڪورونا جا بہ ٽيسٽ (PCR) ناڪاري نہ اچن. هاڻي 10 ڏينهن اڪيلائي ۾ رهڻ لاءِ چيو ٿو وڃي. 10 ڏينهن الڳ رهو ۽ جيڪڏهن کنگهہ، بخار، ساهہ ۾ تڪليف ڪونهي تہ ڪم شروع ڪيو پر ماسڪ پايو. اڳتي جيئن جيئن تحقيق ٿيندي تبديلي ايندي ويندي. اها ئي سائنس آهي. آمريڪا ۾ آفريڪن آمريڪي، هيسپانوي ۽ ڪجهہ انگريز ويڪسين تي ڀروسو نٿا ڪن. ان جي پنيان بہ ڪجهہ حقيقتون آهن. انهن جي خلاف جيڪا نفرتن واري سوچ موجود آهي، تنهن ڪري هو سمجهن ٿا تہ، ڪٿي انهن تي تجربا تہ نٿا ڪيا وڃن.

اسان وٽ بہ اهڙي سوچ ڏٺي وئي تہ، انگريز اسان تي تجربا ٿا

ڪن يا اسان کي نامرد بڻائڻ ٿا چاهين يا وري بي اولاد. ان جي پٺيان نفرتن جي ڏکي تاريخ بہ آهي. ويڪسين هميشہ بهتريءَ لاءِ هوندي آهي. وڏي ماتا کي بہ دنيا مان ائين ختم ڪيو ويو. هاڻ دُنيا پوليو مان جند ڇڏائي چُڪي آهي. پوليو جي مڪمل خاتمي کان اسين ۽ افغانستان رهجي ويا آهيون. اسين ڪوشش ڪريون پيا. ڪاميابي ملندي ضرور. هاڻي ڪورونا جي ويڪسين جو زمانو آهي. برطانيا ۽ آمريڪا ويڪسين لڳائڻ شروع ڪئي آهي. روس اِن کان اڳ شروع ڪري چڪو آهي. چين جي ٻن ويڪسينن تي ڪم هلي پيو. انهن جا فيز 3 ٽرائيل پاڪستان ۾ بہ ٿين پيا. برطانيا واري ويڪسين جو ڪم وچ ۾ رڪجي ويو. آڪسفورڊ وارن جي ويڪسين اڃا تحقيق واري مرحلي ۾ آهي. آمريڪن ڪمپني فائزر "سارس" (SARS) ۽ "مرس" (MERS) وائرس خلاف ويڪسين تي پهريائين ئي ڪم ڪري چُڪي هئي. اهي وائرس ختم ٿي ويا. ڪورونا ساڳئي خاندان جو وائرس آهي، تنهن ڪري فائزر وارن ويڪسين جلدي ۾ آڻي ڇڏي. ٽرمپ چواڻي، آمريڪي حڪومت بہ فائزر جي پئسن ۾ مدد ڪئي، تنهنڪري ويڪسين جلدي آئي. شاهوڪار ملڪن ٽي دفعا وڌيڪ ويڪسين خريد ڪري ڇڏي آهي. غريب ملڪن کي 10 سيڪڙو ويڪسين ملندي يعني 2021ع ۾ فقط 10 سيڪڙو غريب ملڪن جي ماڻهن کي ويڪسين لڳندي. اهو مون آمريڪي ٽي وي چينل سي اين اين تي پڙهيو هو.

پاڪستان ۾ ڇا ٿيندو؟ خبر ناهي. حڪمرانن ڇا طئي ڪيو آهي، اِها خبر ناهي. ويڪسين لڳائڻ جو طريقو ڇا هوندو؟ سرڪار ضرور واضح ڪري تہ ويڪسين ڪيتري خريد ڪئي وئي آهي ۽ اُها ڪيئن ورهائي ويندي؟ پهريان ڪنهن کي لڳندي؟ ائين تہ نہ ٿيندو تہ زورآور سڀ ڪجهہ ٻهاري وڃن ۽ "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو طريقو هلي. صحت وارو کاتو ڪو پروگرام ضرور ناهي. پاڪستانين کي ڪهڙي ويڪسين نصيب ٿيندي؟ فائزر واري ويڪسين منفي 70 ڊگري تي رکڻي پوندي ۽ اِن ٽيمپريچر تي اها هڪ ملڪ کان ٻئي

ملڪ ويندي. لڳي ٿو تہ پاڻ کي چين واري ويڪسين هٿ ايندي. هر ويڪسين جا ٿورا گهڻا اُگرا اثر هوندا آهن، جهڙوڪ بخار ۽ الرجي وغيره، پر اهي خطرناڪ اثر نہ ٿيندا آهن. جيڪڏهن ائين هوندو تہ اها ويڪسين بازار ۾ ئي نہ ايندي. ڪورونا ويڪسين جيڪا فائزر ناهي آهي، اها لڳڻ شروع ٿي آهي. جڏهن لکين ماڻهن کي لڳندي تہ وڌيڪ بهتر نتيجا ملندا.

هِن وبا، صحت جي سرشتي جي، سڄي دُنيا ۾ پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي. سائنس وڏي ترقي ڪئي آهي، روبوٽ ٿا آپريشن ڪن، پر هن جيوڙي ڪووڊ-19 ڊينگو ئي ڊيري ڪري ڇڏيو آهي. ويڪسين تي امير ۽ غريب؛ ٻنهي جو هڪجهڙو حق آهي. اها سيني کي ملڻ گهرجي. ائين نہ ٿئي تہ "ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا کائڻ وارا" واري ڪار ٿئي.

# غريب ملڪن جا 10 مان 9
# ماڻهو ويڪسين کان محروم رهندا

ڪورونا تهر ڪري ڇڏيا آهن. ان ۾ لکين ماڻهو مئا آهن، ڪروڙين متاثر ٿيا آهن. هاڻي سڄي دنيا جي ماڻهن کي ويڪسين جو انتظار آهي. دُنيا ويڪسين خريد ڪري ڇڏي آهي. اسان جي حڪمرانن بہ 12 لک خوراڪون ويڪسين خريد ڪيون آهن. 6 لک ماڻهو اِن مان فائدو وٺندا، باقي ڪروڙين ماڻهن جو ڇا ٿيندو؟ خبر ڪونهي. عوام دوست حڪمرانن دُنيا ۾ پنهنجي سيني ماڻهن کي مفت ويڪسين لڳائڻ جو چيو آهي ۽ انهن ٽي دفعا وڌيڪ ويڪسين خريد ڪئي آهي. دُنيا جي غريب ملڪن جي واهر ڪيئن ٿيندي؟ خبر ڪونهي. غريب شايد تيستائين متاثر ٿيندو رهندو ۽ مرندو رهندو، جيستائين اها ڪيس ملي وڃي. پر غريب ملڪن وٽ پنهنجي ماڻهن کي ڪارائڻ جي هي سگهہ ڪونهي، تہ ويڪسين تہ وڏي عياشي سمجهي ويندي. دُنيا جي صحت واري اداري (WHO) چيو آهي تہ، هُو غريب ملڪن جي مدد ڪندو.

هڪ اندازي مطابق غريب ملڪن جا 10 مان 9 ماڻهو ويڪسين کان محروم رهجي ويندا، يعني گهٽ ۾ گهٽ 2021ع تائين تہ اهو ٿيو چيو وڃي. ايسترا زينيڪا، بايونٽيڪ/ فائزر ۽ ماڊرنا ڪمپني اعلان ڪيو آهي تہ اهي 2021ع ۾ 5.3 ارب ويڪسين جون خوراڪون تيار ڪندا. هر ماڻهوءَ کي بہ خوراڪون لڳيون آهن. اها ويڪسين دنيا جي 7.6 ارب آدمشماريءَ جي هڪ پاڱي ٽي حصي کي ملي سگهندي. امير ملڪ قومن جو 14 سيڪڙو آهن ۽ انهن 53 سيڪڙو ويڪسين خريد ڪئي آهي. ڪئناڊا 414 ملين خوراڪون خريد ڪيون آهن.

ڊيوڪ گلوبل انوويشن مطابق دُنيا جا ڪيترائي ماڻهو 2023ع، 2024ع تائين بہ ويڪسين حاصل نہ ڪري سگهندا.

آفريڪا گلوبل ڪوويڪس تي ڀاڙي ويٺو آهي. انهن غريب ملڪن کي ويڪسين ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو آهي. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل اينتونيو گٽريس چيو آهي تہ، 4.2 ارب ڊالر ڪوويڪس کي گهرجن تہ جيئن هو غريب ملڪن کي ويڪسين مهيا ڪري سگهي.

آفريڪا ۾ ويڪسين 2021ع جي وچ ڌاري کان اڳ شروع نہ ٿي سگهندي. سائنس جنرل "نيچر" ۾ لکيل آهي تہ، هلندڙ سال جي آڪٽوبر تائين 1.5 ارب ويڪسين جون خوراڪون هٿ ڪري سگهبيون، جيڪي 60 سيڪڙو يعني 1.3 ارب ماڻهن کي لڳائي سگهبيون. ان جو ڪاٽو 7 کان 10 ارب ڊالر لڳايو وڃي ٿو. غريب مشڪل ۾ آهي ۽ هو امير جو محتاج آهي. چون ٿا تہ، غريب ملڪن لاءِ سائنوويڪ چائنا ۽ آڪسفورڊ ايسترازينيڪا ڪم اينديون، ڇاڪاڻ جو انهن کي سنڀالڻ لاءِ گهٽو ٽيمپريچر نہ کپي. بهرحال ويڪسين تي ڪم هلي پيو. ڪُل 154 ويڪسين جا قسم تياريءَ هيٺ آهن. ايشيا ۾ چين ۽ انڊيا وڏي پيماني تي ويڪسين ٺاهين پيا. انڊيا دُنيا جو سڀ کان وڏو ويڪسين ٺاهيندڙ ملڪ بڻجي ويو آهي. انڊيا ڪورونا متاثرين ۾ آمريڪا کان ٻئي نمبر تي رهيو. ان وٽ گهڻا مريض شديد متاثر بہ ٿيا. بهرحال انهن پاڻ وٽ ويڪسين ٺاهي ڇڏي آهي. بنگلاديش جي صحت جي سيڪريٽريءَ چيو آهي تہ، هو فيبروري ۾30 ملين خوراڪون ايسترازينيڪا ويڪسين جا سيرم انسٽيٽيوٽ آف انڊيا کان حاصل ڪندا ۽ اِها ويڪسين سيني کي مفت لڳندي. انڊيا پنهنجي 300 ملين ماڻهن کي ويڪسين لڳائڻ شروع ڪئي آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ اِها دنيا ۾ سڀ کان وڏي ويڪسين مهم آهي. انڊيا اِهو بہ اعلان ڪيو آهي تہ هو 6 ٻين غريب ملڪن کي بہ مفت ويڪسين ڏيندو. دُنيا ويڪسين ڏانهن تيزيءَ سان وڃي پئي.

سائنو فارم چين جي ڪمپني آهي، جنهن جي دعويٰ آهي تہ انهن جي ويڪسين 79.34 سيڪڙو ڪم جي آهي، جڏهن تہ فائزر ۽ ماڊرنا 95 سيڪڙو اثر ڏيکارڻ جو ٿا چون. غريب ملڪ مصيبت ۾ آهن. امير ملڪن جو وسيلن تي قبضو آهي. ڪڏهن اهڙو دور ايندو، جڏهن اِهو اميري ۽ غريبي وارو فرق مِٽجندو ڪي روٽي ڳڀي لاءِ محتاج، تہ ڪي وري عيش ٿا ڪن. ڇا هن دنيا ڪي ائين ئي رهڻو هيو؟ ڇا ڪو اهڙو فلسفو ڪا اهڙي سوچ ٻيهر نہ ايندي، جيڪا ڏکي انسانيت کي اِن اوڙاهہ مان ڪڍي؟ ڪا تحريڪ، ڪا جدوجهد، ڪا تبديلي، جنهن ۾ غريب غريب نہ رهي، ڏُکي نہ هجي.

ائين هو سمال پاڪس (وڏي ماتا) کان بچيل ٿا رهن - ائين اُن هڪ ويڪسين ٺاهي، جنهن وڏي ماتا مان اسان جي جند ڇڏائي.

ويڪسينيشن لفظ ڳئون (Cow) جي لاطيني لفظ "Vacca" مان نڪتو آهي. دنيا جو صحت وارو ادارو (ڊبليو ايچ او) چوي ٿو تہ، هر سال 20 کان 30 لکن تائين ماڻهو ويڪسينيشن جي ڪري موت جي منهن مان بچي وڃن ٿا. جيڪڏهن وڌيڪ ماڻهن کي ويڪسين لڳائبي تہ 15 لک ٻيا ماڻهو بچائي سگهجن ٿا. ميڊيسن سان فرنٽيئر (MSF) سرحدن کان آزاد ڊاڪٽري جو چوڻ آهي تہ، ويڪسين جي قيمت ۽ ان کي سنڀالڻ جي ڏکيائيءَ جي ڪري ماڻهو ويڪسين نہ ٿا لڳائين. دُنيا جي صحت واري اداري ڊبليو ايچ او جو اهو بہ چوڻ آهي تہ، ويڪسين ڏانهن غلط رويو ۽ ويڪسين نہ هٽائڻ جو رجحان ڏهن، صحت لاءِ هاڃيڪار سببن مان هڪ سبب آهي.

آمريڪا جي بيمارين متعلق اداري، سينٽر فار ڊيزز ڪنٽرول (CDC) مطابق ننڍي ماتا 99٪ ۽ پوليو 100٪ تائين گهٽيا آهن، اهو ٽڪن (ويڪسينيشن) جي ڪري ممڪن ٿيو آهي.

سينٽر فار ڊزيز ڪنٽرول (CDC)، آمريڪا جي، بيمارين متعلق اداري جي چوڻ مطابق ننڍي ماتا، نوانوي سيڪڙو ۽ پوليو سئو سيڪڙو تائين گهٽيا آهن، اهو سمورو ڪمال ويڪسينيشن جو آهي. ڪورونا کي ونجي تہ 140 کان وڌيڪ دنيا جي اڳواڻن چيو آهي تہ، هُو پنهنجي عوام کي مفت ۾ ويڪسين لڳائيندا. ويڪسين جهڙوڪر مس شروع ٿي آهي لڳي ٿو تہ اسان کي 2021ع تائين وائرس سان گڏ گذارڻو آهي. ترقي ڪندڙ دنيا مان اسان وٽ ويڪسين کي پهچڻ ۾ وقت لڳندو. ويڪسين پاسپورٽ هڪ نئون خيال آهي. ماڻهن کي سفر ڪندي ڪورونا ويڪسين جو سرٽيفڪيٽ ڏيکارڻو پوندو. مون کي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ سموري دنيا گڏيل حڪمت ڇا لاءِ نہ ٿي بڻائي تہ جيئن ٿوري وقت ۾ گهڻي ويڪسين تيار ٿئي- ۽ امير دنيا، جيڪا غريب ملڪن جو استحصال ڪندي آهي ۽ اڃا ڪري پئي، پئسو ڪيڏي ۽ غريب ملڪن جي غريب ماڻهن کي ويڪسين مفت مهيا ڪري ڏئي.

# ويڪسين بابت ڄاڻ

هر ويڪسين خلاف سازشون ٿيون آهن، هاڻي ڪورونا ويڪسين خلاف بہ شروع ٿي ويون آهن. مون ڏٺو آهي تہ ماڻهن کي منجهائڻ ۾ سڀ کان وڏو ڪردار سياسي اڳواڻن جو آهي، ٽرمپ پهريائين ڪورونا کي مڃيو ئي ڪونہ تنهن ڪري آمريڪا ۾ ڪورونا وڳهي لکين ماڻهو مُئا. اسان وٽ وزيراعظم عمران خان بہ شروع ۾ چيو هو تہ اِهو هڪ عام زڪام آهي، ان طرح دنيا جي ڪيترن ئي اڳواڻن شروع ۾ ان کي گهڻو مسئلو ئي نہ سمجهيو. هاڻ هتي ڊاڪٽر ياسمين راشد جيڪا پنجاب جي صحت جي وزير آهي چيو آهي تہ ويڪسين جا اُگرا اثر بہ آهن تنهن ڪري ڏسي وائسي لڳرايو يا اوهان جي مرضي آهي لڳرايو يا نہ. اهو درست رويو ڪونهي اها ڳالهہ ماڻهن کي منجهائيندي، جڏهن تہ ويڪسين ڪهڙي بہ مرض کان بچاءَ لاءِ هجي اُها ڪارآمد ئي هوندي آهي. هاڻي لکين ماڻهن کي اها ويڪسين لڳي چڪي آهي ۽ اها فائديمند بہ آهي، اسان جي اڳواڻن کي اهي منجهائيندڙ بيان نہ ڏيڻ گهرجن، جڏهن تہ ميڊم پاڻ ڊاڪٽر بہ آهي.

ڪورونا ويڪسين جي جلدي ٺهڻ ۾ سائنس جي ترقي جو ڪمال آهي، اهو mRNA ميسنجر آر اين اي جو ڪمال آهي. ٽائم ميگزين جنوري 2021ع واري شماري ۾ هڪ جوڙي جو ذڪر ڪيو آهي، اهو جوڙو جرمني جو باشندو آهي، اهي دنيا جا امير ترين ماڻهو ٿي ويا، اهو جوڙو آهي ڊاڪٽر اُگرساهين ۽ ڊاڪٽر اوزليم ٽيوريسي جيڪي ان ڪمپني سان لاڳاپيل آهن. mRNA واري سائنس ماڊرنا ۽ فائزر وارن بہ استعمال ڪئي. هونئن ٿيندو اهو آهي تہ انسان جو جسم ڪنهن بہ وائرس ۽ بيڪٽيريا خلاف مدافعت پيدا ڪندو آهي جنهن کي اسين جسم جو مدافعتي نظام يعني اميونٽي چوندا آهيون. اوهان

ڪورونا جي زماني ۾ هميشه ٻڌو هوندو ته سٺو کائو، پاڻي جام پيو، وٽامن سي ۽ ڊي جسم ۾ بهتر رکو، ورزش ڪيو ۽ پنهنجي اميونٽي بهتر رکو ته جيئن ڪورونا جي وار کان بچي سگهو. هاڻ اسان کي خبر ڪونهي ڪنهن جي جسم جو مدافعتي سرشتو ايترو مضبوط آهي جو ڪورونا ان کي ڪجهه نه ڪندو ۽ ڪنهن جو ڪمزور جنهن کي ڪورونا وٺ ڪندو. اها به خبر ڪونهي ته ڪنهن کي هلڪو ڪورونا ٿيندو ته ڪنهن کي وري شديد، جيئن ته هن وائرس لکين ماري ڇڏيا، ڪروڙين متاثر ڪيا، دنيا بند رهي، ڪجهه وري مستقل آڪسيجن جا محتاج ٿيا، ڪجهه جا ته ڦڦڙ مستقل خراب ٿي ويا ۽ انهن کي ڦڦڙ جي پيوندڪاري جي ضرورت پئي. ڪورونا دل جي پٺن تي به اثر ڪري ٿو، تنهن ڪري ڪيترا ئي اچانڪ به مري ويا. ڪورونا ويڪسين ناهڻ جي ضرورت مٿين تباهي ڪري به پئي، سال کان وڌيڪ ٿي ويو دنيا ڏچي ۾ آهي. ڪاروهنوار متاثر آهي، ڪيترين ئي ڪمپنيون تباهه ٿي ويون. ڪافي ڪاروبار متاثر ٿيا. ٻن صدين کان ويڪسين ناهڻ جي سائنس ڪونه بدلي هئي. جنهن وائرس سان بيماري ٿي ٿئي انهن جا ننڍڙا نسخا ماڻهن کي ڏنا ويا ۽ اهڙي نموني انهن جي مدافعتي سرشتي کي ان وائرس خلاف تيار ڪيو ويو. جينر 1796ع ۾ وڏي ماتا خلاف اهو ئي ڪيو. هن ڳئون جي جسم تي جيڪي پونءِ جا زخم هئا جيڪي Cowpox انفيڪشن ڪري ٿيا هئا اتان پونءِ ڪڍي هن هڪ ٻار جي جسم تي لڳايل رهڙن تي لڳائي ۽ ان کي وڏي ماتا ٿيڻ جي خطري ۾ مبتلا ڪيو، اُهو ٻار بيمار نه ٿيو پر هن جي جسم ۾ وڏي ماتا خلاف مدافعت پيدا ٿي وئي ۽ هو وڏي ماتا خلاف تيار ٿي ويو ۽ ائين ويڪسين جي شروعات ٿي. ويڪسين جڏهن به لڳائبي جسم ۾ ان وائرس خلاف اينٽي باڊيز ٺهنديون ۽ جسم ان بيماري کان محفوظ رهندو. ڪڏهن اهي اينٽي باڊيز سڄي زندگي لاءِ جسم ۾ رهنديون آهن ۽ ٻيهر ويڪسين جي ضرورت ناهي پوندي، ڪڏهن وري ويڪسين وري وري هڻائڻي پوندي آهي، جيئن نزلي جي ويڪسين ۾ ٿئي ٿو، اُها هر سال لڳائڻي پوندي آهي، ٽائيفائيڊ جي

ويڪسين هر ٻن سالن کانپوءِ لڳائڻي پوندي آهي، اهو اڳتي هلي وقت ٻڌائيندو تہ ڪورونا ۾ ڇا ٿو ٿئي. اهو نئون وائرس آهي، ان تي تحقيق جاري آهي. سائنس جي ترقي جي ڪري هاڻي گهڻي دير نہ لڳندي. هڪڙو طريقو اهو آهي تہ اوهان وائرس کي ڪمزور ڪري اهو جسم ۾ شامل ڪيو. اهو البرٽ سيبن 1950ع ۾ ڪيو. اهو هُن پوليو ۾ ڪيو. پوليو جي ويڪسين جيڪڏهن ننڍپڻ ۾ ئي استعمال ڪئي وڃي تہ سڄي زندگي لاءِ مدافعت پيدا ٿي ويندي، ساڳي هي سائنس ميزلس (Measles)، ممپس (Mumps)، روبيلا (Rubella) ۽ چڪن پاڪس (Chickenpox) ۾ استعمال ٿي. جوناس سالڪ وري مئل يا غير فعال وائرس جو ويڪسين جي طور تي استعمال ڪيو. چائنا اها سائنس ڪورونا لاءِ استعمال ڪئي. هڪڙو طريقو اهو بہ آهي تہ وائرس جي ڪا لحميات ويڪسين لاءِ استعمال ڪجي يعني اها لحميات (Protein) جيڪا وائرس کي ويڙهي ٿي رکي، يعني مٿيون تهہ. جسم ان کي ياد ٿو رکي ۽ پائدار مدافعتي نظام ٿو پيدا ڪري ۽ ائين ماڻهو ان وائرس کان محفوظ ٿو رهي، هيپاٽائيٽس جي خلاف اها سائنس استعمال ٿي، ميري لينڊ جي هڪ ڪمپني بايونٽيڪ نوراواڪس ڪورونا خلاف ويڪسين ۾ اها سائنس تي استعمال ڪري ۽ ساڳي سائنس رشين ويڪسين بہ استعمال ڪئي. 2020ع ويڪسين جي سائنس ۾ ان ڪري ياد ڪيو ويندو جو بنيادي طور ڪورونا ويڪسين ٺاهڻ ۾ بلڪل نئين سائنس کي ڪم ۾ آندو ويو. جنهن کي جينياتي ويڪسين چئجي ٿو جنهن ۾ انسان جي جسم ۾ جين يا وري جين جو ڪو حصو جيوگهرڙو (سيل) جيڪو زندگي جو بنيادي حصو آهي ۾ شامل ڪيو ويندو. جينياتي سائنس جيوگهرڙي کي مدافعتي طاقت جسم ۾ پيدا ڪرائيندي ۽ ائين ماڻهو وائرس جي حملي کان بچيو رهندو. mRNA واري سائنس جي ڪري ماڊرنا ڪمپني ٽن مهينن جي مختصر عرصي ۾ ڪورونا خلاف ويڪسين ٺاهي ۽ ٽرائل لاءِ ميدان ۾ آندي، (ٽائم مئگزين جنوري 2021ع) اهو سائنس جو هي ڪمال آهي جو انسانذات جي زندگي ۾ ڪيترا ئي سُک شامل ٿي ويا آهن. هڪڙو

سُک ويڪسين بہ آهي، احتياط سستو آهي، علاج مهانگو علاج ڪرائيندي ڪڏهن جان جو نذرانو بہ ڏيڻو تو پوي. ويڪسين بہ هڪ احتياط آهي. هڪ احتياط اهو آهي تہ وائرس جسم ۾ گهڙي ئي نہ ماسڪ، فاصلو ۽ هٿ ڌوئڻ ان ۾ شامل آهن. اهو ڪيستائين ڪري سگهبو اهو هڪ سوال آهي، دنيا ڪي ڪُلٽو آهي، پراڻي روش تي واپس اچڻو آهي، ڪم ڪار سان لڳڻو آهي، فلمون ڏسڻيون آهن، ميلا ملاکڙا، رانديون جيڪي بند آهن اِهو سڀ ڪجهہ ڪرڻو آهي، تنهنڪري پيو بچاءُ آهي ويڪسين لڳائڻ جيئن وڏي ماتا، ڪارو ڪامڻ، پوليو، ٽائيفائيڊ، ٽي بي جي ويڪسين آهي، لکين ماڻهو هر سال ويڪسين جي ڪري موت ۽ محتاجي کان بچي وڃن ٿا تيئن هاڻ ڪورونا ويڪسين آهي. دنيا ڪي گڏجي ڪم ڪري وڏ ۾ وڏ ويڪسين ٺاهي جلد کان جلد ماڻهن کي ويڪسين لڳائي ان موذي مرض مان ڇُٽڪارو ڏيارڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو. ڪوروناجو ڊپ ماڻهن جي مٿن ۾ گهڙي ويو آهي. اِهو ڊپ بہ ويڪسين ڪانپوءِ گهٽبو. منهنجي هڪ دوست جي ڌي آهي اُها جڏهن کان ڪورونا شروع ٿيو آهي ڊنل آهي، ان جو پيءُ ويچارو پريشان آهي تہ ڪيئن ان جي ذهن مان ڪورونا جو ڊپ ڪيجي، هُو ويچارو ماهر نفسيات جا چڪر ٿو ڪاٽي، ڪورونا ويڪسين ماڻهن جي جند اِن خوف مان بہ ڇڏائيندي، سچي راند جسم جي مدافعتي نظام جي آهي، DNA کي استعمال ڪري بہ اِهو ٿي سگهي ٿو. ڪورونا جي ڪنڊادار لحميات جو ڪجهہ حصو انساني جسم جي مدافعتي نظام کي تربيت ڏيندو تہ اُهو وائرس خلاف اينٽي باديز ٺاهي ۽ انسان کي وائرس جي حملي کان بچائي. اسپينش فلو 1918ع جي ڳالهہ آهي، سائنس ايتري ترقي نہ ڪئي هئي تخمينو آهي تہ هڪ ڪروڙ کان پنج ڪروڙ ماڻهو مري ويا هئا، هن دفعي سائنسدانن جلدي ۾ ڪورونا جو پتو لڳايو، بچاءُ لاءِ ٻڌايو، ڪجهہ دوائون بہ ميدان ۾ اچي ويون ۽ ويڪسين بہ تيار ٿي وئي. هن دفعي اڃان تائين 20 لک کان گهٽ ماڻهو مئا آهن. اهو تعداد اڃا بہ گهٽائي سگهجي پيو جيڪڏهن حڪمران ۽ عوام عقل کان ڪم وٺن

ها. وقتائتا فيصلا ڪن ها. حقيقت کي تسليم ڪن ها تہ اهو انگ تمام گهٽ هجي ها. هاڻي بہ ڏسجي ٿو تہ ماڻهو ڪونہ ٿا مڃين، ماسڪ نہ ٿا پائين، فاصلو ڪونہ ٿا رکن، ها هٿ ڌوئڻ جو سلسلو ٿورو بهتر ٿيو آهي، جيترو جلد حقيقت کي تسليم ڪبو اوترو جلد فائدو ٿيندو.
ٽائيم ميگزين mRNA کي ماليڪيول آف دي ايئر جو خطاب ڏنو آهي، اڄ ٽائين تہ اهو ئي چيو ٿو وڃي تہ هن ويڪسين جا بہ ڊوز لڳندا.

سائنسدانن فرانسس ڪرڪ ۽ جيمس واٽسن ۽ هارمارس ولڪنس 1961ع ۾ پهريون دفعو DNA دريافت ڪئي، انهن کي اڳتي هلي دنيا جو سڀ کان وڏو اعزاز نوبل پرائيز بہ مليو. دنيا اربين سالن کان قائم آهي ۽ قائم دائم رهندي، وڏا وڏا سائنسدان آيا سائنس تي ڪم ڪري هليا ويا، mRNA جي دريافت سائنس جي ترقي ۾ هڪ وڏي ڇلانگ هئي، جيڪا هاڻي ڪورونا ويڪسين خلاف ڪم اچي پئي. چائنا، رشيا، آمريڪا، جرمني، برطانيا، انڊيا ۽ دنيا ۾ 120 کان 150 ويڪسين تياري هيٺ آهن، سڀ جو ويڪسين ٺاهڻ جو طريقو مختلف آهي پر مقصد ساڳيو آهي تہ ڪورونا کي ڪيئن مات ڏجي. سائنس جي ترقي اِن کي ممڪن بڻايو آهي، انسانذات اِن مان فائدو وٺي. اهو هڪ انقلاب آهي.

ڪورونا هڪ عذاب آهي، ڪورونا ويڪسين هڪ انقلاب، جلدي ۾ ٺهڻ هڪ وڏو انقلاب آهي. ڇاڪاڻ تہ ويڪسين ٺهڻ لاءِ عام طور تي 12-10 سال جو ٽائيم لڳي ٿو. بهرحال گهٽي کان گهٽي تعداد ۾ ويڪسين تيار ڪئي وڃي ۽ جلد کان جلد دنيا جي ماڻهن کي هنئين وڃي، ڇاڪاڻ تہ جيستائين سڄي دنيا جو عوام ڪورونا کان محفوظ نہ ٿيندو تہ ڪوئي بہ آدم محفوظ نہ رهندو.

ويندا هئا ۽ جسم جي مدافعتي سرشتي کي وائرس خلاف تيار ڪيو ويندو آهي، ويڪسين لڳائڻ سان جسم ۾ اينٽي باڊيز ٺهنديون آهن، جيڪي انسانن کي بيمارين کان بچائينديون آهن ۽ اهي اينٽي باڊيز اُن خاص وائرس خلاف ٺهنديون آهن. ماتا خلاف اينٽي باڊيز سڄي زندگي جسم ۾ رهنديون آهن ۽ ماڻهو وڏي ماتا کان محفوظ رهندو آهي. نزلي جي ويڪسين هر سال لڳائڻي پوندي آهي ۽ هر سال نئين ويڪسين ٺهندي آهي، ڇاڪاڻ ته وائرس هر سال پاڻ کي تبديل ڪندو آهي.

ٽائيفائيڊ بخار جي ويڪسين هر ٽن سالن کانپوءِ لڳندي آهي. ڪورونا نئون وائرس آهي پر پوءِ به هن کي سمجهڻ ۾ گهڻي دير نه لڳي، ڪوڙهه جي جيوڙي کي سمجهندي سئو سال لڳي ويا، ان وقت سائنس ايتري ترقي نه ڪئي هئي. البرٽ سيڊوري 1950ع ۾ وائرس کي ڪمزور ڪري جسم ۾ داخل ڪيو ۽ انسان ۾ پوليو خلاف مدافعت پيدا ڪرائي، ساڳي سائنس لاڪڙي ۽ ٻين وائرسن خلاف استعمال ٿي. سائنس جيئن ترقي ڪئي ۽ تحقيق ڪئي ته انسان جي بهتري لاءِ علاج ۽ بيمارين کان بچاءُ جا نوان طريقا ڳوليا ويا. جوناس سالڪ هڪ سائنسدان وري مئل يا غير فعال وائرس جو ويڪسين ٺاهڻ لاءِ استعمال ڪيو جيڪو چائنا ڪورونا (Covid-19) وائرس خلاف استعمال ڪيو آهي. هڪ ٻيو طريقو ويڪسين ٺاهڻ جو وائرس جي لحميات (پروٽين) استعمال ڪرڻ جو طريقو آهي، اها لحميات وائرس کي چوگرد ويڙهي ٿي، جسم ان کي ياد ٿو رکي ۽ طاقتور مدافعتي نظام جسم ۾ پيدا ڪري ٿو. اها سائنس هيپاٽائيٽس بي جيڪا جگر جي بيماري آهي ان خلاف استعمال ٿي، ميريليند نورا واڪس ۽ رشين ويڪسين اسپوٽنڪ-5 ساڳي ئي سائنس ڪورونا خلاف ويڪسين ٺاهڻ ۾ استعمال ڪئي آهي. 2020ع سال کي ويڪسين جي تاريخ ۾ ان ڪري ياد ڪيو ويندو ڇاڪاڻ ته ويڪسين ٺاهڻ ۾ بلڪل نئين سائنس استعمال ڪئي وئي.

ان سائنس کي جينياتي ويڪسين چئجي ٿو ان ويڪسينيشن

جي طريقي ۾ جينياتي مادو انسان جي پرماڻي (سيل) ۾ داخل ڪيو ويندو آهي ۽ ائين جيوگهرڙي جسم ۾ مدافعت پيدا ڪندو ۽ انسان وائرس جي حملي کان بچي وڃڻ جي صلاحيت حاصل ڪري وٺندو. آر اين اي (mRNA) واري سائنس جي ڪري ماڊرنا ڪمپني اها ويڪسين جلدي تيار ڪري ورتي هئي. ويڪسين انسان ذات کي ڪيترين ئي بيمارين کان بچائي ٿي ۽ اهو سئو بہ آهي، بيمار ٿيڻ کانپوءِ علاج بہ مهانگو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري معذوري يا جان جو خطرو بہ ٿيو وڃي، جيئن پوليون ۾ ٿئي ٿو. هاڻي ويڪسين اسان جي هٿن ۾ آهي، ماڻهن کي ان جو فائدو وٺڻ گهرجي. سڄي دنيا ۾ طبي عملي کي ويڪسين لڳائڻ جو عمل جاري آهي، لکين ماڻهو ان مان فاعدو وٺي چڪا آهن.ان ويڪسين مان سڀني کي فائدو وٺڻ گهرجي. ڪورونا خلاف وقتائتي ويڪسين بہ هڪ وڏو انقلاب آهي، اهو انقلاب دُنيا کي وري پنهنجي اصلي شڪل ۾ تبديل ڪندو. انسانذات کي جيڪو هڪ ٻئي کان الڳ ڪيو ويو، دُنيا بند ٿي وئي، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون بند ٿي ويون، پڙهائي جو معيار گهٽجي ويو، ماڻهن جو روزگار متاثر ٿيو، ايتري تائين جو ياڪر پائڻ ۽ چُمي وٺڻ جو حق بہ انسانن کان کسجي ويو، اهو سڀ ڪجھ واپس ورندو. اها ويڪسين دُنيا جي سمورن انسانن کي لڳڻ گهرجي، بغير ڪنهن فرق جي، بغير ڪنهن ييد ڀاءُ جي، اهو سڀني انسانن جو پيدائشي حق آهي، ان ويڪسين کان ڊڄڻ نہ گهرجي ۽ افواهن تي ڀروسو نہ ڪجي، ويڪسين جو جلدي ٺهڻ سائنس جي ترقي ڪري ممڪن ٿيو آهي. انڪري بهتر آهي تہ "ويڪسين لڳايو پاڻ بچايو."

# ڪورونا جي مريض ڪوڙ ڇو ڳالهايو؟

هو ستر سالن جو بزرگ هيو ڪينسر جي او پي ڊي ۾ علاج لاءِ آيو هيو. او پي ڊي ۾ ڪورونا جون علامتون هجڻ سبب هُن جو ڪورونا جو ٽيسٽ ڪرايو ويو هيو. هُو ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري او پي ڊي ۾ آيو فائل پڙهڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر مريض کان پڇيو ته، "گذريل دفعي ڪورونا جي ڪرايل ٽيسٽ جو نتيجو ڇا نڪتو؟" مريض وراڻي ڏني ته، "هن کي اُن ٽيسٽ جي نتيجي جي خبر ڪونهي. اهو طئي آهي ته ڪورونا ٽيسٽ ڪرائيندڙ کي فون ڪيو ويندو آهي ۽ نتيجو ٻڌايو ويندو آهي، پر هتي مريض بلڪل انڪاري هيو. ڊاڪٽر ڪورونا ٽيسٽ جي نتيجي ۾ اِن ڪري پئي دلچسپي ورتي، ڇاڪاڻ جو ڪيموٿراپي جون دوائون لڳائڻ ۽ نه لڳائڻ جو دارومدار ڪورونا پي سي آر ٽيسٽ (PCR) جي نتيجي تي هيو.

ڊاڪٽر فون ڪري رپورٽ پُڇي. خبر پئي ته رپورٽ مثبت هئي ۽ اِهو مريض کي فون ڪري ٻڌايو به ويو هيو. نه فقط اِهو پر هن کي ڏهه ڏينهن الڳ ڪمري ۾ رهڻ لاءِ به چيو ويو هيو. مريض ائين ڇا لاءِ ڪيو؟ هو ڪيموٿراپي لڳائڻ لاءِ زور به ڀري رهيو هيو. ڊاڪٽر سوچڻ لڳو ته ڇا هِن عمر ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ نندپڻ جي اُن تربيت جو نتيجو آهي، جنهن ۾ اسان جا پيءُ گهر جي گهنٽي وڄڻ تي چوندا آهن ته، "چئوس ته هو گهر ۾ ڪونهي،" يا اهو نتيجو آهي ان بي اعتمادي جو، جيڪا اسان جي معاشري ۾ گهرُ ڪري وئي آهي يا وري اها سوچ ته ڪورونا آهي هي ڪونه ڊاڪٽر ٿوري دير لاءِ ٻُڏتر ۾ پئجي ويو ۽ فيصلو نه ڪري سگهيو.

# هو ذري گهٽ روئي ويٺو

هو ايماندار ۽ جاکوڙي هيو. سڄو ڏينهن ڪم ۾ مصروف. سرڪاري اسپتال جي آءِ سي يو جو انچارج هيو. ڪورونا لڳي ويس غلطي ۾ هڪ نجي اسپتال ۾ داخل ٿيو. هفتي ۾ ڇهه لک ربيا گيدي مان نڪري ويس. جمع پونجي اِها ئي هيس. ڏجي ويو. موڪل جي درخواست ڪري يجي نڪتو. بيماري پوري ٺيڪ نہ ٿي هيس. هاڻ سرڪاري اسپتال جي ڪورونا وارڊ ۾ داخل ٿي جان بچاياائين. برسات وسي. گهر ۾ پاڻي گهڙيو. هنڌ بسترا، ٽي وي، فرج سڀ خراب ٿي ويس. جيڪو بچيو هيو اُن کي بہ چِتي لڳي وئي. سرڪاري اسپتال ۾ هوندي بہ نجي اسپتال جي چڪر ۾ ڦاسي پيو. خرچ کُٽي پيس. اسپتال مان يجي جان ڇڏاياائين .

ماڻهو ڪيترو نہ مجبور آهي. هونئن بہ غريب کي هڪ نہ هڪ ڇڏي بہ ڪونہ. ڪورونا نہ، تہ برسات. ڪجهہ نہ ڪجهہ وڪوڙي ٿو ڇڏي. هو آلين نماڻين اکين سان دردن جا داستان ٻڌائيندو رهيو. چيائين، "ڪورونا مان بچيس تہ برسات هٽي هنڌ ڪيا." هو ذري گهٽ روئي ويٺو.

# ڪورونا هارائي ويو

ڊاڪٽر پنهنجي ماءُ کي جيڪا 80 سالن جي آهي، ڪٺي ڪٺي، اسپتال جا ڌڪا کائيندي، ٿڪجي پيو. ماءُ کي بسترو نٿو مليس. هُوءَ دل جي بيماريءَ جي ڪري ڪنهن اسپتال ۾ داخل هئي، خبر پيس تہ ڪورونا جو ٽيسٽ مثبت اچڻ تي اسپتال وارن اهو چئي موڪل ڏني ڇڏيس تہ، 'وٽن ڪورونا جي علاج جو بندوبست ڪونهي.'

ڊاڪٽر ماءُ کي گهر نہ ٿو وٺي وڃڻ چاهي، گهر ننڍو اٿس. زال ۽ ٻارن کي ڪورونا وچڙڻ جو پورو ڀو اٿس. نيٺ ڪورونا واري اسپتال ۾ داخلا ملي ويس. ماءُ کي جيئن تہ فقط اسپتال ۾ رکڻو هيو. ڊاڪٽرن سندس پٽ کي چيو تہ، 'هو پورين احتياطي تدبيرن سان ماءُ سان گڏ رهي ۽ ان جي تيمارداري ڪري، ڇاڪاڻ تہ سندس ماءُ کي علاج کان وڌيڪ تسلي ۽ تيمارداريءَ جي ضرورت آهي.

پٽ ڊنل هيو تہ ڪٿي هن کي بہ ڪورونا نہ لڳي وڃي، هو ماءَ سان گڏ رهڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. ڪورونا ويچا وڌائي ڇڏيا، امڙ جهڙي هستيءَ جي خدمت کان محروم ٿي ويو، اهو پٽ ڪورونا کان بچي ويو. ڪورونا ڪٿي ويو محبت هارائي وئي. هڪ ٻيو ڊاڪٽر آهي. ماءُ کي ڪورونا اٿس. هوءَ ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندي آهي، پٽ ان کي اُتان گهرايو، ڪيس شهر جي ڪورونا اسپتال ۾ داخل ڪيو. سمورين احتياطي تدبيرن سان اُن جي تيمارداري ڪيائين. سندس ماءُ چاڪ چڱي ڀلي ٿي گهر موٽي وئي. هن ڊاڪٽر پٽ کي ڪورونا لڳي ويو. ڪورونا هارائي ويو. قربت قائم رهي.

# موت جي چنبي مان بچي نڪتس

احتياط جي اجا به سخت ضرورت آهي. اهو وائرس خطرناڪ آهي. ماڻهو ته ماري. جي ماري نه ته ته نبل ضرور ته بڻائي. محفلون، ملاڪڙا ۽ دعوتون: انهن کان پاسو ڪجي، نه ته ڪنهن نه ڪنهن پياري کان هٿ ڌوئي ويهبو. اِهو وڏو نقصان آهي. اڪيلائي الڳ ٿي ماري. هڪڙو قيد آهي، جيڪو اسين پنهنجي لاءِ پاڻ ٿا چونڊيون.

اڄ نائون ڏينهن آهي هڪ الڳ ڪمري ۾، جنهن جو دروازو مستقل بند رهي ٿو. انهن نون ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا لڳو ته اڄهو اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي ضرورت پوندي - ۽ پوءِ خبر ناهي ڇا ٿيندو؟ ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي ڪورونا مرض متعلق ڄاڻ، ان جي اُڳرن نتيجن هميشه ڊيڄاري رکيو. خواهش هئي ته اسپتال داخل ٿيڻ جي ضرورت نه پوي. ڪورونا جي شروعات ڳلي جي سور، مٿي جي سور ۽ بخار سان ٿي. اِها آچر جي ڳالهه آهي، سومر تي ڪورونا پي سي آر ٽيسٽ ڏنو. اڱاري ڏينهن رپورٽ آئي، جيڪا مثبت هئي. بس پوءِ تنهائي شروع ٿي ۽ هڪ خوف ته، متان آڪسيجن جي مقدار نه گهٽجي وڃي. آڪسي ميٽر- ننڍڙو آلو به ڪڏهن ڪڏهن ڊيڄاريندو آهي ۽ گهٽ وڌ رپورٽ ٻڌائيندو آهي. ان وچ ۾ چڪاس لاءِ ٽي دفعا اسپتال به وڃي چڪو آهيان. آڪسيجن جي مقدار درست هجڻ ڪري واپس گهر اچي ويس. اڄ ماهرن جو خيال هيو ته مان خطري واري زون مان ٻاهر نڪري چڪو آهيان.

اڪيلو هڪ بند ڪمري ۾ گذارڻ ڏاڍو تڪليف وارو عمل آهي واندڪائيءَ جي ونڊر: ڪتاب، ٽي وي ۽ يوٽيوب جا سياسي ۽ غير سياسي پروگرام وقت ڪاٽڻ لاءِ مددگار ٿيا. ٽي دفعا ٻاڦ، چوڻ ٿا اِن جو ڪورونا جي علاج ۾ سڌو سنئون ڪو واسطو ڪونهي، بس نڪ

ڪليل رهندو، سيني ۾ بلغم نہ ڄمندو. گرم مشروبات، سائي چانهہ ماڪي ملپل، ٽي دفعا ڏينهن ۾ پيئڻ سان تہ ڳلي جي خراش بهتر ٿئي ٿي.

منهنجي يارهين ڏينهن آڪسيجن جو مقدار گهٽيو 95 سيڪڙو ڪان گهٽجي ويو. بخار وري شروع ٿي ويو ۽ سي آر پي ٽيسٽ جيڪا انفيڪشن جي شدت کي ظاهر ڪندي آهي، وڌڻ لڳي. رات جو اسپتال وڃڻو پيو. سيني جو سي ٽي اسڪين (HRCT) ٿيو جنهن ۾ ڪجهہ خرابي نظر آئي. بس پوءِ مانيٽرنگ شروع ٿي وئي. وائرس خلاف دوا، ريمڊيسور ۽ اسٽيروائيڊ شروع ٿي ويا پنجن ڏينهن جو نسخو هيو. ٽي ڏينهن اسپتال ۾ داخل ٿي لڳرايم ۽ ٻہ ڏينهن گهران اسپتال اچي لڳرايم. آڪسيجن جي مقدار 98 سيڪڙو ٿي وئي. بخار لهي ويو ۽ سي آر پي بہ گهٽجي ويو. موت جي چنبي مان بچي ويس.

هڪ ڳالهہ جي خوشي ٿي تہ جڏهن کان گهڻي کان گهڻا ڊاڪٽر ڪورونا ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ بچي ويا آهن. اهي ڊاڪٽر هاڻي ڪورونا جي مريضن کي چڪاسين ٿا، ۽ انهن جو علاج ڪن ٿا. پهريان سينيئر(ماهر) ڊاڪٽر مريضن وٽ، اندر وارڊ ۾ ۽ آءِ سي يو ۾ ويندا ئي نہ هئا، جونيئر ڊاڪٽر ۽ نرسون مريضن کي ڏسنديون هيون. هن ٻئي مرحلي ۾ گهڻ ۾ گهٽ ڊاڪٽرن جو پيئو پڳو آهي ۽ مريضن جو علاج ٿئي پيو. پهريان سينيئر ڊاڪٽر فائل جو علاج ڪندا هئا، ٻاهران ٻيهي هدايتون ڏيندا هئا، پر هاڻي ڊاڪٽرن جو پاڻ، ڪورونا کان متاثر ٿيڻ ڪري هُو پاڻ کي ڪجهہ محفوظ ٿا سمجهن. ائين ئي صحيح، گهٽ ۾ گهٽ مريض جو علاج تہ ٿئي ٿو. گهڻائي جاکوڙي ڊاڪٽرن ۽ نرسن جي آهي، جيڪي ميدان تي ڄميا بيٺا آهن.

باقي جيڪي بچيل آهن، ڪورونا نہ لڳو اٿن، انهن کي ويڪسين ئي بچائيندي. ماسڪ پائڻ ضروري آهي، فاصلو رکڻ بہ ضروري آهي ۽ هٿ بہ ڌوئجن. گهرن جا گهر متاثر ٿيا آهن. منهنجي هڪ ڪم ٻائي پنهنجي پوري خاندان سان نوابشاهہ وڃي پڪنڪ ڪئي. ان جو سالو 6 سالن ڪانپوءِ دبئيءَ کان آيو هو ۽ ماءُ ۽ ڀينرن سان مليو. سڄو گهر ڪورونا کان متاثر ٿيو ۽ همراهہ جي امڙ جيئن تہ وڏي عمر جي

هئي، اها سڀ نہ جھلي سگھي ۽ مري وئي. پاڻ همراھ بہ اسپتال ۾ داخل رهيو. سچو مزو خراب ٿي ويس. احتياط جي اجا بہ سخت ضرورت آهي. اهو وائرس خطرناڪ آهي. ماڻهو ٿو ماري. جي ماري نہ ٿو تہ نبل ضرور ٿو بڻائي.

ہہ ڏينهن اڳ ڊاڪٽر فيصل، جيڪو وزيراعظم جو ڪورونا تي صلاحڪار آهي، ان لاءِ پڙهيم تہ، هو چوي ٿو تہ، "انهن اجا ويڪسين خريد ئي ناهي ڪئي." اسان جا حڪمران عوام دوست ڪونهن. ويڪسين خريد نہ ڪرڻ جو مقصد ڇا آهي؟ اجا هو سوچين ٿا. ڪڏهن ويڪسين خريد ڪندا؟ خبر ڪونهي.

# ڪورونا جي ٽين لهر
# هاڻي ٻارڙا بہ محفوظ نہ رهيا

هن وقت دنيا مصيبت ۾ آهي. آمريڪا جي انفڪيشن ڪنٽرول واري اداري - سي ڊي سي (CDC) چيو آهي تہ، آمريڪا ۾ پنج نوان ڪورونا جا قسم ڏٺا ويا آهن، جن تي تحقيق جاري آهي. اهي وڌيڪ خطرناڪ بہ ٿي سگهن ٿا. ٽين دنيا لاءِ ڪورونا کان بچڻ. هڪ ئي رستو آهي ٽين دنيا وٽ وسيلا ڪونهن، ويڪسين ڪونهي ۽ اسپتالون ڪونهن. اسپتالون آهن تہ ايترا بسترا ڪونهن، آڪسيجن ۽ وينٽيليٽر ڪونهن، تہ پوءِ جانيون بچائڻ جو ڪهڙو حل آهي؟ اهو فقط بچاءُ آهي، احتياط آهي.

ڪورونا جي ٽئين لهر ماهرن کي اِن ڪري منجهائي وڌو آهي، ڇاڪاڻ جو اِها ٻارن ۾ تيزيءَ سان وچڙي رهي آهي. نوان ڇاول ٻار بہ هن ٽئين ۽ خطرناڪ لهر ۾ متاثر ٿي رهيا آهن. اِهو تشويشناڪ آهي. پهرين ۽ ٻئي لهر ۾ چيو پئي ويو تہ ٻارن لاءِ ڪورونا خطرناڪ ڪونهي، پر هاڻي اهو ٻارن ۾ بہ خطرناڪ ٿيندو پيو وڃي. ٻارن ۾ وڏن جي ڀيٽ ۾ موت جو انگ گهٽ آهي، پر ٻار وائرس کي وچڙائڻ ۾ وڏو سبب بڻجي رهيا آهن. ماهر چون ٿا تہ، "هن دفعي ٻارن ۾ ڦڦڙن جو انفيڪشن ڏٺو ويو آهي. اسين ٽئين لهر کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون پيا.انڊيا جو حال ڏسي اسان جي پريشاني وڌي ويئي آهي، ڇاڪاڻ جو اسان جا ماڻهو بہ احتياط ڪونہ ٿا ڪن، ماسڪ ڪونہ ٿا پائين، ميلا ملاکڙا جاري آهن، شاديون ٿين پيون ۽ گڏجاڻيون جاري آهن.

پاڪستان، بنگلاديش، انڊونيشيا، انڊيا ۽ فلپائن جتي ڪجھ مهينا اڳ ڪورونا جا مريض گهٽا گهٽجي ويا هئا، هاڻ انهن ملڪن ۾

مريض وڌڻ لڳا آهن. پاڪستان ۾ ڪورونا متاثر ماڻهن جو تعداد 8 لکن کان وڌيڪ ٿي چڪو آهي ۽ 17 هزار کان وڌيڪ ماڻهو موت جي ور چڙهي ويا آهن. ٽئين لهر ۾ ڪورونا متاثر ماڻهن جو تعداد پهرين ۽ ٻئي لهر جي ڀيٽ ۾ تيزيءَ سان وڌيو آهي. بنگلاديش ڊاڪٽر فائونڊيشن جي چيئرمين محترم پاويل جو خيال آهي تہ ٽن هفتن جو مڪمل لاڪ ڊائون ڪيو وڃي، تہ جيئن هن ٽين لهر سان منهن ڏئي سگهجي. هن وڌيڪ چيو تہ، جڏهن کان بين الاقوامي اڏامن کي بنگلاديش اچڻ جي اجازت ڏني وئي آهي، تڏهن کان برطانيا ۽ آفريڪا وارا وائرس جا نمونا ملڪ ۾ ڏٺا ويا آهن. ويڪسين بہ فوري حل نظر ڪونہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ مٿين ملڪن جي 2 ارب آباديءَ کي ايترو جلدي ويڪسين نہ ٿي هڻي سگهجي.

پاڪستان ۾ جنهن طرح جي رفتار آهي، هتي سال لڳي ويندا. پاڪستان جي ويڪسينيشن جي رفتار کي ڏسندي ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ هن ۾ 9 سال لڳي ويندا. برازيل ۾ تہ 60 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهن کي ڪورونا لڳو، پر چون ٿا تہ برازيل ۾ جن ماڻهن کي ڪورونا ٿي ويو، انهن کي وائرس جي ٻئي نموني متاثر ڪيو. احتياط آهي پاڻ کي ڪورونا کان بچائڻ، اهو ئي ان جو حل آهي. وائرس پاڻ کي وڏو عرصو زنده رکڻ لاءِ تبديل ٿيندو رهندو آهي. اهو ان جي خصلت ۾ شامل آهي، تنهنڪري انسانذات کي هر وقت ڦرتي ڏيکارڻي آهي ۽ حالتن پٽاندڙ فيصلا ڪرڻا آهن. جرمنيءَ جي اينجلا مرڪل ٽين لهر ۾ سخت اُپاءَ وٺڻ جي حمايت ڪئي آهي. هوءَ چوي ٿي تہ، اهو اسان لاءِ نئون آهي، تنهنڪري اُپاءَ بہ اهڙا ئي وٺڻا پوندا. جرمنيءَ ۾ ويڪسينيشن تيزيءَ سان جاري آهي، پر اڃا 20 سيڪڙو ماڻهن کي پهرين خوراڪ ملي سگهي آهي. جرمنيءَ ۾ هڪ ڏينهن ۾ 23 هزار نوان ڪيس رپورٽ ٿيا ۽ 5 هزارن کان وڌيڪ آءِ سي يو ۾ داخل آهن.

هن وقت دنيا مصيبت ۾ آهي. آمريڪا جي انفڪيشن ڪنٽرول واري اداري - سي ڊي سي (CDC) چيو آهي تہ، آمريڪا ۾ پنج نوان

ڪورونا جا قسم ڏٺا ويا آهن، جن تي تحقيق جاري آهي اهي وڌيڪ خطرناڪ بہ ثي سگهن ٿا. هيل تائين تہ اها خبر آهي تہ ويڪسين جيڪا دنيا ۾ موجود آهي، اُها نون قسمن تي اثر ڪندي ۽ بيو فاصلو، ماسڪ ۽ هٿ ڌوئڻ؛ جيترو ٿي سگهي ماڻهن کان پري رهڻ ڪارائتا ثابت ٿيندا. آمريڪا ۾ ويڪسينيشن وارو عمل تيزيءَ سان جاري آهي. صدر جوبائيڊن پنهنجي پهرين 100 ڏينهن ۾ 20 ڪروڙ ماڻهن کي ويڪسين لڳرائي آهي ۽ اهو تيزيءَ سان جاري، انڊيا 6 ڪروڙ ماڻهن کي ويڪسين لڳائي ٻئي نمبر تي آهي، پر ماڻهن جي بي احتياطي ۽ ڪنڀ ميلي ۾ ڪروڙ ماڻهن جي شرڪت (جيڪي سڄي هندستان مان اُتي پهتا هئا) ۽ هولي جو تهوار ۽ اليڪشن جا جلسا. انهن گڏجي انڊيا کي مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ماڻهو تيزيءَ سان مرن پيا.

اسان وٽ بہ احتياط ڪونهي. اڪثر ماڻهو چون ٿا تہ، ڇا جو ڪورونا؟ ۽ ماسڪ پائڻ وارن تي کلن ٿا. ان وقت هو پاڻ کي بهادر ۽ سامهون واري کي ڪانئر ٿا سمجهن. ها، جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو گهرياتي، يار، دوست متاثر ٿيو آهي تہ، هو ڪورونا کي سمجهي ٿو. نوان ڪورونا جا قسم اچا تہ ٿيق هيٺ آهن، پر چون ٿا تہ سوچڻ جي ڳالهہ آهي، احتياط ۽ ويڪ بين. انڊيا جي ڊبل ميوٽنٽ وائرس قهر ڪري ڇڏيا آهن، پر وري بہ بچاءَ احتياط ۾ آهي. وائرس جو نمونو ڪهڙو بہ هجي، ماسڪ پائڻ، هٿ ڌوئڻ، فاصلو رکڻ ۽ چرپر کي گهٽائڻ ئي بچاءَ جو طريقو آهي. اسان وٽ ويڪسين بہ پوري ڪونهي اسپتالن ۾ ايترين سهولتن ۽ گنجائش ڪونهي، تنهنڪري احتياط ئي ان جو حل آهي. نشانيون گهٽ ڪري ساڳيون ئي آهن: بخار، ڳلي ۾ خراش، جسم ۾ سور، مٿي ۾ سور، سنگهڻ ۽ چکڻ جي صلاحيت ختم ٿيڻ، ڪجھ ماڻهن ۾ دست، اکين جو اُتي پوڻ ۽ جسم تي نشان ۽ آڱرين ۽ نهن جو رنگ تبديل ٿيڻ. اهي علامتون جڏهن بہ ڏسو تہ ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو ۽ اهم ڳالهہ آهي احتياط. ويڪسين بہ ضرور لڳايو.

# ڪورونا ويڪسين اربين ماڻهن کي لڳي وئي

اج تائين يعني مئي 2021ع ۾ ڪُل هڪ ارب پنجهٺ ڪروڙ ماڻهن کي ويڪسين جي هڪ خوراڪ لڳي چڪي آهي. جڏهن تہ ستٽيهہ ڪروڙاسي لک ماڻهن کي ٻئي خوراڪون لڳيُ چڪيون آهن. پاڪستان ۾ تقريباً پنجاه لک ماڻهن کي هڪ خوراڪ ملي چڪي آهي ۽ تقريباً 12 لک ماڻهن کي ٻئي خوراڪون ملي چڪيون آهن. چائنا، آمريڪا، انڊيا ۽ برطانيہ ترتيبوار ويڪسين لڳائڻ ۾ پهرين، ٻئي، ٽئين ۽ چوٿين نمبر تي آهن. اِهو سلسلو جاري آهي. هن وقت تائين، ڪُل ويڪسين جا 15 قسم تيار ٿي چڪا آهن، اڃا جستجو جاري آهي. جيترو جلد ويڪسين لڳائي ويندي اوترو جلد دُنيا پنهنجي معمول تي اچي ويندي. غريب ملڪ اِن ۾ پوئتي پيل آهن سواءِ انڊيا جي. انڊيا هوندئن بہ ويڪسين ٺاهڻ ۾ اڳيرو آهي ۽ دُنيا ۾ ويڪسين جو ڪاروبار ڪندو آهي. مختلف ويڪسين تجربي جي هيٺين مرحلن تي آهن. 50 فيز هڪ ٽرائل، 37 فيز بہ ٽرائل ۽ 27 فيز ٽي ٽرائل ۾ آهن. 77 ٻيون ويڪسين انسانن کان اڳ يعني جانورن ۾ تجربي تي آهن. پاڪستان ۾ اج تائين 903،599 ماڻهو ڪورونا ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن ۽ 20،400 ڪورونا وگهي مري ويا آهن. اهو انگ وڌندو پيو وڃي. ڪجهہ ڏينهن اڳ پنجاب ۾ مريضن جي تعداد ۾ واڌ آئي آهي، هاڻي لڳي پيو تہ سنڌ جو وارو اچڻو آهي. سنڌ سرڪار عوامي ميل جول تي سختيون وڌائي ڇڏيون آهن، دُنيا ۾ اج سوڏو 168،598،040 يعني سورنهن ڪروڙ پنجاسي لک اٺانوي هزار چاليهہ ماڻهو ڪورونا کان متاثر ٿيا آهن. 3،499،167 يعني چوٽيهہ لک نوانوي هزار هڪ سو ستهٺ ماڻهو ڪورونا وگهي مري چڪا آهن. اِهو سلسلو جاري آهي. دُنيا جو سائنسي مواد پڙهڻ بعد سڏ پئي تہ مردانگي ۽ سنڌ

پٺي تي ويڪسين جو ڪوبہ منفي اثر ڪونهي ۽ ٻئي ڏيون متاثر ڪونہ ٿيون ٿين. ٿورا گهڻا هيٺيان اُگرا اثر ٿورن ماڻهن ۾ ڏٺا ويا آهن خاص ڪري مٿي جو سور، بخار (هلڪو)، جسم ۾ سور، سُئي لڳڻ واري جڳهہ تي هلڪي سُور جون علامتون مليون آهن پر سيني ۾ نہ. تنهن ڪري اڄ تائين دُنيا جي صحت واري اداري WHO ۽ انفيڪشن کي قابو ڪرڻ واري آمريڪي اداري CDC ويڪسين کي لڳرائڻ تي زور پريو آهي. غريب ملڪن جي واهر ڪرڻ جي ضرورت آهي، دُنيا جي صحت واري اداري WHO ۽ يونائيٽيڊ نيشن جي اها ذميواري آهي تہ اُهي غريب ملڪن جي غريب عوام جي واهر ڪن.

تحقيق اِهو بہ ثابت ڪيو آهي تہ ويڪسين لڳرائڻ جي 12 ڏينهن کانپوءِ ڪورونا ٿيڻ جو خطرو گهٽو گهٽجي وڃي ٿو ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو اِهو خطرو گهٽبو ويندو. هڪ ٻي تحقيق جيڪا 271 ڏينهن لاءِ ڪئي وئي ۽ ڏٺو ويو تہ جن مان ماڻهن ويڪسين لڳرائي آهي 271 ڏينهن ڪورونا کان محفوظ رهيا. تنهن ڪري ويڪسين لڳرائڻ گهرجي ويڪسين لڳرائڻ وارن ۾ جيڪڏهن ڪورونا ٿئي بہ اٿو تہ اُهي شديد ڪونہ ٿو ٿئي. تنهنڪري ويڪسين لڳرائڻ جا فائدا گهڻا آهن. ڏيڍ ارب کان مٿي ماڻهو ويڪسين لڳرائي چڪا آهن اهو بہ هڪ ويڪسين جي هاڃيڪار نہ هجڻ جو وڏو ثبوت آهي. ويڪسين هميشہ جان بچائي ٿي اُها ويڪسين وڏي ماتا، ٽي بي، ٽائفائيڊ، ڪارو ڪامڻ، پوليو، ميزلس (ننڍي ماتا) جي هجي يا ڪٽي ڪورونا جي ويڪسين لڳايو، ضروري لڳايو.

پيڪاڪ

پيڪاڪ پبلشرس سنڌ

ڪورونا سڀ کي ڊيڄاري ڇڏيو، ڪنبائي ڇڏيو ۽ ٻڌائي ڇڏيو ته انسان ترقي ته ڪئي آهي پر موت کي مات ڏئي، اڃا اِن اُوچائي تي نه پهتو آهي. جيترا ماڻهو هن گذريل ڏيڍ سال ۾ هن دنيا کي ڇڏي ويا آهن. ان جو حساب ته چڱيءَ طرح تڏهن ڪري سگهبو جڏهن ڪورونا جو بادل بلڪل صاف ٿي ويندو. هينئر ته جيئن ماڻهو خبرون ڏسي ٿو، اڃا ڊڄي وڃي ٿو. ان زماني ۾ بهادر اهو آهي جو واڳن جي منهن ۾ هٿ وجهي ۽ ان جون ڄاڙِيون به اڏ ڪري ڇڏي، ۽ اُهي بهادر ماڻهو آهن ڊاڪٽر، نرسون ۽ سپورٽ اسٽاف، جو جڏهن گهر وارا به آس پاس ڪونهن تڏهن به بيمار سان بيٺا آهن، ڏينهن رات نگراني ڪن ٿا ۽ موت جي منهن مان ڇڏائي اچن ٿا.

مرلي جي تعريف آئون ڇا ڪريان، مون وٽ ته اُهي لفظ ئي ڪونهن جوان جي خدمت، بي غرض خيال ۽ علاج جي باري ۾ ڪجهه چوان. ان جا مداح اُهي مريض آهن. جي ڏينهن رات دُعائون ڪندا رهن ٿا، مان صرف ايترو چوندس ته هن سڄي پريشاني ۽ تڪليف ۾ به هن نه صرف مريضن جو علاج جاري رکيو، پر آگاهي جي اُها جنگ به جاري رکي، جيڪا قلم سان ڪجي ٿي.

ڪورونا هڪ ڳوڙهي بيماري آهي جا ڦڦڙ، آنڊن ۽ دل تي به اثر ڪري ۽ ڦڦڙن تي بيماريءَ مان نڪرڻ کان پوءِ به پنهنجا پيرا (Fibrosis) جي صورت ۾ ڇڏي وڃي ٿي، ان کي سولي سنڌي ۾ سمجهائڻ ۽ بيماري جي مختلف ڪيفيشن کي ٻڌائڻ، بابت جامع ڄاڻ هن ڪتاب ۾ توهان کي نظر ايندي.

توڻي جو مرلي علاج ڪندي پاڻ به انهيءَ بيماري جو شڪار به ٿيو، پر هڪ به شڪايت نه ڪيائين ۽ گهر ۾ ئي هڪ ٻي ڪمري ۾ Isolate ٿي ويو ۽ ٻن هفتن ۾ بيماري کي پڄائي ڪڍيائين. چوڻ جو مقصد آهي ته بيماري ته موجود آهي وڌي پيئي، ٽئين لهر جيڪا پهريان کان وڌيڪ آهي، ان کي فرد جي صورت ۾ ۽ ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي مؤثر پاليسي جوڙي ان کي رائج ڪرڻ جي ضرورت آهي.

جيستائين هر هڪ ماڻهو Vaccine نه ڪرائيندو، اسان مان ڪو به بچي نه سگهندو. انڪري اسان کي غير معمولي اپاءَ وٺڻا پوندا

**پشپا ولڀ**
ڪراچي

kaptan abro

ISBN # 978-969-9714-80-5
Rs.200/-